# سنڌ سپيتا

## (تاريخي ماڳ ۽ شخصيتون)

## عنايت الله ڪٽياڻ

ڇپائيندڙ: رشيد صابر آرٽس سرڪل

پاران: سنڌ هسٽري اويئرنيس فورم

ڊجيٽل ايڊيشن:

2020ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ آهن.

ڪتاب : **سنڌ سپيتا**

موضوع : **تاريخي ماڳ ۽ شخصيتون**

ليکڪ : **عنايت الله ڪٽياڻ**

ڇاپو : **پهريون ـ مئي** 2017

تعداد : **1000 ڪاپيون**

ڪمپوزنگ : اڪرام چانڊيو

ٽائيٽل ۽ پيج ميڪنگ : **اشفاق گهانگهرو**

پروف ريڊنگ : **جمال ڄامڙو**

ملهه : **350 روپيه**

ڇپائيندڙ:

رشيد صابر آرٽس سرڪل

پاران:

سنڌ هسٽري اويئرنيس فورم

رابطي لاءِ : 0345_3343003

**ڪتاب ملڻ جو هنڌ :**

Printpoint

سچل ڳوٺ، نزد پي سي ايس آءِ آر ليبارٽري سپارڪو روڊ ڪراچي سنڌ.

www.sindhsalamat.com

# ارپنا



ارپيان ٿو پنهنجي پهرين ڪتاب جو هي پورهيو

پنهنجي والد **آخوند ابوبڪر ڪتياڻ** کي

آءُ جڏهن ٻارهن سالن جو هئس ته بابا سائين وفات ڪري پرلوڪ پڌاري ويو. بابا سائين اهو شخص هو جو جڏهن ٻارهن سالن جو هئس ته بابا سائين وفات ڪئي پر نندي هوندي ئي مونکي تفريحي ماڳن، نمائشن ۽ مختلف پروگرامن ۾ وٺي ويندا هئا ۽ مونکي معاشري ۾ عزت سان اٿڻ ويهڻ ۽ گھمڻ ڦرڻ جاڳڻ سيکاريائون. بابا سائينءَ مون کي مختصر نصيحتون ڪيون ۽ انهن تي عمل ڪرڻ به سيکاريائون. هڪ ته استاد کان سواءِ ڪنهن کي نوڙي نه ملجانءِ ٻيو ته ڪنهن به وقت موقعي پرستي نه ڪجانءِ. گهڻ ڪائجي پر سڻو ڪائجي. الله پاڪ بابا سائينءَ کي جنت الفردوس ۾ جڳهه عطا فرمائي. آمين.

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”سنڌ سپيتا“** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب ليکڪ ۽ محقق **عنايت الله ڪٽياڻ** جي تحقيقي مضمونن، سفري احوالن ۽ شخصيتن بابت لکيل ڪالمن جو مجموعو آهي.

هن ڪتاب ۾ سنڌ جي تاريخي ماڳن ۽ تاريخي شخصيتن بابت مضمون آهن جيڪي مختلف وقتن تي اخبارن ۾ ڇپيل آهن. ڪتاب ۾ هر مضمون جي آخر ۾ هن جي ڇپجڻ جي تاريخ ۽ اخبار جو نالو به لکيل آهي ان ڪري هر مضمون کي ان جي ڇپجڻ جي تاريخ کي نظر ۾ رکندي پڙهيو وڃي ته اوهان کي صحيح ڄاڻ ملندي.

تاريخ هڪ خشڪ موضوع آهي پر عنايت الله ڪٽياڻ ان کي سفرنامي واري انداز ۾ لکي دلچسپ بڻائي ڇڏيو آهي جنهن ڪري اوهان کي بوريت محسوس نه ٿيندي ۽ تاريخ جي ڄاڻ ۾ اضافو ٿيندو.

هي ڪتاب 2017ع ۾ **رشيد صابر آرٽس سرڪل پاران سنڌ هسٽري اويئرنيس فورم، ڪراچي** جي سهڪار سان ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون عنايت ڪٽياڻ صاحب جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي ۽ ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**

# پبلشر پاران

هيءُ سنڌ جي تاريخ تي لکيل ڪتاب آهي جنهن ڪري تمام اهم آهي جيڪو سنڌ جي سنجيده ادب ۾ هڪ اضافو ٿيندو. هن ڪتاب جو ليکڪ عنايت الله ڪتياڻ سنڌ سان عشق رکندڙ انسان آهي. هن ڪتاب ۾ سنڌ جي تاريخي ماڳن ۽ تاريخي شخصيتن بابت مضمون آهن جيڪي مختلف وقتن تي اخبارن ۾ ڇپيل آهن. ڪتاب ۾ هر مضمون جي آخر ۾ هن جي ڇپجڻ جي تاريخ ۽ اخبار جو نالو بہ لکيل آهي ان ڪري هر مضمون کي ان جي ڇپجڻ جي تاريخ کي نظر ۾ رکندي پڙهيو وڃي تہ اوهان کي صحيح ڄاڻ ملندي.

تاريخ هڪ خشڪ موضوع آهي پر عنايت الله ڪتياڻ ان کي سفرنامي واري انداز ۾ لکي دلچسپ بڻائي ڇڏيو آهي جنهن ڪري اوهان کي بوريت محسوس نہ ٿيندي ۽ تاريخ جي ڄاڻ ۾ اضافو ٿيندو. اسان کي پوري اميد آهي تہ هي ڪتاب اوهان کي پسند ايندو ۽ اوهان جي سنڌ جي تاريخي ماڳن ۾ دلچسپي پيدا ڪندو ۽ وڌائيندو جنهن مقصد لاءِ ليکڪ هي پورهيو ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ تاريخي ماڳن جون تصويرون بہ آهن ۽ تاريخ جي شاگردن لاءِ مختلف ڪتابن جا حوالا بہ ڏنا ويا آهن.

اسان جو ادارو سنڌ جي تاريخي ماڳن بابت لکيل هيءُ ڪتاب ڇپائڻ تي خوشي محسوس ڪري ٿو ۽ پوري اميد آهي تہ ليکڪ جو پورهيو ۽ اسان جي پيشڪش اوهان جي ڄاڻ ۾ اضافو ڪندي ۽ اميد تہ اوهان هن ڪتاب کي پسند ڪندا.

**رضوان صابر**

رشيد آرٽس سرڪل

# مهاڳ

پياري دوست، قومي ڪارڪن ۽ هڪ ئي آفيس ۾ ڪم ڪندڙ عنايت ڪٽياڻ سان جڏهن به ملبو ته پنهنجائپ جو احساس ٿيندو آهي. ڪچهريءَ جو هميشه موضوع سنڌ، سنڌ جي قومي تحريڪ، ادب، ماڳ مڪان ۽ انهن جي تباهي رهندو آهي.

عنايت ڪٽياڻ جو ماضيءَ ۾ ادب سان لاڳاپا هئڻ ڪري سندس مطالعو وسيع آهي. جڏهن به هو ڪيڏانهن گهمڻ ويندو آهي ته پوءِ اچي انهيءَ سفر بابت، اتان جي ماڻهن، رهڻي ڪهڻي ۽ قديم آثارن تي بحث ڪندو آهي. دوستن جي صلاح سان عنايت انهن تي لکڻ شروع ڪيو ۽ تحريرن ۾ هن پنهنجا تجربا ماڻهن سان شيئر ڪيا. جڏهن به سندس ڪو مضمون ڪنهن اخبار ۾ ڇپجندو هو ته فون ڪري چوندو هو ۽ تاڪيد ڪندو هو ته "مضمون پڙهو پر تبصرو ضرور ڪيو ۽ منهنجي خامين جي نشاندهي ڪريو". عنايت جي اها روايت، پنهنجائپ هميشه چڱي لڳي. ادبي سرڪل نه هئڻ ڪري اسان پنهنجون لکڻيون هڪ ٻئي سان شيئر ڪري سگهون ٿا ۽ انهن تي بحث ڪري سگهون ٿا. هر علائقي ۾ دوست اهڙا سرڪل جوڙين، هفتي ۾ هڪ ڀيرو ويهي پنهنجن لکڻين تي چنڊ ڇاڻ ڪن، جنهن سان نوجوان لکندڙ کي هڪ ڏس ۽ رستو ملندو. انهن جي حوصلا افزائي ٿيندي، جنهن سان تحقيقي ۽ تخليقي ادب ۾ جيڪو جمود آهي اهو ٽٽي سگهي ٿو.

عنايت ڪٽياڻ جو هي ڪتاب "سنڌ سپيتا" عنايت جي مختلف اخبارن ۾ ڇپجندڙ مضمونن جو مجموعو آهي، جيڪي سفري نوٽس سان گڏ تاريخي مضمون به آهن. جڏهن عنايت ڪٽياڻ ڪتاب جي مهاڳ لکڻ لاءِ چيو ته مصروفيتن جي باوجود هن نفيس ۽ پياري دوست کي جواب ڏيئي نه سگهيس.

عنايت ڪٽياڻ ۾ لکڻ جو ڏانءُ آهي. هن جي قلم ۾ مناس ۽ چاشني سان گڏ درد به آهي. عنايت پنهنجو مطالعو ۽ مشاهدو اڃان به وسيع ڪري ته تاريخي ادب جو

هڪ بهترين سرمايو ثابت ٿي سگهندو. تاريخ خشڪ موضوع آهي، جنهن ڪري گهڻا نوان ۽ نوجوان ليکڪ ۽ پڙهندڙ هن پاسي گهٽ ڌيان ڏين ٿا. تاريخ ۽ تحقيق لاءِ مطالعو ۽ مشاهدو انتهائي ضروري آهي. تحقيق لاءِ انهن ماڳن مڪانن تائين پهچڻ ضروري آهي جن تي اسان لکڻ چاهيون ٿا نه ته اوهان تاريخ ۽ تحقيق سان انصاف نه ڪري سگهندا.

تاريخ خشڪ موضوع هئڻ ڪري گهٽ پڙهيو ويندو آهي. مون جڏهن تاريخ تي لکڻ شروع ڪيو ته هن کي نئون انداز ڏنو. هن کي سفرنامي طور دلچسپ بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي. جڏهن به ڪنهن تاريخي عمارت، ماڳ مڪان ڏانهن ويندو هوس. سفر جي احوال، ماڻهن جي مشاهدي، آسپاس جي تاريخ، رهڻي ڪهڻي، مسئلن جو ذڪر ڪري پنهنجي مطلب جي ڳالهه به لکي ويندو هوس، جنهن جي ڪري پڙهندڙن ۾ واڌارو ٿيندو ويو. انهيءَ طريقي تي نقادن تنقيدون به ڪيون منهنجو مقصد آهي ته پڙهندڙ آساني سان مون سان گڏ انهيءَ ماڳ، تاريخي جاءِ يا عمارت تائين پهچي، جيڪو طريقو ڪامياب رهيو هاڻي گهڻا محقق، تاريخ جا لکندڙ انهيءَ طريقي کي اپنائي لکي رهيا آهن ته پڙهندڙن ۾ به واڌارو ٿي رهيو آهي ۽ نوان لکندڙ تاريخ ڏانهن اچي رهيا آهن.

مون کي خوشي ٿي رهي آهي ته عنايت به تاريخي مضمونن ۾ انهيءَ طريقي کي اختيار ڪيو آهي. ڪتاب ۾ تاريخي جاين ۽ ماڳن جو احوال سفري نوٽس آهن، جنهن سان پڙهندڙن کي بوريت جو احساس نه رهندو.

عنايت ڪنڀاڻ، دوستن سان ٿر وڃي ٿو ته امر ڪوٽ کان ننگرپارڪر تائين پوري سفر جو داستان بيان ڪري ٿو ته تاريخ ۽ تحقيق جي ڳالهه به ڪري ٿو. ماڻهن سان انهن علائقن، ماڳن، مڪانن، مندرن، مسجدن ۽ جبلن بابت معلومات حاصل ڪري پڙهندڙ تائين پهچائي ٿو.

عنايت جي لکڻي نهايت سادي ۽ معنيٰ سان ڀريل آهي. جنهن جي ڪري عنايت جو قديم تاريخي ماڳن ۽ ڪجهه تاريخي شخصيتن تي لکيل هي ڪتاب پڙهندڙ شوق سان پڙهندا ۽ تاريخ جي شاگردن لاءِ دلچسپ ۽ ڪارائتو

پڻ آهي.

عنايت ڪٺياڻ جو هن ڪتاب ۾ سفري نوٽس سان گڏ تاريخ جا تروراً بہ آهن. هن ڪتاب جو پهريون مضمون، سنڌ جي قديم ۽ تاريخي قلعي ”رني ڪوٽ“ بابت آهي. رني ڪوٽ تي گهڻو ڪجهہ لکيو ويو آهي. هر پيري هر لکندڙ ڪوٽ بابت نيون ڳالهيون ظاهر ڪري ٿو. عنايت جو هي مضمون مختصر پر هڪ ڀرپور مضمون آهي. هو پنهنجي سفر سان گڏ سرسري طور ”رني ڪوٽ“، هن جي مختلف حصن، برجن ۽ نئن جو ذڪر ڪري ٿو.

رني ڪوٽ بابت مختلف رايا آهن. اڃان تائين محقق ڪنهن هڪ ڳالهہ تي متفق نہ آهن تہ هي قلعو ڪهڙي دور ۾ ڪنهن ۽ ڪهڙن مقصدن لاءِ ٺاهيو ويو آهي؟ ڪن محققن ڪوٽ کي ”ديوار ڪلهوڙا“ قرار ڏيئي اها ڳالهہ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ ”رني ڪوٽ“ ڪلهوڙن حڪمرانن جو ٺاهيل آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، اشتياق انصاري ۽ ٻين جو خيال آهي تہ هي ”ڪوٽ“ ٽالپرن جو ٺهرايل آهي. شمس الدين قريشي ۽ بدر ابڙي مطابق هي نيرون ڪوٽ آهي.

مير حسن علي خان ٽالپر ”1909ع – 1824ع“ پنهنجي سنڌي مثنويءَ ”شاهہ نامہ سنڌ“ ۾ دعويٰ ڪئي آهي تہ ”رني ڪوٽ“ مير ڪرم علي خان ۽ مير مراد علي حڪومتي دور (1244 – 1227هہ) ۾ ٺهيو. قلعي جي اڏاوت تي 17 لک رپيا خرچ آيو. جيڪو نواب ولي محمد لغاريءَ جي نظرداريءَ ۾ مڪمل ٿيو.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي مضمون ”سنڌ جو شاهي قلعو“ رني ڪوٽ، ۾ لکي ٿو تہ هي قلعو ٽالپرن جي دور ۾ تعمير ٿيو ۽ قلعو جو نالو ”علي آباد“ رکيو ويو. جيڪو 1815ع ۾ ٺهڻ شروع ٿيو ۽ 1819ع ۾ ٺهي راس ٿيو. بلوچ صاحب ان دور جي شاعر غلام علي مائل جي هڪ فارسي شعر جو حوالو ڏئي ٿو جنهن ۾ قعلي بابت، اڏاوت ۽ علي آباد جو ذڪر آهي.

سن 1845ع ۾ ڪراچيءَ جي ڪليڪٽر ۽ مئجسٽريٽ ايچ ڊبليو پريڊي هن قلعي بابت سنڌ جي گورنر چارلس نيپيئر کي رپورٽ پيش ڪئي هئي. هي

رپورٽ برٽش انڊيا آفيس لائبريري لنڊن جي رڪارڊ ۾ محفوظ آهي. قلعي جي تعمير بابت هو لکي ٿو تہ ”هي شاهي قلعو ٺيهہ سال اڳ مير مراد علي جي حڪم تي تعمير ٿيو.“ (ڏسو ڪوهستان جو سفر – بدر ابڙو – صفحو 401 ۽ 402)

رني ڪوٽ بابت سڀ کان پهرئين 1956ع ۾ ”آئينہ قديم سنڌ“ جي ليکڪ ميان شمس الدين قريشي مطابق هي قلعو چچنامي وارو نيرون ڪوٽ آهي.

ڪرنل رشيد جو هڪ مقالو جيڪو 1965ع ۾ لاهور مان انگريزيءَ ۾ ڇپيو، جنهن ۾ هن ٽالپرن جي دعويٰ کي رد ڪندي لکيو تہ هي قلعو ستين ۽ ساسانين جي دور جو آهي. 26 مارچ 1981ع تي رني ڪوٽ ۾ هڪ سيمينار ٿيو. هن موقعي تي مختلف مقالا پڙهيا ويا. جنهن ۾ محقق ڪنهن نتيجي تي نہ پهتا ۽ بقول بدر ابڙي جي تہ رني ڪوٽ بابت عالمن جي راءِ هن ريت ورهائجي ويئي.

رني ڪوٽ اخميني بادشاهت واري دور (500 ق.م کان 325 ق.م) ۾ ٺهيو

رني ڪوٽ ستيو ساساني دور ۾ ٺهيو.

رني ڪوٽ عرب گورنر عمران بن موسيٰ برمڪي (835ع) ۾ ٺهرايو.

رني ڪوٽ چچنامي وارو نيرون ڪوٽ (712ع) آهي.

رني ڪوٽ ٽالپرن جي دور ۾ ٺهيو (بدر ابڙو – ڪوهستان جو سير)

بدر ابڙي موجب تہ اهو درست آهي تہ رني ڪوٽ جي آخري ۽ مڪمل مرمت ۽ واڌارا ٽالپرن جي زماني ۾ نواب ولي محمد لغاري جي نگرانيءَ ۾ ٿيا. ڪوٽ جا مختلف حصا پنجن ڇهن نوابن جي هٿان پنجن سالن ۾ سن 1815ع کان 1819ع دوران ٻيهر ٺهي تيار ٿيا پر اهو درست نہ آهي تہ رني ڪوٽ ان کان اڳ موجود ئي ڪونہ هو. شاهہ پير گيٽ وٽ ديوار مان ثابت آهي تہ ديوار مٿان ديوار ٺاهي وئي آهي. ٽالپرن کان سواءِ غلام شاهہ ڪلهوڙي جي دور ۾ اڏاوتون ٿيون آهن. رني ڪوٽ جي ديوارن تي انهن جي ڪاريگرن جا نشان موجود آهن. جن پوءِ ميان غلام شاهہ جي مقبري تي ڪم ڪيو. بدر ابڙي مطابق هي نيرون ڪوٽ آهي. بدر لکي ٿو تہ ”هن کي رني ڪوٽ مان ميريءَ جي پرسان اسلام جي شروعاتي ۽ سمن جي زماني جا سڪا بہ مليا آهن. (بدر ابڙو – ڪوهستان جو سير)

بهرحال رني ڪوٽ تي اڃان تحقيق هلندڙ آهي. هڪ ڏينهن محقق ضرور ڪنهن نتيجي تي پهچندا تہ هي ڪوٽ ڪڏهن، ڪنهن ۽ ڪهڙي مقصد لاءِ ٺهرايو؟ ڪابہ حتمي ڳالهہ هن وقت ڪرڻ ممڪن نہ آهي.

ڪتاب جو ٻيو مضمون امر ڪوٽ / عمر ڪوٽ بابت آهي، جيڪو عنايت ڪتياڻ جي ٿر ياترا جي شروعات آهي. عنايت امر ڪوٽ بابت بہ سرسري طور حوالن سميت ذڪر ڪيو آهي. پڙهندڙ کي تاريخ جي ڳتين ۾ الجهائڻ بجاءِ فقط ايتري معلومات ڏئي ٿو جيڪو عام پڙهندڙ چاهين ٿا. جيڪا قلعي جي تاريخ ۽ هاڻوڪي حالت بابت هڪ بنيادي معلومات آهي. هو حر يادگار (هنگوره معرڪي) بابت جيڪي ڪجهہ لکي ٿو اهو پڙهڻ وٽان آهي، جنهن سان هن ملڪ تي حڪومت ڪندڙن جي مائينڊ سيٽ جي خبر پوي ٿي.

امر ڪوٽ کان پوءِ مضمون ”ٿر ياترا“ جيڪو عنايت ڪتياڻ پنهنجن دوستن سان چوڙهيو جبل تائين ڪيو. جنهن ۾ ٿر، هتان جي ثقافت، رهڻي ڪهڻي، ڏڪن، گوڙي مندر، جين ڌرم بابت، مارئي، مارئيءَ جي کوهہ ۽ ملير بابت، ننگر پارڪر، چوڙهيو جبل ۽ امر شهيد روپلي ڪولهي بابت تاريخ جا ترورا ڏنا آهن تہ هاڻوڪي دور ۾ ٿر جي زندگيءَ بابت پنهنجا مشاهدا پڙهندڙن سان شيئر ڪيا آهن. جيڪي تاريخ جي شاگرد جي معلومات لاءِ ڪافي آهن. عنايت سفر سان گڏ پڙهندڙ کي تاريخ جي ڏکين رستن ڏانهن وٺي وڃي ٿو.

ٿر سموري جديد سماجي لاڙن ۽ سهولتن کان ڪوهين ڏور آهي. هي خطو قديم سنڌي سماج جو ڀرپور عڪس آهي ۽ هو اڄ بہ پر امن سماج ۾ ساهہ کڻن ٿا جيڪا سنڌ جي اصل سڃاڻپ آهي. هاڻي جڏهن ٿر ۾ ڪوئلو نڪتو آهي تہ ترقي جي نالي تي گوڙاٽي ڊيم وسيلي ٿر کي زهريلو ڪيو پيو وڃي جنهن جا اثر ٿر جي عام ماڻهن، ڪار وهنوار، معاشي مسئلن سان گڏ سماج تي بہ پوندا. شايد ٿر پنهنجي اصلي سڃاڻپ وڃائي وڃي.

ٿر ۾ پاڻي پرپندڙ پاڻياري اڄ بہ هن جديد ۽ ارتقائي ترقي واري دور ۾ بہ ٽي سؤ فٽن جي اونهائيءَ وارن کوهن مان پاڻي حاصل ڪري ٿي. جن جي ڏکن ۽

تڪليفن جا اولڙا اوهان کي عنايت ڪتياڻ جي هن ڪتاب ۾ ملندا.

عنايت ڪتياڻ ۾ سندس دوستن جو هي سفر اپريل جي مهيني ۾ ڪيو هو. جيڪو سنڌي سال جو چيٽ جو مهينو آهي ۾ اڄ جڏهن هي مهاڳ لکان پيو تہ چيٽ جو مهينو آهي. چيٽ لاءِ ٿر ۾ چوڻي مشهور آهي تہ ”چيٽ لڳين ميٽ“. هن مهيني ۾ گرمي ۾ موجود پاٽياٽ نڪرڻ ڪري بدن ۾ سستي پيدا ٿيندي آهي. جنهن ڪي آرس ۾ سستيءَ جو مهينو بہ سڏين ٿا. هن مهيني ۾ شين جي ڪوٽ ڪري وڏيڪ محنت ڪرڻي پوندي آهي. ٿر ۾ مشهور آهي جيڪو ماڻهو ”چيٽ جي پهرئين تاريخ تي ستو تنهن کي سستي نہ ڇڏيندي آهي.“ هن (چيٽ) مهيني ۾ نندڍ نياڳ جي نشاني آهي، جنهن لاءِ چيٽ جي سستي بابت اها چوڻي مشهور آهي تہ ”چيٽ تتو پلو، ويساک لڳو پلو.“ ويساک مئي جو مهينو آهي، جنهن ۾ گرم لڪ لڳڻ ڪري بارش ۾ مدد ملندي آهي.

ٿر وارا هميشہ وسڪاري جي اوسيئڙي ۾ رهندا آهن. وسڪاري ڪري وچڙيل جي ملڻ جو آسرو هوندو آهي چاڪاڻ تہ ڏڪار ۾ ٿري روزگار جي لاءِ ٿر ۾ پنهنجن ڪان وچڙي سنڌ جي ٻين ماڳن ڏانهن ويندا آهن ۾ وسڪاري ۾ وري اچي ملندا آهن جنهن ڪري ٿر ۾ اها چوڻي مشهور آهي تہ ”ڏڪار وڇوڙو، ميلاپ وسڪارو“

ٿر ياترا کان پوءِ جيڪي مضمون آهن اهي سنڌ جي تاريخي قبرستان مڪلي بابت آهن. مختلف مقبرن، درگاهن بابت چڱي معلومات ڏنل آهي. مقبرن ۾ ڄام نندي، ڄام تماچي، دولهہ دريا خان ۾ عيسيٰ خان ترخان جي مقبرن. انهن جي اڏاوت ۾ تاريخ بابت مختصر احوال ڏنل آهي ۾ حوالا پڻ ڏنا ويا آهن. ماتا پواني مندر جنهن جو تعلق ڪراچي جي رتنيشور مندر ۾ هنگلاج ماتا سان آهي. جيڪڏهن عنايت گنجي ٽڪر کان مڪلي، ڪراچي، پواني کان هنگلاج تائين ڪاهوڙين جي رستي جو مختصر ذڪر ڪري ها تہ بهتر هجي ها پر عنايت جو موضوع فقط مڪلي جي مشهور درگاهن ۾ مقبرن تائين هو جنهن ۾ هڪ مقبرو ميان سيد علي شيرازيءَ جو بہ آهي جيڪو اسان جي تر جي جوڪين جو مرشد ۾

ٺٽي جي شيرازين جو وڏو آهي. جتي هر سال ميلو لڳندو آهي. مڪلي جي هڪ ڪنڊ تي ”ملان لنڙ“ جو مقبرو به آهي ۽ اها ڳالهه به گهڻن ليکڪن لکي آهي ته نوري ۽ ڄام تماچيءَ جون قبرون به هتي آهن جن تي مان به هڪ ڀيرو ويجي چڪو آهيان. مائي مڪلي جي قبر به انهن جي ويجهو آهي. مضمون ۾ ڪلان ڪوٽ ۽ ساموئيءَ بابت به معلومات ڏنل آهي جيڪي سنڌ جا اهم تاريخي ماڳ آهن. ڪلان ڪوٽ هاڻي ختم ٿي رهيو آهي. جڏهن ته ”ساموئي“ وارو ماڳ ضياءالحق جي دور ۾ سياسي رشوت طور ٺٽي جي سگهاري سياسي ڌر کي الاٽ ڪيو ويو. جتي هاڻي آثارن جي بجاءِ زراعت موجود آهي.

ڪتاب جي آخر ۾ ٽن شخصيتن بابت مضمون آهن جن مان پهريون مضمون صوفي شاهه عنايت لانگاهه شهيد بابت آهي جنهن ۾ ڪلهوڙن جي دور ۾ ٿيل هن واقعي جا تفصيل ڏنل آهن جيڪو هن دور ۾ سيڪيولر سنڌ تي مذهب جي نالي تي هڪ خطرناڪ وار هو جنهن جا اثر اڄ به موجود آهن. عنايت ڪٽياڻ صوفي شاهه عنايت بابت لکي ٿو ته ”صوفي شاهه عنايت کي سنڌ جي تاريخ ۾ لانگاهه لکيو ويو آهي.“ ظاهر آهي ته هو لانگاهه آهي ته لاگاهه ئي لکيو ويندو. صوفي شاهه عنايت کي سيد ثابت ڪرڻ لاءِ هرو ڀرو هن جو سلسلو حضرت امام حسين سان ملائڻ جي ڪوشش ڪئي ويجي ٿي.

پروفيسر محمد علي مانجهي جي پي.ايڇ.ڊي جو مقالو ”صوفي شاهه عنايت شهيد ۽ سندس سلسلي جا شاعر“ جيڪا ڪتابي صورت ۾ موجود آهي جنهن ۾ هو شجري بابت مختلف تاريخي ۽ مستند حوالن سان لکي ٿو ته ”شاهه عنايت شهيد جو شجرو مستند نموني ڪٿي به نٿو ملي. سڀ کان پهرين اسان کي سنڌ جي عظيم تاريخدان مير علي شير قانع ٺٽوي جو ڏنل شجرو ملي ٿو جيڪو هن پنهنجي شاهڪار تصنيف ”مقالات الشعراء“ (جيڪو هن شاهه شهيد جي شهادت کان فقط 44 سال پوءِ لکيو) ۾ ڏنو آهي سو هيٺين ريت آهي.

”صوفي شاهه عنايت ولد مخدوم فضل الله بن ملا يوسف بن ملا شهاب الدين بن ملا آجب بن مخدوم حضرت صدو لانگاهه.“

ملا آچ (عجائب الدين) ۽ صدو لانگاه (صدر الدين لانگاهه) جيئن تہ هي ڪتاب شاهہ عنايت جي شهادت کان فقط 44 سال پوءِ لکيو ويو آهي تنهنڪري هن ۾ ڏنل شجرو صحيح لڳي ٿو.

مخدوم صدرالدين عرف صدو لانگاهہ اُچ شريف مالتان جي مشهور لانگاهہ خاندان جو هڪ مشهور صوفي بزرگ ٿي گذريو آهي. سندس وڏا اتي مشهور غوثيہ درگاهہ جا مريد هئا. مخدوم صدو لانگاهہ درگاهہ جو خليفو ٿي سنڌ ۾ آيو ۽ نصريہ ڳوٺ ۾ اچي رهيو بعد ۾ اتان لڏي ميرانپور ۾ اچي قيام ڪيائين.

صوفي شاهہ عنايت جنهن تحريڪ جو بنياد وڌو ”جوڪيڙي سو کائي“ جنهن لاءِ هو ۽ هن جا هزارين ساٿي شهيد ٿيا. هو پورهيت ۽ هارين جو رکوالو هو. هاڻي هن جي درگاهہ تي ڏاڳا، ڦيٽا، چندي جي پيتي ۽ گادي نشيني، شاهہ عنايت انهن سڀني شين جي خلاف هو. هو محنت عظمت آهي جو قائل هو. آغا سليم جي ناول ”همہ اوست، جو هڪ ڪردار ماڻڪ جا مغل فوجين هٿان زخمي ٿيڻ کان پوءِ پنهنجي هڪ دوست جي جهوليءَ ۾ ڪري چوي ٿو تہ ”سائين ڪانپوءِ (سائين صوفي شاهہ عنايت) سائين جي نالي درگاهون ٺهنديون، مجاور ويهندا، اوڳاڙيون ٿينديون. سائين جي نالي روحاني پرمار ٿيندي ۽ ماڻهو سائين جي پيغام کي وساري ڇڏيندا.“ آغا سليم ماڻڪ واتان اجوڪي ماحول تي زبردست تجزيو ڪيو آهي ۽ اڄ هتي ائين ٿي رهيو آهي.

ڪتاب ۾ هڪ مضمون درياخان تي بہ آهي، درياخان تي اهو بحث گهڻي عرصي کان هلندڙ آهي تہ هي اصل ۾ ڪير هو؟ ڇا مبارڪ خان ۽ درياخان الڳ الڳ شخصيتون آهن؟ ڪجهہ هن کي لاشاري ڄاڻائين ٿا. بهرحال اها ڳالهہ طئہ ٿيل آهي تہ قبوليو درياخان ۽ مبارڪ هڪ شخص ئي آهي. مبارڪ سندس لقب هو.

ڪتاب جو آخري مضمون سنڌ عطار سچل سرمست تي آهي. جيڪو رواجي مضمون آهي، جنهن ۾ هڪ هنڌ عنايت ڪتياڻ لکي ٿو تہ ”سچل سنڌيءَ کان سواءِ سرائڪي، اردو، فارسي، پنجابي ۽ هندي زبانن ۾ بہ شاعري ڪئي.“

سچل لاءِ اهو به مشهور ڪيو ويو ته هي هفت زبان شاعر هو. ڊاڪٽر عطا محمد حامي پنهنجي هڪ مقالي ”ڪجهه غلط روايتون“ ۾ انهي متعلق لکي ٿو ته سچل سائين جو ڪلام ڇئن بدران ستن زبانن ۾ آهي. اها غلط روايت آهي جنهن لاءِ حامي لکي ٿو ته ”راڻيپور ۾ سچل ڪاليج جي ڪلڻ کان اڳ ڪنهن به اديب عالم يا بزرگ جي معتقد اها دعوي نه ڪئي آهي. مرزا قليچ بيگ پهريون بزرگ آهي جنهن سچي سائين جي سنڌي، سرائڪي ۽ ريختي (اردو) ڪلام تي قلم کنيو آهي. ان به سچل سائين کي ستن زبانن جو شاعر نه سڏيو آهي. ان کان پوءِ وڏي معتقد اديب آغا غلام نبي سچل سائين تي هڪ ضخيم ڪتاب لکي به اهڙي دعوي نه ڪئي آهي. مرحوم آغا عبدالنبي به ڇتيءَ طرح مجيندو هو ته سچي سائين جو ڪلام صرف ڇئن زبانن سنڌي، سرائڪي، ريختي (اردو ۽ فارسي ۾ آهي. هڪ هندستاني فقيرياڻي عرف نماڻو فقير به هڪ تحقيقي ڪتاب لکيو آهي مگر هن به هفت زبان هجڻ جي دعوي نه ڪئي آهي. اهو ڳپوڙو فقط پندرهن سالن کان پڙاڏي جي صورت وٺي، گرهوڙي جي پيشن گوئي وانگر سنڌ جي فضا ۾ گونجندو رهي ٿو. دعوي هميشه دليل سان ۽ روايت سدائين سند سان قبول ڪئي ويندي آهي. هن دعوي متعلق ڪا روايت يا دليل ڪونهي. سچل سائين جن جي وقت کان وٺي راڻيپور جي ڪاليج کلڻ تائين ڪنهن به اديب، عالم، شاعر يا بزرگ جي موجود ٿيل ڪلام به نٿو ٻڌائي ته ستن زبانن ۾ آهي. پوءِ رڳو هٺ ڌرمي ڪري علمي مسئلي تي ڌيان نه ڏيڻ ۾ ادبي خدمت ناهي. فقط چاچي علي اڪبر زرداري هڪ چوپڙي لکي آهي، جنهن پاڻ پنهنجي دعوي جي برخلاف دليل ڏنا آهن. سچي سائين جي ڪلام ۾ تضمين طور ڪٿي هڪ يا ٻه لفظ ڪنهن زبان جا آهن ته، ان شعر کي هن انهيءَ زبان جو ڄاڻايو آهي. انهن هڪ ٻن لفظن جي مقابلي ۾ سمورن سنڌي لفظن کي ڇڏي ڏنو اٿس. هو سچي سائين جي شعرن سان گڏ پنهنجا به اهڙائي شعر ڏيندو پاڻ کي هفت زبان ثابت ٿو ڪري ته پوءِ سچي سائين کي ته مزلر زبانو شاعر سمجهڻ گهرجي.

اهڙن هٿرادو دليلن سان ته سنڌ جو هر شاعر ويندي چاچي علي اڪبر

تائين هفت زبان شاعر بڻجي ويندو. پوءِ اسان جي بزرگ جي تخصيص ڪهڙي ٿيندي. (ڊاڪٽر عطا محمد حامي. سچل سرمست جو آفاقي پيغام. مرتب ڊاڪٽر مخمور بخاري)

عنايت ڪٽياڻ جو هي پورهيو، تاريخ جي شاگردن لاءِ هڪ دڳ ضرور آهي، جنهن تي هلي هو تحقيق جا نوان در کوليندا.

تحقيق جي فن جا مختلف قسم ٿين ٿا. عنايت ڪٽياڻ جا هي مضمون اصل ۾ تجزياتي تاريخ تي ٻڌل تحقيق آهن. عنايت ڪٽياڻ جو هي ڪتاب سفري نوٽس سان گڏ بياني انداز آهي جنهن ۾ سنڌ جي تاريخ سان گڏ مشاهداتي رنگ پڻ شامل آهن. دعا آهي ته عنايت هميشه ائين لکندو رهي.

گل حسن ڪلمتي
ملير ڪراچي
تاريخ 3اپريل 2017ع

# ڪجھ ليکڪ بابت

سفر کھڙو بہ ھجي، وندرائيندڙ بہ ٿئي ٿو تہ ٿڪائيندڙ بہ ٿئي ٿو. من اندر وارو سفر، درياھي سفر، خشڪيءَ وارو سفر. اسان جي سنڌي ماڻھن مان ڪيترن ئي ڪاميابين سان طئي ڪيو آھي ۽ پنھنجي انھن ڪاميابين تي ڪتاب بہ لکيا آھن. عنايت الله ڪتياڻ جو ھيءُ ڪتاب بہ ان ڏس ۾ ھڪ اھم حصو ضرور ثابت ٿيندو. ڪڏھن ڪڏھن سندس ئي واتان ٻڌندو ھوس تہ ”سائين! دوستن سان ڪٿي ڪنھن ماڳ تي ويل ھياسي“، پر مونکي اھو اندازو ڪڏھن بہ نہ ٿيو تہ ھو ڪو انھن ماڳن تان گھمي ڦري اچڻ کان پوءِ انھن کي ڪتابي صورت ۾ بہ پيش ڪري وٺندو.

عنايت الله ڪتياڻ اصل ۾ ھڪ سادو سودو ماڻھو آھي، اٿڻي ويھڻيءَ مان نہ سماجي ڪارڪن لڳندو آھي نہ ئي سياسي ڪارڪن. ھلندو بہ پروقار انداز سان آھي، تہ ڳالھائيندو بہ سوچي سوچي آھي جو گھڻو ڪري سندس جملي پوري ٿيڻ کان اڳ ڪو ٻيو ئي سندس جملو پورو ڪري وٺندو آھي. پوءِ ھو رڳو ”ھا“ ڪري ڳالھ کي اڳتي وڌائيندو آھي.

اسان جي پاڻ ۾ ڏيٺ ويٺ ھتي سچل ڳوٺ ۾ اٽڪل 1988ع ڌاري ٿي ھئي. جڏھن ڪجھ سنڌي نوجوانن سچل ڳوٺ کي آباد ڪرڻ لاءِ پلاننگ ڪئي ھئي ۽ اسان جھڙن ڪراچيءَ جي مختلف آبادين ۾ رھندڙ سنڌين کي ھڪ ھنڌ رھڻ جو اتساھ ڏنو ھو. تڏھن سچل ڳوٺ ۾ جھنگلي جانور خاص ڪري اجاڙ ٿي ويل صفوران ڳوٺ ۽ سيتا نگر جي ويجھي ھئڻ سبب نانگ بلائون گھڻيون ھونديون ھيون. پر جڏھن ڳوٺ ۾ پڙھيل لکيل ماڻھو اچي رھيا تہ وري ٻيا نانگ انساني صورت وٺي ٻرن مان نڪري آيا. ان ۾ ڪو شڪ نہ آھي تہ سچل ڳوٺ جي ھيءَ زمين پڙپانگ پيل ھئي تيستائين انھن لينڊ گريبرن ۽ سرڪاري چاڙتن کي خبر ڪانہ ھئي پر جڏھن آبادي ٿيڻ لڳي تہ معاملا خراب ٿيڻ لڳا.

سچل ڳوٺ ۾ آباد ٿيل ڪجھ پڙھيل لکيل نوجوانن سچل ڳوٺ ريزيڊنٽس

ويلفيئر ايسوسيئيشن جو بنياد وڌو. ابتدا ۾ مان بہ گھٽو پاسيرو رهيس پر پنهنجن توڙي سرڪاري مداخلت سبب اڳتي اچڻو پيو. انهيءَ دوران هن ڪتاب جي ليکڪ عنايت الله ڪتياڻ سان ويجهڙائپ ٿي ۽ جلد ئي ويلفيئر ڪاميٽيءَ ڪي سٺن هٿن جي حوالي ڪري مسئلن سان منهن ڏنو سي.

ڳوٺ ۾ بجليءَ لڳرائڻ جي ڪوشش هجي يا روڊ رستن جي تعمير. بالادي صاحب، ربنواز پتو تاج محمد وساڻ، عبدالڪريم چانديو عنايت الله ڪتياڻ توڙي مان اڳيرا رهياسين. ان وقت ۾ هڪ دفعي سرڪاري بلڊوزر ڳوٺ جا گهر ڊاهڻ آيا تہ ڪارڪنن انهن بلڊوزرن کي باهہ ڏئي ڇڏي. جنهن بعد نيون اليڪشنون ڪرائي نوان عهديدار چونڊياسي تہ گل محمد سومري کي صدر منتخب ڪيو ويو ۽ عنايت الله ڪتياڻ جوائنٽ سيڪريٽري ٿيو. ان ايسوسيئيشن جي وقت ۾ ڳوٺ جي اسڪولن وارن پلاٽن تي ڪجهہ قبائلي سردارن پاران قبضو ڪرڻ واري ڪوشش کي ناڪام ڪري اتي اسڪول ٺهرايا ويا جنهن لاءِ اتي ڏينهن رات اسان سيني دوستن کي چوڪيداري بہ ڪرڻي پئي ۽ قبضا مافيا پاران گل محمد سومرو ۽ عنايت ڪتياڻ تي ڪوڙو ڪيس داخل ڪرايو ويو جنهن جو مان ضامن پئي سندن ضمانت قبل از گرفتاري ڪرائي. اڳتي هلي ڳوٺ جي ٻين سماجي تنظيمن سڳا سچل ڳوٺ برانچ ۽ ايس آر ڊي ايف کي پاڻ سان ملائي هڪ ايڪشن ڪاميٽي ٺاهي وئي جنهن جو صدر مون کي مقرر ڪيو ويو ۽ ڳوٺ جي ڊولپمينٽ جي ڪمن جي نگرانيءَ لاءِ پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ جو انچارج عنايت الله ڪتياڻ کي مقرر ڪيو ويو. هن ايڪشن ڪاميٽي کي هڪ سال کان پوءِ سچل ڳوٺ ڊولپمينٽ ڪاميٽي جو نالو ڏنو ويو جنهن ۾ مان چيئرمين ۽ عنايت الله ڪتياڻ جنرل سيڪريٽري بہ رهياسين. سچل ڳوٺ ۾ بجلي لڳي، روڊ ٺهيا، بلاڪ ڪاميٽيون مقرر ڪيون سي. حساب ڪتاب ۽ لکپڙهہ جو باقاعدي انتظام ڪيوسين. آفيس کولي ان ۾ وقت ڪڍي معاملن سان منهن ڏنو سين جنهن جي نتيجي ۾ هر ڪارڪن متحرڪ ٿي ويو.

ڪراچيءَ ۾ سنڌين جي اها پهرين گڏيل تحريڪ هئي جنهن هڪ سنڌي

وسنديءَ کي آباد ڪرڻ لاءِ تمام مضبوط انداز سان جاکوڙ ڪئي. ان دوران اندروني توڙي بيروني مداخلت سان منهن ڏنو.

ڳوٺ جي وچ تي بچيل هڪ دڙي کي ڳوٺ جي فلاح لاءِ راندين جي ميدان، عيد گاهه، پارڪ ۽ اسپتال لاءِ رکيا ويا هئا. انهن تي قبضي خورن جي ٻاهرين سياسي ۽ حڪومت ۾ ويٺل زميندارن جي يلغار شروع ٿي وئي. معاملا جهيڙن ۽ جنگين جي صورت اختيار ڪري ويا.

جڏهن راندين لاءِ ڇڏيل گرائونڊ تان ٻاهرين قبائلي سردارن ۽ پوليس جي ملي ڀڳت سان متي ڪٽائي ان تي قبضو ڪيو ته ان تي جهيڙا ٿيا ۽ ڳوٺ وارن پاڻ ۾ گڏجي هٿ هٿ ۾ ڏئي ڪين سوڙهو ڪيو. انهن قبائلي سردارن جي چرچ تي ڪيترن ئي ساٿين کي ٿاڻن تائين رسايو ويو، ايف آءِ آر ڪاٽرايون ويون، ڪيس داخل ڪيا ويا. انهن ۾ گل محمد سومري ۽ عنايت ڪنياڻ جون ٻيهر ضمانتون ڏنيون سين.

ان بعد پارڪ تي سرڪاري ڪم ٿيڻ دوران عنايت الله ڪنياڻ ۽ گل محمد سومري (صدر) کي ته پوليس ڪٽي به وئي هئي. تڏهن ثناء الله عباسي صاحب ملير ضلعي جو ايس پي هو. پر سليم شاهاڻي، محبوب عباسي نواز سانگيءَ جي اڳواڻيءَ ۾ سچل ڳوٺ وارن پنهنجي مڙسي ڏيکاري ايس پي آفيس تي سون جي تعداد ۾ گڏ ٿي احتجاج ڪيو ۽ ٻئي طرف سينئر ساجاهه وند ڳوٺ واسي ان وقت جي گورنر معين حيدر وٽ وڃي پهتا جنهن جي نتيجي ۾ هنن ٻنهي کي راتو رات پوليس معافي وٺي واپس گهرن تي پهچايو. بهرحال ڪيس ڳاهي جان ڇٽي ۽ فلاحي پلاٽن کي بچائي اتي عيد گاهه، راندين جو ميدان، پارڪ، ڊسپينسري ۽ هڪ مسجد ٺهرائي وئي.

اڳتي هلي الائي کهڙو واءُ وريو جو پيپلز پارٽيءَ جي اقتدار ۾ اچڻ سان سچل ڳوٺ جي قومي سوچ ۾ ڦيرو اچي ويو ۽ ڳوٺ جي قومي برادريءَ وارو رجحان وفاقي سوچ ۾ تبديل ٿي ويو. گهڻن ئي ماڻهن کي پي پي مان وڏيون اميدون هيون پر اهي شخصي سطح تي فائدو ڏيندڙ ثابت ٿيون جنهن جي ڪري سچل ڳوٺ

جي قومي ٻڏيءَ کي چيهو رسيو. ان دوران هڪ ٻيو نوجوان محمد سليم شاهاڻي سچل ڳوٺ جي رهاڪن ۾ سجاڳي آڻڻ لاءِ اڳتي آيو جنهن سان اسان جو ساڳيو ئي ٽولو گڏجي ڪم ڪرڻ لڳو. ليڪن اصل ۾ پي پي جي اقتدار سبب سنڌي ماڻهن ۾ لالچ ۽ خودغرضي جو رجحان وڌي ويو ان ڪري سچل ڳوٺ جون اندروني سماجي ڪوششون سرڪار جي زڪوات خيرات ڏانهن واجهائڻ لڳيون. جڏهن ته ان کان اڳ سچل ڳوٺ پنهنجي مدد پاڻ تحت تمام وڏا ڪم ڪيا. ائين سليم شاهاڻي به سچل ڳوٺ ڪاميٽيءَ بجاءِ پنهنجي الڳ ڪاميٽي جوڙي ڪم ڪرڻ لڳو.

ڪتاب ”سنڌ سپيتا“ ۾ 21 مضمون آهن جيڪي 2009 کان 2013 تائين روزاني عوامي آواز ۽ روزاني مقدمو ۾ شايع ٿيل آهن. ڪي تاريخي ماڳن مڪانن متعلق آهن ته ڪي سنڌ جي عظيم شخيتن متعلق لکيل آهن. سندس چوڻ مطابق ”سونهن پري سنڌ جي چپي چپي کي اکين سان چُمڻ جي آس ۾ سنڌ جي تاريخي ماڳن مڪانن جي سونهن ۾ سوپيا پسڻ ۽ سنڌ جي سپيتا کي پرکڻ، پروڙڻ ۽ اُجاگر ڪرڻ جي جذبي روح کي ته رولاڪ بڻائي ڇڏيو پر وسيلن جي کوٽ منهنجي هن عشق کي هميشہ اڌورو رکيو. پوءِ به حوصلو ڪري سنگت جي ساٿ سان ٿر جو سفر ڪيو.“ اهو سنڌ سان سندس محبت کي ظاهر ڪري ٿو.

جيئن ڪو داستان، ناول يا فلم پڙهندڙن يا ڏسندڙن کي پاڻ سان گڏ وٺي هلندو آهي تيئن سير سفر متعلق لکيل ڪتاب به پڙهندڙن کي ليکڪ سان گڏ سير سفر ڪرائيندو آهي ۽ عنايت الله ڪٽياڻ پڙهندڙن کي نه رڳو ساڻ ڪٽي هلي ٿو پر هو تاريخي حوالا به ڏيندو هلي ٿو. هن جي لکڻيءَ جي هڪ خوبي اها به آهي ته پڙهندي تصوراتي منظر به ايرڻ لڳن ٿا. مثال طور جڏهن رني ڪوٽ جي سن در جو اوٺ ۾ هجڻ جو جواز ڏيندي ٻڌائي ٿو ته نئه رنيءَ جو پيٽ ئي ڪوٽ اندر وڃڻ جو رستو سمجهيو وڃي ٿو ته مونکي مومل واري تلسماتي ڪاڪ محل ۾ گهڙڻ وارو رستو ذهن تي تري آيو جيڪو پڻ شهزادن کي پلائڻ پٽڪائڻ لاءِ ناهيو ويو هو. يا جيئن ٻڌائي ٿو ته سن در جي سامهون هڪ چورس اڪيلو ڪمرو جنهن

جي مٿان گنبذ نما ڇت آهي جنهن کي بارود خانو چيو وڃي ٿو ته مونکي اروڙ واريون چار قاڪون ٽيل جبل ياد اچي ويو جنهن لاءِ روايت آهي ته اهو راجا ڏاهر جي (هاڪڙي) پاٽيءَ اندر فوجي چوڪي هئي ۽ هٿيارن جو ٿهه خانو هئو. اڳتي ٻڌائي ٿو ته ”رني ڪوٽ ۾ نئه رني جيئن موهن در کان داخل ٿئي ٿي ته ان جي وچ پيٽ مان هڪ چشمو نڪري ٿو جيڪو شيرڳڙهه ۽ ميري ڪوٽ جي هيٺان گذري اڳتي اچي زمينن ۾ گم ٿي وڃي ٿو. هن چشمي تي هڪ هنڌ خوبصورت تلاء آهي جنهن کي هتان جا مقامي ماڻهو پرين جو تڙ چون ٿا. پرين جي تڙ تي مون کي هوٽل پريءَ وارو اهو تلاءُ ياد اچي ويو جتي چامر اوڊي ڪيس تڙ ڪندي ڏٺو هو. پرين جا اهڙا تڙ مچ (بلوچستان) جي اولهه ۾ پير غيب وٽ به آهن جيڪي فطرت جي سونهن جا شاهڪار آهن.

عنايت الله ڪتياڻ عمر ڪوٽ واري مضمون ۾ سنڌ حڪومت جي آثار قديمه ۽ ثقافت کاتي کان قومي ورثي جي بچاءَ جي گهر ڪري ماضيءَ ۽ تاريخ سان پنهنجي محبت جو ثبوت ڏنو آهي.

اسلام ڪوٽ واري سفر ۾ چيڪ پوسٽ وٽ رينجرز طرفان مسافرن کي چيڪ ڪرڻ جو ذڪر به عنايت الله ڪتياڻ کي ان ڪري ضروري لڳو آهي جو سنڌ ۾ اهي چيڪ پوسٽون رڳو سنڌين کي چيڪ ڪرڻ لاءِ قائم ڪيون ويون آهن. اهڙي رينجرز جي چوڪي ليکڪ چوڙهي جبل جي رستي تي بڙ تلاءَ وٽ به ٻڌائي آهي جتي کين ٻڌائڻو پيو ته وٽن ڪا ڪيمره وغيرو ساڻ نه آهي. ڪيڏي نه ڏک جهڙي ڳالهه آهي جو امير ته بندوقون کڻي بي ايم ڊبليو گاڏين ۾ گذرن ٿا پر انهن کي ڪابه چيڪ پوسٽ روڪي پڇڻ جي جرئت نٿي ڪري. جيڪي شوق شڪار لاءِ اهڙن واريا سن ۾ بي ڌڙڪ گهمندا ڦرندا رهن ٿا.

ليکڪ جين ڌرم جي گوڙي مندر جو خاڪو به اهڙو چٽيو آهي جيڪو پڙهندڙ جي ديوارن جي وچ ۾ هجڻ ڪري هڪ خوبصورت منظر جو ڏيک ڏئي ٿو. مارئي جو کوهه ۾ ٽپو ڏيڻ جو هتي ذڪر ڪري ليکڪ هن جي پاڪ دامني کي واضح ڪرڻ چاهيو آهي. ائين ٽالسٽاءِ به پنهنجي ناول ”اينا ڪريننا“ ۾ اينا کي ريل

هيئان اچي خودڪشي ڪرڻ ڪي سماجي اڻ برابري سان احتجاج ڪي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سماجي اخلاقي اڻ برابريءَ سبب ڪردارن جي خودڪشي جو عمل بہ اهڙن وقتن تي سماج سان احتجاج ڪي ئي ثابت ڪري ٿو. مومل جو ڏاگ تي چڙهڻ بہ پنهجي پاڪ دامني ڪي ثابت ڪرڻ لاءِ هو تيئن مارئي بہ پنهنجي پاڪدامنيءَ جو ثبوت کوهہ ۾ ٽپو ڏئي ڏنو آهي.

تشبيهون:

جبلن جي چوٽين کي هوئنن تہ شاعرن مخلتلف علامتن ۽ تمثيلن ذريعي اظهاريو آهي پر عنايت ڪٽياڻ انهن جي چوٽين کي اٺ جي ڪونهن سان تشبيح ڏني آهي جا واقعي وٽندر ۽ منفرد آهي.

ڪارونجهر جي گريناٽيت جو ذڪر ڪندي ليکڪ حڪومت کان اها بہ گهر ڪئي آهي تہ اتي ڪارخانا لڳايا وڃن تہ جيئن علائقي جي ماڻهن ۾ خوشحالي جو ڪوا حساس پيدا ٿئي.

عنايت الله ڪٽياڻ بنيادي طور سياسي ۽ سماجي ساڃاهہ رکندڙ شخص آهي. گهڻي وقت کان قومي سياست سان واڳيل رهيو آهي. ورڪر جي حيثيت ۾ هو هڪ رول ماڊل آهي. ڳوٺ جي ڇيڙي نبيري ۾ بہ سندس وڏي دوانديشي مشهور آهي. ٻين کي مان ڏيڻ، دوستن سان نڀائڻ توڙي عام سنڌي ماڻهن سان غم ۽ خوشين ۾ ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيهڻ وارو شخص آهي.

سياسي توڙي سماجي ڪمن سان گڏوگڏ هن دوستن سان گڏجي جيڪي سير سفر ڪيا آهن تن کي قلمبند ڪري عنايت الله ڪٽياڻ سنڌي علم و ادب ۾ هڪ اهڙي ڪتاب جو اضافو ڪيو آهي جيڪو پنهنجي عنوان ”سنڌ سپيتا“ ذريعي ئي پنهنجي تعريف پاڻ ڪرائيندڙ آهي.

**بيدل مسرور**

# پنهنجي پاران

سا قوم تي زنده رهي جا ياد ماضي تي ڪري
حال ماضيءَ سان ڳنڍي تاريخ سازي تي ڪري
(سيد ظفر ڪاظمي)

هي ڪتاب منهنجي لکيل تاريخي ماڳن جي مضمونن تي مشتمل آهي. گهڻي وقت کان سنڌ جي تاريخي ماڳن بابت لکندو رهيو آهيان. انهن مان جيڪي مضمون اخبارن ۾ ڇپيل آهن انهن کي سهيڙڻ لاءِ ڪجهه دوست به زور ڀريندا رهيا ۽ پنهنجي به خواهش رهي ته انهن کي هڪ ڪتابي صورت ۾ محفوظ ڪجي.

ننڍپڻ ۾ ئي بابا سائينءَ جا اوطاق جي المارين ۾ رکيل ڪتاب پڙهندو رهيس، پهريان صرف ناول پڙهندو هئس پوءِ تاريخ ۽ شاعري سان دلچسپي وڌندي وئي. ننڍپڻ ۾ ئي بابا سائين جي وفات کان پوءِ 1974ع ۾ سائين جي.ايم سيد جو هڪ تفصيلي انٽرويو تحريڪ رسالي ۾ پڙهيو. رسالي جي ٽائيٽل تي سائينءَ جي تصوير هئي جنهن کي فريم ڪرائي اوطاق ۾ لڳائي ڇڏيو ۽ آءُ سنڌ جي عشق ۾ مبتلا ٿي ويس. جيئن جيئن وڏو ٿيندو رهيس ڳيچي جي ڳولا ۽ گهر جون ذميواريون نڀائيندي به رات جو ڪتاب ضرور پڙهندو هئس ۽ ائين منهنجي سنڌ جي تاريخ سان محبت وڌندي رهي.

تاريخي ماڳن ۽ تاريخي شخصيتن کي نوجوانن ۾ متعارف ڪرائڻ لاءِ اسان ڪجهه دوستن 2000ع ۾ هڪ فورم "سنڌ هسٽري اويئرنيس فورم" جوڙيو هيو. هن فورم ۾ سنڌ جو منفرد ۽ سينئر ليکڪ علي بابا ۽ سنڌ جو وڏو شاعر تاجل بيوس به اسان جي رهنمائيءَ لاءِ فورم ۾ گڏ هئا. هن فورم ۾ آئيني جوڙجڪ باري منگي صاحب ڪئي، مون کي فورم جو چيئرمين ۽ ممتاز ماڪٽ کي سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو. اسان ڪجهه پروگرام ڪرايا ۽ پوءِ سيني دوستن جي سستيءَ سبب انهن کي جاري نه رکي سگهياسين ته رسالو ڪڍڻ جو فيصلو ڪيوسين ۽

”سنڌ سپيتا“ نالي هڪ سال تائين اهو رسالو نڪرندو رهيو. بعد ۾ مالي وسيلن جي کوٽ سبب ان کي بہ جاري نہ رکي سگھياسين. ان وقت ۾ منهنجي علي بابا سان ويجھڙائپ رهي ۽ مڪليءَ جي تاريخي ماڳن ۽ ڪجھ ٻين هنڌن تي علي بابا سان گڏ وڃڻ ٿيو ۽ پوءِ سڀ کان پهرين مون کي علي بابا لکڻ تي اتساهيو ۽ رهنمائي بہ ڪيائين تہ پوءِ مون پهريون مختصر مضمون دولهہ درياخان تي لکيو جيڪو سندس ورسيءَ جي ڏينهن 12 سيپٽمبر 2002ع تي پنجن سنڌي اخبارن ۾ ڇپيو جنهن کان پوءِ آءٌ مختلف وقتن تي مختلف ماڳن ۽ شخصيتن تي لکندو رهيس. آءٌ سمجهان ٿو تہ تاريخ بابت لکڻ تمام ڏکيو آهي پر شيخ اياز چواڻي:

مون شاهي رستو دور ڇڏي جهاڳيو پنڌ پهاڙن جو
هو جو سوڙهو لڪ وڃي ٿو دور انڌيرن لاڙن مان.

آءٌ هر ماڳ متعلق پهريان پڙهندو آهيان پوءِ ان ماڳ تي وڃي ڏسندو آهيان ۽ اتي جي مقامي ماڻهن جي راءِ حاصل ڪندو آهيان. ان راءِ، مشاهدي ۽ ان تي ٿيل تحقيق کي ٻيهر پڙهي پوءِ لکندو آهيان جنهن لاءِ ڪجھ ماڳن تي تہ بار بار بہ وڃڻو پيو آهي. منهنجو مقصد سنڌ جي تاريخ کي هر عام ۽ خاص سان متعارف ڪرائڻ آهي تہ جيئن سنڌي قوم پنهنجي تاريخي ورثي کي پرکي پروڙي ۽ پنهنجي تباهہ ٿيندڙ تاريخي ماڳن کي بچائڻ جي ڪوشش ڪري ۽ ويران پيل ماڳن سان سندس دلچسپي وڌي ۽ اتي وڃي انهن کي ڏسي تہ جيئن انهن جي مالڪي ڪري سگھي.

آءٌ تمام گھڻو ٿورائتو آهيان مانَ واري دوست گل حسن ڪلمتيءَ جو جنهن هن ڪتاب لاءِ مون کي مان ڏيندي مهاڳ لکيو آهي ۽ هرهڪ مضمون تي پنهنجي تحقيقي راءِ لکي آهي. گل حسن صاحب کان آءٌ مضمونن جي لکڻ ۾ اڳ بہ رهنمائي وٺندو رهيو آهيان ۽ سندس لکيل مهاڳ ۾ بہ مون کي نوان رستا ملن ٿا. گل حسن صاحب منهنجي لکڻيءَ متعلق جيڪا پنهنجي راءِ ڏني آهي ان لاءِ سندس ٿورائتو رهندس.

قومي راڳي، ليکڪ، شاعر ۽ پي ٽي وي جي اڳوڻي سينئر پروڊيوسر بيدل مسرور

صاحب جن جو بہ نهايت ٿورائتو آهيان جن سچل ڳوٺ جي تعمير، ترقي ۽ تحفظ لاءِ منهنجي خدمتن، جاکوڙ ۽ ڪردار بابت لکي ڏنو ۽ بيدل مسرور صاحب جا لک قرب جو هنن ڪتاب جو جائزو وٺندي منهنجي لکڻين جي تعريف ڪئي آهي.

آءٌ احسانمند آهيان سينئر سياسي اڳواڻ سيد غلام شاهہ صاحب جن جو جن منهنجو تعارف لکندي هڪ صفحي ۾ مختصر ۽ جامع منهنجي تاريخ لکي ڇڏي آهي. سائين غلام شاهہ جي ڏاهپ، علم، ادب ۽ سندس پروقار شخصيت جو آءٌ هميشہ قائل رهيو آهيان.

تمام ٿورائتو پنهنجي دوست رضوان صابر مينڏري جو جنهن هي ڪتاب پنهنجي والد جي نالي تي قائم ڪيل ”رشيد صابر آرٽس سرڪل“ پاران ڇپائي پڌرو ڪيو.

منهنجي رولاڪين ۽ پيڙائن جي هيءَ ڪٿا قبول پئي. آءٌ سمجهان ٿو تہ لکڻ ۽ ڇپرائڻ ۾ مون کان ڪافي ڪوتاهيون ٿيون هونديون جن کي منهنجي پهرين ڪوشش سمجهي معاف ڪيو وڃي ۽ منهنجي پورهئي ۾ بهتري آڻڻ لاءِ پنهنجا رايا ڏنا وڃن تہ اوهان سيني پڙهندڙن جو احسان مند رهندس. منهنجي حياتيءَ جو عڪس منهنجو هي لکيل غزل اوهان جي نذر ڪيان ٿو:

اسين رولاڪ راهن جا ڪڏهن ڪاٿي ڪڏهن ڪاٿي،
سفر ۾ ڪيئي مليا ساٿي ڪڏهن ڪاٿي ڪڏهن ڪاٿي،

وساسين مندر ۾، مسجد ۾، ڏنو مئڪدي ۾ پيي پائي جهاتي،
اصل جي ڳولا اجان تائين ڪڏهن ڪاٿي ڪڏهن ڪاٿي،

نہ ماڻي منزل ڪائي مذهب ۾ نہ عشق ۾ اڳيرا ٿياسين،
هليا سين پيي رهياسين پيي ڪڏهن ڪاٿي ڪڏهن ڪاٿي،

سياست ۽ سماجت جو پيي چوکو چکيو ذائقو،
سچائيءَ کي ”ضمير“ ڳوليو ڪڏهن ڪاٿي ڪڏهن ڪاٿي.

عنايت الله ڪنڀار

برطانيا جي هڪ ڏاهي
جي. ڪي. چيسٽرٽن جو چوڻ آهي ته
جن ماڻهن کي ماضيءَ جي باري ۾ علم نه
آهي اهي حال جي باري ۾ به صحيح معلومات
رکي نٿا سگهن ۽ تاريخ هڪ جبل آهي جنهن جي
چوٽيءَ تي چڙهي هيٺ نگاهه وجهڻ سان
ماضيءَ جي ان دؤر جي شهرن ۽ ان ۾ رهڻ وارن
کي سٺي نموني ڏسي ۽ سمجهي سگهجي ٿو.

# رني ڪوٽ

جيئن تہ سنڌ سونهاري تاريخي ماڳن سان مالامال آهي جيڪي هن ڌرتيءَ جي قديم تهذيب ۽ تمدن جا گواهہ آهن. هر شعوروند ڪي تاريخ جي ڄاڻ هئڻ ضروري آهي تہ جيئن مستقبل لاءِ بهتر رٿابندي ڪري سگهجي.



سنڌو درياهہ جي ساڄي پاسي انڊس هاءِ وي تي ”سن“ شهر کان 28 ڪلوميٽر جي فاصلي تي قديم تاريخ جو اهم نشان ”رني ڪوٽ“ واقع آهي. هن علائقي ۾ کيرٿر جبلن جو هڪ وڏو سلسلو آهي جنهن جي هڪ حصي جو نالو ”لڪيءَ جا جبل“ آهي ۽ لڪيءَ جي جبلن جو سلسلو ٽن قطارن تي مشتمل آهي. اهي ٽئي قطارون پيچي نوڙهي وٺان ڏار ڏار ٿي ڏکڻ طرف وڃي رني ڪوٽ تائين پهچن ٿيون. هنن جبلن جي اوچائي مجموعي طور تي 2 هزار فوٽن تائين

آهي ۽ هنن ٽنهي جابلو قطارن جي پڇاڙيءَ تي رني ڪوٽ ٺهيل آهي. هتي رني ڪوٽ جي بيهڪ اهڙيءَ طرح آهي جو اوپر واري جابلو قطار تي سن در ۽ اوپاري ديوار جڙيل آهي. اولهه واري قطار تي موهن در ۽ اولاهين ديوار آهي ۽ وچ واري جابلو قطار رني ڪوٽ جي وچ ۾ اچي ختم ٿي وڃي ٿي.

سنڌ جو هي قلعو نه صرف سنڌ جي ڪوٽن ۽ قلعن ۾ نمايان حيثيت جو مالڪ آهي ليڪن ايراضيءَ جي لحاظ کان دنيا جو وڏي ۾ وڏو قلعو آهي. رني ڪوٽ جو گهيرو 108174 فٽ برابر 20 ميل يا 32½ ڪلوميٽر آهي.[1] جنهن جو چوٿون حصو پٿر جي ديوار آهي. باقي ٽي حصا قدرتي ديوار يعني جبلن جون ايڪپريون ۽ جبلن جا چن آهن، جن کي ڪو به پار ڪري نٿو سگهي. هن وسيع قلعي ”رني ڪوٽ“ اندر هڪ وڏي نئه آهي جنهن کي نئه رني يا نئه روٽي سڏيو وڃي ٿو. هيءَ نئه ڪوٽ ۾ اولهه پاسي کان موهن در پرسان داخل ٿئي



ٿي ۽ اوڀر ۾ سن در جي پير مان ٻاهر نڪري وڃي سنڌو درياهه ۾ ڇوڙ ڪري ٿي. هن نئه ڪي ڪوٽ ۾ داخل ٿيڻ ڪان مٿي اولهه ۾ ”موهن نئه“ سڏيو وڃي ٿو. رني ڪوٽ اندر نئه رني يا نئه روٽي ۽ اوڀر ۾ ڪوٽ ڪان ٻاهر نڪرڻ ڪان پوءِ ڇوڙ ڪرڻ تائين ”سن نئه“ سڏيو وڃي ٿو ۽ چيو وڃي ٿو ته ”رني ڪوٽ“ به هن نئه جي نالي سان منسوب ٿيل آهي.

رني ڪوٽ ۾ ٻه مکيه در آهن، هڪ اوڀر ۾ سن در ۽ ٻيو اولهه ۾ موهن در. رني ڪوٽ جي اندر 3 ننڍيا قلعا پڻ ٺهيل آهن 1. ميري ڪوٽ 2. شير ڳڙهه 3.موهن ڪوٽ. رني ڪوٽ ۾ ٻاهرين ديوار ۾ 47 برج ٺيهل آهن جن ۾ ست برج چورس يا مستطيل ۽ چاليهه برج گول ٺهيل آهن جن ۾ ٻه برج اولهه پاسي ڪان اڪيلا، اڪيلا مورچي طور ٺهيل آهن ۽ چار ٻيا برج هڪ ٻئي سان ويجها ويجها ديوار سان جڙيل



آهن. ٻـ ٻيا برج هڪ ڊگهي ديوار سان جڙيل آهن اهڙيءَ طرح اولهه پاسي کان بچاءَ لاءِ هنن برجن کان ٿورو اندر هڪ ٻيو برج ۽ ديوار ٺاهي وئي آهي جنهن کي ”ل“ لکڻ ديوار سڏيو ويچي ٿو. اهڙيءَ طرح سن در کان ڏکڻ طرف واري ديوار جي پڇاڙيءَ کان پوءِ ٿورو اڳتي هڪ اڪيلو برج ٺهيل آهي جيڪو مٿاهينءَ تي هئڻ ڪري رني ڪوٽ ۾ اندر ۽ ٻاهرگهٽي حصي ۾ نظرداريءَ لاءِ ڪم ايندو هوندو باقي ٻيا برج ديوارن سان ۽ ٻاهر جڙيل آهن هن کان سواءِ پنج برج ميري ڪوٽ ۽ پنج برج شير ڳڙهه ۾ ٺهيل آهن. اهڙيءَ ريت رني ڪوٽ جا ٽوٽل برج 57 ليکيا وڃن ٿا.

هن وقت رني ڪوٽ وڃڻ لاءِ انڊس هاءِ وي تي سن شهر کان ٿورو اڳتي اولهه پاسي هڪ روڊ رني ڪوٽ جي سن در تائين پهچائي ٿو. هتي سن در اوٽ ۾ هجڻ ڪري نئه رني جو پيٽ ئي ڪوٽ جي اندر وڃڻ جو رستو سمجهيو وڃي ٿو. اصل ۾ ڪوٽ جي اڏيندڙن دشمن کي ڀلائڻ لاءِ اهڙي تعمير ڪئي هوندي، پر هاڻي ان نئه مان ئي اندر وڃڻ جو رستو آهي جيڪو ميري ڪوٽ تائين ٺهيل آهي. هتي سن در وٽ نئه جي مٿان پل ٺهيل هوندي جنهن جا نشان موجود آهن. هن جاءِ تان هڪ ديوار نئه جي مٿان چورس برج کان شروع ٿي جبل تي هيٺ مٿي ۽ وروڪڙ ڪائيندي اتر طرف وڃي ٿي. هن ديوار ۾ پهرين چورس برج کان سواءِ اٺ گول برج آهن جن مان هڪ برج اوپر طرف اڳتي نڪتل آهي تہ جيئن وڏيڪ نظرداري ۽ حفاظت ڪري سگهجي. هن جاءِ تي هيءَ ديوار ۽ ان جا برج ورڪڙ ڪائيندي پهاڙن ۽ پوٺن تي لهندي ۽ چڙهندي ”ديوار چين“ جهڙو خوبصورت نظارو

پيش ڪري رهيا آهن. نئه جي ڏڪڻ واري ڪپ تي هڪ شاندار گول برج آهي جنهن ڪان وڪڙ دار ديوار اڳتي هلي هڪ ٻيو وڪڙ ڪائي ڪوٽ ۾ سن در ناهي ٿي. هن در ڪان اندر ويندي رستي تي چوڪيدارن لاءِ ڪوٺيون ٺهيل آهن ۽ بعد ۾ اندر وڃڻ لاءِ هڪ محرابي در ٺهيل آهي. سن در ڪان ڏکڻ طرف ديوار جبل تي چڙهندي وڃي ٿي. هن ديوار ۾ چار گول برج ۽ آخري چيڙي تي مستطيل برج آهي جنهن کي بعد ۾ مسجد بڻايو ويو آهي. سن در جي سامهون اندر هڪ چورس اڪيلو ڪمرو جنهن تي مٿان گنبذ نما ڇت آهي جنهن کي بارود خانو چيو وڃي ٿو ۽ ڪي وري ان کي ٻڌمت جي عبادتگاهه چون ٿا. سن در جي ديوار ڪان پوءِ ڪوٽ کي قدرتي بند آهن جن کي پار ڪرڻ سولو نه آهي. پوءِ به هڪ برج نظرداريءِ لاءِ اڪيلو ڳاٽ اوچو ڪيون بيٺو آهي ان ڪان اڳتي ڏکڻ طرف جابلو رڪاوٽن ڪان پوءِ گهٽو اڳتي ڏاڪٽي ديوار شروع ٿئي ٿي جيڪا وڃي ڪوٽ جي اولهه ۾ قدرتي مورچي وٽ ختم ٿئي ٿي. هيءَ ديوار رني ڪوٽ جي سڀ ڪان ڊگهي ديوار آهي جنهن ۾ چوڏهن برج آهن جن ۾ چار چورس برج آهن ۽ ڏهه گول برج آهن. هيءَ ديوار به لاهين چاڙهين ۽ ڏکڻ جي ميدان ۾ پوٺن ڪان ايندڙ پاٽيءَ جي رستن کي پار ڪندي تمام خوبصورت نظر ايندي آهي. هن ديوار جي سِڌَ ۾ ڪوٽ جي اندر تقريباً ٽن ڪلوميٽر تي هڪ ٻي اٽپوري ديوار آهي جيڪا شايد ڏکڻ ڪان ٻي دفاعي لائن جوڙڻ لاءِ ٺاهي پئي وئي ليڪن اها مڪمل نه ٿي سگهي. رني ڪوٽ جي اولهه ۾ مٿي ذڪر ڪيل اڪيلن ۽ ڳنڍيل برجن ڪان پوءِ موهن ڪوٽ اچي ٿو ۽ موهن ڪوٽ ڪان ديوار نئه رني

جي داخل ٿيڻ واري جڳهه تائين هلندي وڃي ٿي. هن ديوار ۾ موهن ڪوٽ کان سواءِ ٽي گول برج آهن. نئه کي پار ڪندي ديوار ۾ موهن در آهي جتان ديوار ڦيريان اولهه طرف وڃي ٿي ۽ پوءِ موڙ کائي اوڀر طرف رواني ٿئي ٿي. هن ديوار ۾ چار برج ٿوري ٿوري فاصلي تي آهن ته جيئن موهن در جي حفاظت ٿي سگهي. آخري پنجون برج هن ديوار جي ڏکڻي مفاصلي کان پوءِ اچي ٿو ۽ هي برج رني ڪوٽ جي سيني برجن ۾ وڏو برج ليکيو وڃي ٿو. هن برج کان پوءِ وري قدرتي ديوار يعني ايڪپريون شروع ٿي وڃن ٿيون ويندي اوڀر واري ديوار جي شروع ٿيڻ تائين. اهڙيءَ ريت رني ڪوٽ ٻاهران گهيرو مڪمل محفوظ ٿي وڃي ٿو.

رني ڪوٽ ۾ نئه رني جيئن موهن در کان داخل ٿئي ٿي ته ان جي وچ پيٽ مان هڪ چشمو ڦٽي نڪري ٿو جيڪو شير ڳڙهه ۽ ميري ڪوٽ جي هيٺان گذري اڳتي اچي زمين ۾ گم ٿي وڃي ٿو. هن چشمي تي هڪ هنڌ هڪ خوبصورت تلاءُ آهي جنهن کي هتان جا مقامي ماڻهو پرين جو تڙ چون ٿا. هن چشمي جو پاڻي پيئڻ کان علاوه پوک ڪرڻ جي به ڪم اچي ٿو. هي به هڪ خوبصورت نظارو آهي.

## 1. ميري ڪوٽ

رني ڪوٽ جي اندر هي هڪ ننڍو قلعو ٺهيل آهي جيڪو لڳ ڀڳ رني ڪوٽ جي وچ ۾ قائم آهي ۽ رني ڪوٽ جي مک دروازي سن گيٽ کان تقريبن 3 ڪلوميٽرن جي فاصلي تي آهي. هن تائين پهچڻ لاءِ به دفعا رني ڪوٽ اندر هڪ نئه (جنهن جو نالو نئه رني



آهي) کي پار ڪرڻو پوي ٿو. هي قلعو بہ هڪ ننڍي ٽڪريءَ تي قائم آهي جنهن جي ٽن طرفن کان مٿي چڙهي قلعي تائين پهچڻ تمام مشڪل آهي صرف در واري پاسي کان ئي قلعي تائين پهچي سگهجي ٿو. جيئن تہ هي پنهنجي نالي مان ئي ظاهر ٿئي ٿو تہ هتي حاڪم يا سپهہ سالار جي رهائش هئي جنهن لاءِ هن جي مخصوص اڏاوت ڪئي وئي هئي. هن قلعي اندر ڏٺل اڏاوتن مان بہ هي قلعو شاهي رهائش لاءِ استعمال ٿيندڙ محسوس ٿي رهيو آهي چو تہ هن جي اندر گهٽيءَ ۾ ٿيل چٽسالي خوبصورتي لاءِ ٿيل ڪم اهو ئي ظاهر ڪري رهيو آهي. ميري ڪوٽ جي چوڌاري ڏنل ديوار جي ڊيگهہ 1434فٽ آهي. هي ديوار هيٺان 11 فٽ ۽ مٿي 8 فٽ ويڪري آهي. هن ڪوٽ کي ڪل پنج برج آهن جن ۾ مک دروازي وارو وڏو برج آهي جنهن جو قطر 22.5 فٽ آهي باقي چئن ڪنڊن تي 4 برج آهن. ميري ڪوٽ ڏسڻ کان پوءِ محسوس ٿئي ٿو تہ پهرين اڏاوت کان پوءِ جي دور ۾ ڪوٽ ۾ مرمت ڪرائي ان ۾ ڦير گهير ڪرائي وئي آهي.

هن قلعي اندر پراڻي ڍنڍ اڏاوتن کان علاوه هڪ ٻن ڪمرن وارو ”ريسٽ هائوس“ سائين جي.ايم سيد پاران ٺهرايو ويو هئو ته جيئن هتي تفريح ۽ تحقيق لاءِ ايندڙ ماڻهو ترسي سگهن. اڄ به قلعي اندر اها ئي واحد جڳهه آهي جتي ڪجهه وقت لاءِ يا رات به رهي سگهجي ٿو ۽ هن قلعي جي ديوار تي چڙهي آسپاس جون جابلو قطارون، پرسان وهندڙ قدرتي چشمو ۽ سامهون تمام اوچائي تي اڏيل شيرڳڙهه جو نظارو به ڪري سگهجي ٿو.

## 2. شير ڳڙهه



هي قلعو مڪمل طور حفاظتي ۽ فوجي نوعيت واري انداز ۾ ٺهيل آهي. هن قلعي جي ديوار جي ڊيگهه 1255 فٽ آهي ۽ 5 برج ٺهيل آهن. در کان داخل ٿيڻ لاءِ ميري ڪوٽ وانگر ٻن برجن جي وچ ۾ هڪ گهٽي آهي. شير ڳڙهه رني ڪوٽ جي اتر اولهه واري ڏکي جابلو قدرتي ديوار تي قائم ڪيو ويو آهي. هي قلعو رني ڪوٽ اندر تمام مٿاهينءَ جڳهه ۽ سمنڊ جي سطح کان 1480 فٽ اوچائيءَ تي ٺهيل آهي جتان رني ڪوٽ کان ٻاهر ڪافي وڏي ميداني علائقي تي نظر رکي سگهجي ٿي ۽ رني ڪوٽ اندر به وڏي حصي تي نظرداري



ڪري سگهجي ٿي. هن قلعي اندر صرف هڪ وڏو پاڻيءَ جو حوض ٺهيل آهي جنهن ۾ اتي رهندڙ فوج جي استعمال لاءِ پاڻي جمع ڪيو ويندو هوندو. شير ڳڙهه تي صرف هڪ طرف کان پاڻيءَ واري چشمي کان مٿي شيرڳڙهه تي چڙهڻ جو رستو آهي جيڪو به پنڌ ڪري اٽڪل ڏيڍ يا ٻه ڪلاڪ جي وقت ۾ طئي ڪري مٿي پهچي سگهجي ٿو. ان ڪري قلعي ۾ ٺهيل حوض ۾ پاڻي پرڻ لاءِ به چشمي کان شير ڳڙهه تي چڙهڻ واري رستي تي وچ ۾ به هڪ حوض ٺهيل آهي ته جيئن پاڻي ٻن ساهين ۾ مٿي پهچائي سگهجي. هن قلعي ۾ فوج جي رهائش هوندي جيڪا قلعي اندر ۽ ٻاهر نظرداريءَ ۽ حفاظت لاءِ مقرر هوندي. رني ڪوٽ اندر شير ڳڙهه تمام اوچائيءَ تي جڙيل آهي جنهن تائين پهچڻ لاءِ جيڪو رستو آهي سو تمام ڏکيو ۽ ٿڪائيندڙ آهي. هن پٿريلي چڙهائيءَ تي چڙهڻ لاءِ jogger shoes هجڻ ضروري آهن.

## 3. موهن ڪوٽ



هي قلعو موهن در کان 1500 فٽ پري هڪ ايڪپريءَ تي ٺهيل آهي. هي مستطيل قلعو آهي ۽ ميري ڪوٽ ۽ شير ڳڙهه کان ايراضيءَ ۾ ننڍو آهي. سندس ڊيگهه 123 ۽ 127 فٽ آهي. ڪنهن به هڪ پاسي 32 فٽ ۽ ٻئي پاسي 58 فٽ آهي. هي به هڪ حفاظتي ڪوٽ آهي جنهن جي ٽن پاسن کان وڏيون ڪاهيون آهن ته جيئن هي ڪوٽ رني ڪوٽ جي اولهه واري در (موهن در) جي پير ۾ آهي ۽ هتي هن پاسي مقرر ٿيل لشڪر ۽ اعليٰ عملدار جي ڪم ايندو هوندو ۽ هتان قلعي جي اندر ۽ ٻاهر واري موهن وادي ۽ ٻئي وڏي علائقي جي نگهباني ڪئي ويندي هوندي.

رني ڪوٽ جي اڏاوت ڪڏهن ٿي ۽ ڪنهن ڪرائي ان تي محققن جو تمام وڏو بحث ٿيل آهي پر اڃان تائين ان جي ڪا حتمي راءِ نه جڙي سگهي آهي ته ڪهڙي سن ۾ ڪنهن جي دور ۾ ٺهيو ليڪن اهو طئي آهي ته هي تمام اوائلي دور جو قلعو آهي جنهن جي اڏاوت ”ديوار چين“ ۽ ايران جي اتر ۾ ٺهيل ديوارن سان مشابهت رکي

ٿي جن کي شڪ ياجوج چيو وڃي ٿو. اهي ديوارون سائرس اعظم ۽ سندس پوين ڪياني شهنشاهن ٺهرايون هيون. هي دؤر سڪندر اعظم جي دور کان به اڳ جو دؤر هو.[2] محقق چچنامي مان مثال ڏنو آهي ته محمد بن قاسم هن قلعي ۾ اچي ترسيو ۽ هتان حجاج بن يوسف کي خط لکيو جنهن ۾ هن رني ڪوٽ کي دنيا جو وڏي ۾ وڏو قلعو لکيو آهي.[3] هن قلعي اندر عربن ۽ رومين جا قبرستان به موجود آهن ۽ هتي پڊمت جا نشان به ملن ٿا جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته هي ڪوٽ عربن کان اڳ جو اڏيل آهي. هڪ تاريخي ڪتاب موجب سنڌ جو هي جابلو ڪوهستاني علاقو ايران تي ساساني حڪمرانن جي دؤر ۾ ايران جو آخري سرحدي علائقو هو. ان ڪري انهن اتي ڪوٽ ۽ قلعا تعمير ڪرايا.

بهرحال سنڌ جو هيءُ عظيم قلعو اڄ به پنهنجي طلسماتي ڪهاڻين ۽ نظارن سان گڏ تحقيق جو طلبگار آهي. بدقستمي اها آهي ته سنڌ تي ڌارين جي باربار يلغارن ۽ ڦرلٽ سنڌ جي ڪتبخانن کي به تهس نهس ڪيو آهي جنهن ڪري سنڌ جي تاريخ ۾ تسلسل نه آهي. اڄ جا محقق به ڌارين جي لکيل تاريخ جي بنياد تي اڳتي وڌيا آهن، سندن جاکوڙ ضرور منزل ماڻيندي. رني ڪوٽ دنيا جو وڏي ۾ وڏو قلعو آهي، مون صرف ان جو اوهان سان مختصر تعارف ڪرايو آهي ته جيئن شعور وندن کي اتساهه ڏياري ته سنڌو ماٿريءَ جي اهڙن تاريخي ماڳن تي وڃي پنهنجي وڏڙن جي ٽيل پورهئي، محنت ۽ ڪاريگريءَ کي ڏسي ڪين خراج پيش ڪري سندن عظمت کي سلام ڪجي ۽ ضروت آهي ته پنهنجي تاريخي ماڳن ۽ قومي ورثي بابت

معلومات حاصل ڪري پنهنجي ماضيءَ ڪي پروڙي پنهنجو مستقبل سنوارڻ جي لاءِ جاکوڙ ڪجي ته جيئن پنهنجي قوم کي ترقي ۽ خوشحالي جي شاهراه تي آڻڻ لاءِ پاڻ به ڪو ڪردار ادا ڪري سگهجي.

(روزاني عوامي آواز 24 نومبر 2009ع)

(1) ڪتاب سنڌ جا ڪوٽ ۽ قلعا صفحو نمبر 409 ليکڪ اشتياق انصاري

(2) ڪتاب رني ڪوٽ صفحو نمبر 97 ليکڪ بدر ابڙو

(3) ڪتاب رني ڪوٽ صفحو نمبر 109 ليکڪ بدر ابڙو

# عمرڪوٽ تاريخ جي آئيني ۾

گهڻي وقت کان دلي خواهش هُئي تہ ٿر جو سير ڪجي. چئن پنجن سالن کان هر سال دوستن سان پروگرام ٺهن پيا پر ٿر وڃڻ نہ



پيو ٿئي. ڪي دوست چوَن تہ وسڪاري جي موسم ۾ ٿر هلجي ۽ جڏهن ٿر ۾ وَسڪارو ٿئي تہ هت ڪراچيءَ ۾ بہ برساتون هجڻ ڪري نڪري نہ پئي سگهيس ۽ پيو تہ مُنهنجي خواهش هُئي تہ ٿر کي اصل حالت يعني سوڪهڙي جي مند ۾ ڏسجي. جيئن اُتان جي مُند، مٿيءَ ۽ ماڻهن جي رهڻيءَ ڪهڻيءَ ۽ ڏُکن ڏوجهرن جي پروڙ پئجي سگهي ۽ خاص طور ٿر جي ماڳن مڪانن ڪارونجهر جبل ۽ جين ڌرم جي پُراڻن تاريخي مندرن کي بہ عام موسم ۾ ڏسي سگهجي. اها مُنهنجي آس ۽ اُڪير هميشہ دل کي ستائيندي رهي. نيٺ اها من جي مراد

پوري ٿي. ٿيو ائين تہ من موهيندڙ مُرڪ جي مالڪ دوست انجنيئر ممتاز علي سانگيءَ جي تعلقي چاچري ۾ پوسٽنگ ٿي تہ هن چيو هاڻي تہ اچو تہ ٿر گڏجي گهمون! پوءِ مُون محترم امتياز ابڙي ۽ لال محمد لاکي صاحب سان صلاح ڪئي. لال محمد لاکو پهريان بہ ٿر وڃي چُڪو هئو ۽ اُتي جي ڪُجهہ معلومات بہ هُيس. بهر حال اسان ٽئي دوست پروگرام طئہ ڪري 16 اپريل 2011ع تي صبح جو 7 وڳي ڪراچيءَ کان روانا ٿياسين. حيدرآباد باءِ پاس ميرپور خاص جي ٻاهران عمر ڪوٽ واري روڊ تي الحسنا ريسٽورنٽ تي چانهن پيئڻ لاءِ 15 منٽن جو اسٽاپ ڪيوسين. چانهن پيئندي لال محمد لاکي پنهنجي هڪ دوست حاجي صديق ميمڻ کي فون ڪيو تہ اسين عمر ڪوٽ اچي رهيا آهيون. (حاجي صديق ميمڻ سيشن ڪورٽ عمر ڪوٽ ۾ ريڊر آهي) اسان چانهن پي عمر ڪوٽ روانا ٿياسين.

هلندي خيال آيو تہ عمر ڪوٽ هلون ٿا. اُتي رهندڙ سنڌ جي مهان ڪلاسيڪل ۽ صُوفي راڳ جي راڻي شفيع فقير سان مُلاقات ڪجي. اهو سوچي ساڻس رابطو ڪيوسين. اسان جي خوش قسمتي هُئي جو فقير بہ شهر ۾ موجود هو. اسان هڪ ڪلاڪ ۾ ميرپور خاص کان عمر ڪوٽ جو سفر طئہ ڪيو. هن رستي تي بچاءُ بند اسٽاپ کان ٿيندي اسان 12هين وڳي عمر ڪوٽ شهر جي مُک چوڪ تي پهتاسين جتي حاجي صديق ميمڻ صاحب اسان جو انتظار ڪري رهيو هئو. اسين ڪيس ساڻ ڪري شفيع فقير جي جاءِ تي پهتاسين جنهن کي هُن راڳ جي سکيا لاءِ ”آلاپ سنگيت اڪيڊميءَ“ جو نالو ڏنو آهي. اُتي هڪ وڏي ڪمري ۾ شفيع فقير ۽ سندس ساٿين سان

ملاقات ڪئيسُون. هُن اسان جي گرم جوشيءَ سان آجيان ڪئي. مُنهنجي تہ ساٿس گذريل 10 سالن کان واقفيت هُئي ۽ ملاقاتن جو هڪ سلسلو رهيو آهي. هُن اسان کان مانيءَ لاءِ پُڇيو تہ مون کيس ٻڌايو مانيءَ جو بندوبست اسان جي دوست حاجي صديق ڪري ڇڏيو آهي. اهو ٻُڌي هُن بوتلون گهرايون جيڪي پيئندي ڪچهري بہ ٿيندي رهي.

مون ڪائنس ننگر پارڪر جي تاريخي ماڳن بابت پُڇا ڪئي تہ هُن ننگر شهر جي هڪ سُگهڙ نواز خان ڪوسي لاءِ چيو تہ اُن سان مِلجو. اوهان کي تاريخ بابت پُوري پُوري ڄاڻ ملي ويندي. شفيع فقير اسان کي کيس مليل ايوارڊ بہ ڏيکاريا جيڪي هڪ شوڪيس ۾ سجايل هُئا ۽ ٻڌايائين تہ هِن ڪمري ۾ سنگيت جي شاگردن کي سُرن جي سکيا ڏني ويندي آهي. ڪمري ۾ ساز بہ سُٺي نمُوني سان سجائي رکيل هُئا جيڪي ڏسڻ کان پوءِ ڪائنس موڪلايوسين.

حاجي صديق ميمڻ اسان کي ڪارونجهر ريسٽورينٽ تي وٺي هليو جتي مانجهاندو ڪيوسين. مون محسوس ڪيو تہ عمر ڪوٽ شهر ۾ شايد سيني کان سُٺو هيءُ ريسٽورينٽ آهي ان ڪري ئي حاجي صديق اسان کي هت وٺي آيو. هتي ماني بہ سُٺي ۽ اسان جي وس کان وڌيڪ هُئي جنهن مان ميزبان جو خلُوص جهلڪي رهيو هئو. هتي صاف سُٺو ماحول هئو جتي فيمليءَ سان گڏ بہ ويهي ماني کائي سگهجي ٿي. هيءُ ريسٽورينٽ قلعي جي پر سان ئي موجُود آهي. هيٺ مارڪيٽ نهيل آهي ۽ مٿي هيءُ ريسٽورينٽ نهيل آهي. ماني کائي قلعي ڏانهن روانا ٿياسين.

عمر ڪوٽ قلعي مُتعلق مون گهڻو ڪُجهہ پڙهيو هو ۽ ٻُڌو هو. ان ڪري سنڌ جي هن اهم اُهڃاڻ ڪي ڏسڻ جي وڏي آس هُئي جيڪا پُوري ٿي رهي هُئي. مُک دروازي تي پهتاسين تہ دروازي ٻاهران ٻنهي پاسن کان ٿهيل وڏا ويڪرا ۽ اُوچا بہ گول برج سنڌ ڌرتيءَ جي تاريخي عظمت جي شاهدي ڏئي رهيا هُئا ۽ ائين محسُوس پئي ٿيو تہ اڄ بہ هي ٻئي برج سنڌ جي سپيتا جا محافظ بڻيا بيٺا آهن. مُک دروازي کان وَڪڙ ڪائي قلعي جي اندر پهتاسين تہ قلعي جي اندر جديد دور جون اڏاوتون ڏسي دل کي مهڻو آيو ۽ کُليل ميدان ۾ بہ مونجهہ محسُوس ٿي رهي هُئي پر اڳتي اڃي هڪ وڻ جي هيٺان ڪار



بيهاري ڪوٽ جي وچ ۾ ٺهيل هڪ گول برج ويجهو آياسين. هيءُ تمام وڏو برج آهي. هن تي چڙهڻ لاءِ هڪ وڏي ڏاڪڻ ٺهيل آهي جنهن جا 59 ڏاڪا مٿي چڙهي برج تي پهچي سگهجي ٿو. هِن برج

تي چوڏاري ڪنگرو ڏنل آهي جنهن ۾ توبن جي مار لاءِ ڳڙکا رکيل آهن ۽ انهن ڳڙکن وٽان مُختلف سائيزن جو 7 عدد توبون رکيل آهن جن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ انگريزن پنهنجي دؤر ۾ اهي توبون برج تي رکرايون هيون ۽ هيءُ برج پهريان ڪلهوڙن جي دؤر ۾ ٺهرايو ويو ۽ اندران خالي هئو جنهن ۾ انگريزن مٿي پرائي مٿان توبون رکرايون



هيون. هي توبون پُراڻيون هُونديون بہ خوبصورت ٺهيل آهن. اهي توبون پُڏائي رهيون هيون اسان جي اج بہ اهميت آهي. هن برج تان سڄو عمر ڪوٽ شهر ڏسڻ ۾ پئي آيو ۽ سڄي شهر کان ٻاهر پري پري تائين وارياسيون ڀِٽُون پڻ ڏسڻ ۾ پئي آيون چو تہ قلعو حفاظتي اعتبار کان تمام مٿانهينءَ تي ٺهيل آهي ۽ ڪوٽ جي اندر بہ برج مٿانهينءَ تي ٺهيل آهي ۽ اج بہ هن برج کان بيهي شهر کان ٻاهرينءَ چُرپُر تي بہ نظر رکي سگهجي ٿي. هيءُ سڄو برج ۽ ڏاڪڻ پڪين سرن سان ٺهيل آهي. هيءُ برج زمين کان 32 فوٽ اُوچو ٺهيل آهي. هيءُ قلعو مستطيل ٺهيل آهي. هِن جي ديوار جي ٿولهہ ڪٿي 10 فوٽ تہ ڪٿي

14 فوٽ آهي جيڪا مُک دروازي واري پاسي کان تمام گهٽي مضبوط بيٺي آهي. باقي ٻين پاسن کان ڪافي ڀُريل ۽ ڀُريل لڳي ٿي جنهن ڪري سندس اُوچائي ڪٿي گهٽ ڪٿي وڌ نظر اچي رهي آهي. هن قلعي ۾ مُک دروازي وارا ٻه برج ۽ وچيون برج مضبوط بيٺا آهن. باقي ديوار جي چئن ڪُنڊن وارن برجن مان ٽي برج ڪمروز حالت ۾ موجود آهن. چوٿينءَ ڪُنڊ واري برج جا صرف آثار نظر اچي رهيا آهن. باقي سڀني برجن جي اڏاوت گول آهي.

تاريخ جي آئيني ۾ عمر ڪوٽ کي پهريان امر ڪوٽ سڏيو ويندو هُئو ۽ وادِيِ سنڌ کي زرخيز ڪندڙ سنڌو درياهه جو هڪ وهڪرو جيڪو اروڙ ”روهڙيءَ“ وٽ سنڌو درياهه کان الڳ ٿي ٿر جي علائقي امر ڪوٽ جي پر مان ٿيندو ڇاڇري جي اولهه کان ٿيندو سمُنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو هئو. سنڌو درياءَ جي هن شاخ کي ”هاڪڙو“ سڏيو ويندو هئو ۽ 13هين صدي عيسويءَ جي آخر ۾ سنڌو درياءَ جي هن شاخ ۾ پاڻي گهٽ ٿي ويو ۽ اروڙ کان نڪتي واريءَ شاخ ۾ وڌي ويو. اڳتي هلي هاڪڙو بلڪل خُشڪ ٿي ويو ۽ ٿر جي علائقي جنهن مان هاڪڙو گُذرندو هو اُن کي اوائلي دور کان اڄ تائين مهراڻو سڏيو وڃي ٿو. هن مهراڻي ۾ امر ڪوٽ قلعو صدين کان ڳاٽ اونچو ڪيون بيٺو آهي.

چيو وڃي ٿو ته هن قلعي کان پُراڻو ٻيو قلعو امر ڪوٽ هئو پر اُن جا ڪي ٻه آثار نه ٿا ملن جنهن ڪري مورخ هن کي ئي اوائلي قلعو قرار ڏين ٿا جيڪو ڪنهن نهرايو؟ ان جي تصديق نه ٿي ٿئي پر مُختلف حڪومتي دؤرن ۾ هن قلعي تي حملا ٿيندا رهيا آهن ۽ قبضا ٻه ٿيندا رهيا آهن ۽ مُختلف دؤرن ۾ هن قلعي کي مضبوط ڪرائڻ لاءِ

هن تي ڪم به ڪرايو ويو آهي.
هن قلعي جي اوائلي تاريخ موجب جيڪا ڇهين صدي عيسويءَ کان ملي ٿي ته هتي پرمارن جي حڪومت هئي ۽ 559ع ۾ راجا معظم راءِ عرف منڌم راءِ امر ڪوٽ جي گاديءَ تي ويٺو. ان بعد جي تاريخ 1125ع کان ملي ٿي ته هتي سڄي سنڌ تي سومرن راجپوتن جي حڪومت هُئي. امر ڪوٽ گاديءَ جو هنڌ هئو. اُن وقت آبو (راجستان جو علائقو) جي راجا ڌرٽي براهه جي ننڍي پٽ باهڙ جو وڏو پٽ سوڍو امر ڪوٽ ۾ سومري حاڪم وٽ مدد لاءِ لنگهي آيو ۽ سومري حاڪم کيس رتو ڪوٽ مهربانيءَ طور ڏنو. هن رتي ڪوٽ جا آثار ڪپري شهر کان ڪجهه ميل پري اڄ به موجود آهن. اهڙيءَ طرح سوڍو رتي ڪوٽ جو حاڪم ٿيو ۽ سندس مرڻ کان پوءِ سندس وڏو پٽ رتي ڪوٽ تي حاڪم رهيو پر هن جي ننڍي پُٽ راج ديو 1226ع ۾ امر ڪوٽ تي قبضو ڪري ورتو ۽ پوءِ وري 1330ع ۾ راڻي ڏارا برش کان دودي سُومري (ٽئين) امر ڪوٽ کسي پنهنجي حڪومت جي گاديءَ جو هنڌ بڻايو ۽ پوءِ 1439ع تائين امر ڪوٽ تي سومرن جي حاڪميت رهي. (سُومرا راجپوت پهريان هندو ڌرم جا هُئا جيڪي بعد ۾ مُسلمان ٿيا) پهريون همير سومرو همير سنگهه سومرو لکيو ويو آهي ۽ سُومرن جو سنڌ تي حاڪميت جو دؤر 500 سال ليکيو ويجي ٿو. (وضاحت ڪندو هلان ته تحفته الڪرام ۽ تاريخ معصوميءَ ۾ سُومرن جي حُڪومت جو دورانيو 505 سال جڏهن ته مُنتخب التواريخ ۾ 365 سال ڄاڻايو ويو آهي.)[1]
اهڙيءَ طرح هتي سومرن ۽ سوڍن جي وارا ڦيري هلندي آئي ۽

1439ع ۾ سومرن جي آخري حاڪم همير سُومري کان راڻي همير سوڍي امرڪوٽ کسي ورتو جنهن کان پوءِ سنڌ ۾ سومرا ڪمزور ٿي ويا ۽ سڄيءَ سنڌ تي سمن جي حاڪميت قائم ٿي وئي ۽ سوڍا بہ سمن جي بادشاهيءَ ۾ اچي ويا پر امر ڪوٽ سوڍن وٽ قبضي ۾ رهيو جنهن کان پوءِ هِن قلعي بابت معلومات وري ڪلهوڙن جي دؤر ۾ ملي ٿي تہ ڪلهوڙن هِن قلعي ۾ وچون برج تعمير ڪرايو ۽ 1807ع ۾ جوڌپور جي راجا امر ڪوٽ تي قبضو ڪيو جنهن کان پوءِ مير ڪرم علي ٽالپر ۽ مير سهراب خان ٽالپر پنهنجي سپهہ سالارن نواب طاهر، نواب ولي محمد لغاريءَ ۽ سيد گولي شاهہ جي اڳواڻيءَ ۾ فوج موڪلي ۽ عمر ڪوٽ فتح ڪيو. هِن جنگ ۾ راجپوت لشڪر گهڻو مارجي ويو باقي لشڪر ڀڄي جان بچائي. 1817ع ۾ هيءَ جنگ ٿي ۽ وري عمر ڪوٽ ٽالپرن جي قبضي ۾ اچي ويو.

ان کان پوءِ سنڌ تي انگريزن چڙهائي ڪئي ۽ مير شير محمد خان ٽالپر ڊُبي جي جنگ مان نڪرڻ کان پوءِ ڪُجهہ وقت ميرپور خاص ۾ رهڻ کان پوءِ اچي عمر ڪوٽ ۾ رهيو. انگريز لشڪر سندس پيڇو ڪندي اچي عمر ڪوٽ تي حملو ڪيو. ميرشير محمد خان هڪ هفتي تائين انگريزن جي فوج سان مقابلو ڪندو رهيو ۽ پوءِ ٿر ڏانهن نڪري ويو ۽ انگريزن عمر ڪوٽ تي پنهنجو جهنڊو ڦڙڪائي 21هين اپريل 1843ع تي سنڌ تي قبضو مُڪمل ڪيو پر اجا گهڻو ڪُجهہ تحقيق طلب آهي ۽ سنڌ حڪومت جي آثارِ قديمہ ۽ ثقافت کاتي کي ماضيءَ تي تحقيق ڪرائڻ گهُرجي ۽ هِن قومي ورثي جي بچاءَ لاءِ بہ اُپاءَ وٺڻ گهرجن.

www.sindhsalamat.com

ڪوٽ اندر نهيل ميوزم بہ ڏنوسين جنهن ۾ مارئيءَ جي ڪوهہ جون تصويرون ۽ ماڊل بہ نهيل آهن ۽ هتي ٿر جي تاريخي مندرن جون تصويرون ۽ ڪارونجهر جبل جون تصويرون بہ موجود آهن ۽ ڪجھہ ثقافتي مواد بہ آهي پر گهٽي جڳهہ مُغل ثقافت کي ڏني وئي آهي. ياد رکڻ گھُرجي تہ جڏهن راڻو پرشاد سوڍو امر ڪوٽ جو حاڪم هو تہ 1542ع ۾ هندستان جو بيدخل ٿيل مُغل شهنشاهہ همايون راجپوتانا کان بہ مايوس ٿي اچي امر ڪوٽ پهتو ۽ راڻي پرشاد سوڍي سندس آجيان ڪئي ۽ سوڍي سردار هن هارايل ۽ ٿڪل شهنشاهہ جي ميزباني ڪئي هُئي. اِن دوران همايونءَ جي گهر واريءَ کي پُٽ ڄائو جنهن جو نالو محمد اڪبر رکيو ويو جيڪو بعد ۾ هندستان جو شهنشاهہ اڪبرِ اعظم بڻيو. اُن لاءِ ميوزيم جو وڏو حصو مخصوص ڪيو ويو آهي جڏهن تہ هيءُ قلعو سُومرن ۽ سوڍن جو يادگار آهي. هِن قلعي کي مُغلن فتح نہ ڪيو هو تہ اُنهن جي تيرن تلوارن, ڀالن ٻرڇن ۽ ڍالن سان هن ميوزم کي سينگاريو ويجي. هتي ٿر جي ثقافت ۽ تاريخ کي اُجاڳر ڪرڻ جو ساز و سامان رکيو وڃي تہ جيئن هِن قلعي جي اصل صورت سامهون اچي سگهي. ميوزيم جي ٻاهران سجاوٽ لاءِ توبون رکيل آهن ۽ پر ۾ توبن ۾ استعمال ٿيندڙ گولا بہ هيٺ پيل آهن. هي هيٺ رکيل توبون ۽ گولا ميوزيم جي جديد عمارت جي اڳيان ڄڻ لاچار ۽ ويچارا لڳي رهيا آهن.

ميوزيم جي پر ۾ 1971ع جي جنگ ۾ شهيد ٿيل حُر مجاهدن جي يادگار (هنگورو معرڪا) بہ نهيل آهي. ٻُڌايو ويو تہ 1971ع ۾ ڀارت جڏهن پاڪستان تي حملو ڪيو تہ سنڌ جي سرحدن تي ڪا بہ

فوجي مزاحمت نہ ٿي ۽ ڀارتي فوج ننگر پارڪر ۽ ڇاڇرو فتح ڪندي عمر ڪوٽ پهتي ۽ پوءِ سنڌ جي آزاديءَ جي علمبردار سورهيہ بادشاهہ جي پوئلڳ حُر مُجاهدن هنن ڀارتي فوجن جي رستي روڪ ڪئي ۽ ڀارتي فوج سان وڙهندي وڙهندي انهن کي پوئتي ڌڪيندي وچي ڀارت جي سرحد پار ڪري ويا. ان جنگ ۾ وڏي تعداد ۾ ڀارتي فوجي مارجي ويا هُئا ۽ ڪافي تعداد ۾ حُر مجاهد بہ شهيد ٿيا هُئا. انهن شهيدن جا يادگار ٿر جي ٻين هنڌن تي بہ ملن ٿا. قلعي اندر



ٺهيل يادگار (هنگورو معرڪي) جي مٿان هڪ فوجيءَ جو پُتلو بہ ٺهيل آهي جيڪو ڏسي عجيب لڳو تہ يادگار جو نالو هنگورو معرڪا! جڏهن تہ وڙهيا ۽ شهيد ٿيا بهادر حُر مجاهد جيڪي نہ ڪڏهن پَتلون پائين، نہ وري لوهي ٽوپي پائين. هُنن کي تہ سدائين مليشيائي ڪپڙن

جون وڏيون سلوارون، قميصون ۽ اجرڪ جا وڏا پٽڪا پهريل هُوندا آهن جنهن جي ڪري حر مجاهد پري کان ئي سنڌي ثقافت جا جهنڊا نظر ايندا آهن ۽ اُنهن جي شهادت جي يادگار تي وري هن ورديءَ واري جو پُتلو جيڪي سنڌ جي سرحدن تي حملي وقت نظر ئي نہ آيا ليڪن جيڪڏهن هن يادگار تي پُتلو سلوار قميص ۽ پٽڪي وارو هجي ها تہ ٻاهران ايندڙ سياح ۽ عملدار ضرور پُڇن ها تہ هيءُ پٽڪي وارو ڪير آهي؟

ڪچان تہ ڪافر ٿيان، ماٺ ٿيان تہ مشرڪ

بهر حال هتي هن قديم تهذيب جي ورثي ڪوٽ اندر ميوزيم يا شهيد حر مجاهدن جو يادگار تہ نيڪ آهي پر ٻيون سرڪاري آفيسون ۽ رهائشي بنگلا يا ڪوارٽر قلعي اندر نہ هجن ها تہ بهتر هو پر هاڻي وڏيڪ اڏاوتون نہ ٿهڻ گهرجن ڇو تہ هن ڪوٽ جي پنهنجي هڪ خوبصورتي آهي جيڪا جديد اڏاوتن جي ڪري متاثر ٿي رهي آهي. ڪوٽ جون ڀتيون بہ ننڍيون ٿينديون پيون وڃن. اهي ڀُري رهيون آهن يا وري پاڙي وارا انهن مان سرون ڪڍي وڃي پنهنجي گهرن ۾ هڻي رهيا آهن. ڪوٽ جي حفاظت ٿيڻ گهُرجي ڇو تہ هيءُ هڪ اهم قديم قومي ورثو آهي.

قلعي کان ٻاهر اچي شهر مان ٿيندا ڇاڇري واري روڊ تي آباسين ۽ جڏهن واريءَ واريون ڀٽون شروع ٿيون تہ حاجي صديق ميمڻ صاحب کان زوريءَ موڪلايوسين ڇو تہ هُو رات ترسڻ لاءِ گهڻو اصرار ڪري رهيو هئو. سندس محبت ۽ خلوص اسان کي سدائين ياد رهندو.

(روزانہ مقدمو 20 مئي 2011ع)

# ٿرياترا



سونهن پري سنڌ جي چپي چپي کي اکين سان چُمڻ جي آس ۾ سنڌ جي تاريخي ماڳن مڪانن جي سونهن ۾ سوپيا پسڻ ۾ سنڌ جي سپيتا کي پرکڻ، پروڙڻ ۾ اُجاگر ڪرڻ جي جذبي روح کي تہ رولاڪ بڻائي ڇڏيو پر وسيلن جي کوٽ منهنجي هن عشق کي هميشہ اڌورو رکيو. پوءِ بہ حوصلو ڪري سنگت جي ساٿ سان ٿر جو سفر شروع ٿي رهيو هئو.

عمر ڪوٽ شهر کان ٻاهر نڪرندي ئي ٿر جي سونهري سر زمين شروع ٿي وئي. روڊ سنو نهيل هو جيڪو ڀِٽُن جي وچ ۾ ڏاڍو

خوبصورت لڳي رهيو هئو. هر طرف پٿون ئي پٿون نظر اچي رهيون هيون. ڪنهن ڪنهن مهل هيٺانهين تي هلي رهيا هئاسين ته ڪنهن ڪنهن مهل مٿانهين تي. نظارو اهڙو لڳي رهيو هئو ڄڻ جاڳندي ڪو خواب ڏسي رهيو هُجان. هُونءَ به انهن ئي وارياسين پٽُن کي ڏسڻ لاءِ سالن کان آس ۾ اوسيئڙو هئو ۾ سڄي ڏينهن جو سفر ڪيو هئوسين. پٽن تي هن مُند ۾ مُختصر ۾ سُڪل ٻوٽا نظر آيا ۾ پري پري ڪو ننڍيو يا وڏو وڻ جيڪو به پورو يا اڌ سڪل نظر پئي آيو. ڪيترن ئي ميلن تائين ڪا ئي آبادي نه هُئي. 5 يا 8 ڪلوميٽرن کان پوءِ سڄي هٽ تي يا ڪبي هٽ تي روڊ کان پري پري ڪنهن ڪنهن پٽ جي چوٽيءَ تي يا ٻن يا چئن پٽن جي وچ واري ترائيءَ جي ويجهو گهر (چوئنرا) ٿهيل نظر پئي آيا.

ٿر جي وارياسين پٽن تي سانوڻ جي تمام گهٽيءَ گرميءَ ۾ تمام گهٽيءَ سرديءَ کان بچڻ لاءِ چوئنرا ٺاهيا وڃن ٿا. گول يا چورس ڪچين پٽين وارو هڪ ڪمرو ٺاهي اُن تي ڪاٺ ۾ سڪل گاهه سان قُبي نما ڇت وڏي ويندي آهي جنهن ڪري هي گهر (چوئنرا) سج جي گرم تپش ۾ سياري جي ٿڌين هوائن کي روڪڻ جي وڏي صلاحيت رکن ٿا ۾ پنهنجي مالڪن کي موسمي اثرن کان بچائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. عمر ڪوٽ کان ڇاڇري شهر تائين 55 ڪلوميٽرن جو سفر آهي ۾ هن سڄي سفر ۾ اسان کي 2 يا 3 ڪار گاڏيون مليون. باقي سوزوڪي جيپ جيڪا هاٽي ٿر ۾ ننڍي ڇڪڙي طور استعمال ٿي رهي آهي. هيءَ جيپ پڪن روڊن تي به هلي ٿي ۾ ٿر جي ڪچي واريءَ واري رستي تي به 8 کان 12 ماڻهو کڻي پنهنجو

سفر جاري رکي ٿي. ٿر ۾ هن جيپ تي به سرنديءَ وارا سفر ڪن ٿا، باقي ماروئڙا ماڻهو ته ڏاند گاڏين ۽ گڏهه گاڏين تي سفر ڪن ٿا. هن ڇاڇري واري روڊ سان ڪئي جڳهن تي روڊ جي پاسي عورتون ۽ مرد سواريءَ جي انتظار ۾ وينل نظر آيا.

ڇاڇري کان عمر ڪوٽ پوري ڏينهن ۾ شايد هڪ يا ٻه بسون هن روڊ تان گذرنديون هونديون ڇو ته اسان کي ڪا به بس رستي تي نه ملي. ڪيترن ئي هنڌن تي هي مارئيءَ جي ماڳ جا مارو ماڻهو پنهنجي ثقافتي لباس ۾ ٽولن جي صورت ۾ پنڌ سفر ڪندي نظر آيا. هنن ٽولن ۾ مردن سان گڏ عورتون، ڪٿي صرف عورتون ۽ ڪٿي صرف مرد پيادل سفر ڪندي نظر آيا. عورتون پنهنجي رنگ برنگي روايتي لباس پهريل، سفيد چوڙين سان سندن ٻانهون ڀريل ۽ رئي جي جهُنڊ ۾ مڪمل منهن لڪيل هجڻ باوجود جڏهن پري کان ڪنهن کي ايندي ڏسن ته پنهنجو مُنهن پري ڪري ڇڏڻ جي روايت کي به قائم رکيو پيو هلن. اڄ جي دؤر ۾ به انهن جي ان عمل کي ڏسي مون کي محسوس پئي ٿيو ته جڻ هي به مارئيءَ جون پينرون هُجن ۽ اڄ به پنهنجي لوئيءَ ۽ لڄ کي پنهنجي ميراث سمجهندي پنهنجي روايت تي قائم ۽ دائم آهن ۽ ثابت ڪن ٿيون ته صديون اڳ سندن پيڻ مارئيءَ ڪوٽن ۾ قيد هوندي به پنهنجي لڄ بچائي ڪيئن عورت جي عظمت کي آسمانن جيترو اُوچو ڪيو هئو! هن رستي تان هلندي ۽ هنن کي ڏسندي شاهه لطيف جي شاعري به نئين نڪور پئي لڳي. شاهه سائينءَ مارئيءَ جي ماڳ تي گهڻو لکيو آهي ۽ ڀاڻ به ٿر جي هڪ پاسي واريءَ ڀِٽ کي اڇي وَساياڻين ۽ ڀلارو ڀِٽ ڏٽي سڏجڻ لڳو

۽ سُر مارئيءَ ۾ لکيائين:

نڪا ڪن فيڪون هُئي، نڪا مورت ماهہ.
نڪا سُڏ ثواب جي، نڪو غرض گناهہ.
هيڪائي هيڪ هُئي، وحدانيت واهہ.
لکيائين لطيف چئي، اُت ڳُجهاندر ڳاهہ.
اکين ۾ ارواح، اُها ساڃاهہ سپرين.

مفهوم: اڃا ڏٽيءَ ڪائنات ڪي رَچڻ جو امر ئي نہ ڪيو هو ۽ چنڊ جي تصوير ئي نہ خلقي هُئي، نہ ڪا نيڪيءَ جي خبر هئي نہ وري گُناهہ سان واسطو هئو. جڏهن رُڳو ڏٽيءَ جي هيڪڙائي هُئي تڏهن مارئيءَ اُتي پرولي پروڙي هُئي. اي جانب! منهنجي نيڻن ۾ قلب ڪي اها



تنهنجي شناس هُئي.

ڌرتيءَ جي هِن گولي تي هڪ وڏو حصو پاڻي آهي جنهن ۾ سمنڊ،

درياءَ ۽ ڍنڍون اچي وڃن ٿيون. باقي زمين جي حصي تي وري ٻيو حصو پهاڙن ۽ ريگستانن تي مُشتمل آهي. باقي بچيل زمين تي پوک ٿئي ٿي جنهن کي زرعي زمين چيو وڃي ٿو. اسان جي سنڌ ڌرتيءَ تي زرعي زمين سان گڏ سمنڊ، درياهه، جابلو علائقو (ڪوهستان) ۽ واريا سو علائقو ٿر به آهي.

دُنيا ۾ زرعي زمين وارا ماڻهو ته خوشحال رهندا آيا آهن پر اڪثر جابلو علائقن جا ماڻهو جنگجو ٿين ٿا ۽ ٻين جي علائقن ۾ وڃي قبضا ڪندا رهيا آهن ۽ لُٽ ڦُر ڪندا رهيا آهن ۽ ريگستانن جا رهندڙ به ڦورو ۽ ڌاڙيل رهيا آهن پر سنڌ جي ڌرتي جيڪا اوائلي دؤر کان صُوفين ۽ امن جي پرچار ڪندڙن جي ڌرتي رهي آهي ۽ هتان جا ڪوهستاني بهادريءَ سان مالا مال هُجڻ جي باوجود مانيٽا ۽ محبتي آهن ته ريگستاني علائقي ٿر جو به پنهنجو الڳ رنگ ۽ ڍنگ آهي. هتي جا ماڻهو ثقافت ۽ روايت جا علمبردار آهن ۽ هتي چوريءَ ۽ ڦُر جو ته وجود ئي نه آهي. وڏي پئماني تي غُربت ۽ اڪثر ڏُڪار هجڻ جي باوجود پنهنجي رُکيءَ سُکيءَ تي خوش آهن. هتي لباس به رنگين پهرين ته سندن مزاج به رنگين آهي. هي روايتن جا پاسدار وڏا سُگهڙ ۽ پنهنجي واريا سين پٽن سان پيار ڪندڙ عظيم انسان آهن.

ٿر ۾ مينهن وَسڻ کي ”وسڪارو“ چيو وڃي ٿو ۽ وسڪارو اڪثر مئي، جون ۽ جولاءِ جي مهينن ۾ ٿئي ٿو ته هتي پٽن تي ساوا گاهه ٿين ٿا ۽ وڻ ساوا ٿين ٿا. تراين (هينانهين) ۾ پاڻي گڏ ٿئي ٿو جيڪو ڪئي مهينا انسانن ۽ جانورن جي ڪم اچي ٿو ۽ جڏهن پاڻي کُٽي وڃي ٿو ته گاهه سُڪي وڃي ٿو ۽ هتان جا مالوند ماڻهو پنهنجو مال

ڪاهي سنڌوءَ جي بيراج وارن علائقن ڏانهن روانا ٿين ٿا. (بيراج جي پاڻيءَ واري علائقي کي ٽري ماڻهو سنڌ چون ٿا) مقامي ماڻهو چوَن ٿا ته جڏهن ٽر ۾ گاهه سُڪي وڃي ٿو ۽ پاڻي کُٽي وڃي ٿو ته مال (ڳئون، ٻڪريون، رڍون، مينهون ۽ اُٺ وغيرهه) پاڻ ئي سنڌ ڏانهن وڃڻ جو رُخ ڪري ٿو. ڪنهن سال وسڪارو نه ٿو ٿئي ته هنن مارو ماڻهن جو سفر ڏکيو ٿي وڃي ٿو ۽ تمام گهڻو مال مري وڃي ٿو ۽ خود انسان به بُکن ۾ پاهه ٿيڻ لڳن ٿا. بهرحال هنن جي زندگي ڏاڍي ڏُکي گذري ٿي. تنهن هوندي به هو پنهنجي پٽن کي ڇڏڻ لاءِ تيار نه آهن ۽ پنهنجي ڌرتيءَ



سان جان کان وڌيڪ پيار ڪن ٿا.

ڪار روڊ سان هلي رهي هُئي. آءٌ ٿر جي منظرن ۾ گُم هيس ۽ منهنجو روح هنن پٽن ۾ ڀٽڪندي هتان جي رهواسين جي ڏکن ڏوجهرن واري زندگيءَ جو تصور ڪندي ڏڪارو ٿي رهيو هيو. اسين

ڇاڇري جي ويجهو پهتا هئاسين ته اچانڪ روڊ ڇڏڻ تي ويڪرو ٿي ويو ۽ اٽڪل هڪ ڪلوميٽر ڪان پوءِ وري پهريان جيترو سوڙهو ٿي ويو. اسان ڪي سمجهه ۾ نه آيو ته هي ڇا آهي؟ خيالن جو سلسلو ٽُٽي چُڪو هو ۽ اسين روڊ جي پاسي ڪان گذرندڙ اُنن جي وَڳن ۽ ڏاند گاڏين تي سامان سان گڏ ويٺل مردن، عورتن ۽ ٻارن ڪي ڏسندا ڏسندا اچي ڇاڇري شهر پهتاسين. تعلقي جي ميونسپل آفيس جي پُڇا ڪئي جيڪا شهر ۾ موجود هڪ ئي چونڪ جي ڀر ۾ هُئي ۽ شام ٿي چُڪي هُئي جنهن ڪري سڌو ٿي ايم او آفيس وياسين جتي اسان جو ميزبان ۽ مهربان دوست انجنيئر ممتاز علي سانگي صاحب ڪنهن ڪم جي دوري تي ويل هو. سندس آفيس جو ايڊمنسٽريٽر اميربخش جوڻيجو صاحب ۽ ٻيو آفيس جو عملو موجود هئو جن گرم جوشيءَ سان اسان جو استقبال ڪيو ۽ سيني سان ملڻ بعد اسان هٿ مُنهن ڌوئي توانا ٿياسين ته ايڊمنسٽريٽر صاحب چانهن سان گڏ بسڪيٽ به گهُرايا هُئا. تعارف ڪان پوءِ ڪچهري ٿي. سائين جوڻيجو تمام سنو ماڻهو ۽ يار ويس طبيعت جو مالڪ هئو. اسان سان ائين ڪچهري پئي ڪيائين جڻ اسان جو پُراڻو دوست هُجي. اڌ ڪلاڪ ڪان پوءِ پاءُ ممتاز سانگي به اچي ويو. ملياسين ۽ ڪُجهه دير ويهڻ ڪان پوءِ چيائين ته ڪجهه ڪمن جي جاچ جُوچ ۽ دورو ڪرڻو آهي. اوهان جي ٿَڪل نه آهيو ته گڏ هلو ته اسان جي ڪمن ڪي به ڏسي وٺو ۽ علائقو به ڏسو. اسان هلڻ لاءِ تيار ٿي وياسين ۽ چيوسين اسان ته آيا ئي گهُمڻ آهيون. هلو ته اسين به ڏسون ته اوهان ڪهڙا ترقياتي ڪم ڪرائي رهيا آهيو؟

ٻاهر نڪتاسين تہ سج لهي چُڪو هئو. اسين هڪ سوزوڪي جيپ تي روانا ٿياسين. ٿورو پنڌ روڊ تي هلڻ کان پوءِ هيٺ واريءَ تي نهيل پيچري تي گاڏي لٿي تہ خبر پئي تہ ٿر ۾ جيپ ڪيئن هلندي آهي. ڪُجھہ ڪلوميٽر سفر ڪرڻ کان پوءِ هڪ هنڌ جيپ بيٺي تہ اسين سڀ لٿاسين. اُتي هڪ ننڍڙو ڳوٺ هو. چئني پاسن کان پٿون هيون ۽ وچ ترائيءَ ۾ اسين بيٺا هئاسين. هڪ کوهہ کوٽيو ويو هئو جيڪو اٽڪل 265 فوٽ اُونهو هو ۽ اُن جي گولائيءَ جو قطر 3 فوٽ هو ۽ هڪ فوٽ پڪي ڪنڪريٽ سان هيٺ تائين ٺهيل هو. ممتاز سانگي صاحب ٻڌايو تہ هِن کوهہ جي کوٽائي مٿي کان هيٺ ٿيندي آهي ۽ ان کي پڪو بہ مٿي کان هيٺ ڪيو ويندو آهي. هڪ ڪاريگر هن کوهہ جي کوٽائي ڪندو ۽ فرمي سان ڪنڪريٽ پريندو هيٺ لهندو ويندو آهي. جيستائين پاڻي نڪري کوٽائي جاري رهندي آهي. جيئن کوهہ مان رسيءَ ۽ ڏول ذريعي پاڻي ڪڍبو آهي اهڙيءَ طرح ڪاريگر مٿي کان هيٺ رَسيءَ ذريعي لهندو ۽ ٻاهر نڪرندو آهي ۽ ڪنڪريٽ بہ ائين ئي پهچايو ويندو آهي. هِن علائقي ۾ هنن کوهن ذريعي مارو ماڻهن کي پاڻي پهچائڻ جي ڪوشش ٿي رهي آهي. هيءَ نئين ٽيڪنالاجي آهي جنهن تي عمل ٿي رهيو آهي.

منهنجي هڪ سُوال تي ممتاز صاحب ٻڌايو تہ هتي 250 فٽن کان 300 فٽن تائين کوٽائيءَ سان مِٺو پاڻي ملي ٿو جيڪو مڪمل مِٺو تہ نہ هُوندو آهي ۽ هڪ کوهہ جي تياريءَ تي ٽن کان ساڍا ٽي لک رُپيا خرچ اچي ٿو. هن سال اسان کي تعلقي ۾ 600 کوهہ ٺهراڻا آهن

جيڪي ٺيڪيدارن کان ٺهرايا ويڃن ٿا ۽ ٻي رڻا پاڻيءَ کي گڏ ڪرڻ جي آهي جنهن پٽاندڙ پڪو تلاءُ ۽ ٽينڪ جيڪا زمين جي اندر ۽ ڪجهه ٻاهر ٺاهي ويجي ٿي. هن کي ٿري لهجي ۾ ”ٽانڪو“ چيو ويجي ٿو ۽ کوهه کي ”تڙو“ چيو ويجي ٿو. اِهي ڳالهيون ڪندي اسان ڳوٺ وارن کان موڪلايو تہ هڪ ڳوٺاڻي ممتاز صاحب کان موڪلائيندي ڪجهه رقم ڏيندي چيو سائين! هيءُ ”اوڏاڻو“ آهي تہ ممتاز صاحب اُن کان انڪار ڪندي چيو آءُ ٿر ۾ اوڏاڻو نہ وٺندو آهيان جنهن تي ڳوٺاڻو جڻ ناراض ٿيو ۽ چيائين سائين! اوهان اسان جي چانهن بہ نہ پيتي ۽ اوڏاڻو بہ نہ ٿا وٺو. هيءَ تہ اسان جي روايت آهي ليڪن ممتاز صاحب نرميءَ سان کيس ريجهائيندي چيو آءُ نہ ٿو وٺان. باقي اوهان جي چانهن ٻئي پيري پيئنداسين. وضاحت ڪندو هلان تہ جيڪڏهن ٿر ۾ ڪو مهمان اوچتي ايندو آهي ۽ اُن لاءِ اجرڪ، ٽوپيءَ، ٿري چادر يا ڪنهن ٻيءَ سُوکڙيءَ جو بندوبست نہ هُوندو آهي تہ کيس اُن جي عيوض روڪ رقم ڏني ويندي آهي جنهن کي اوڏاڻو چيو ويجي ٿو.

مون ممتاز صاحب کان پڇيو تہ هِن ڳوٺ جو نالو ڇا آهي؟ تہ هُن وراڻيو تہ هِن ڳوٺ جو نالو ”ٻاٽيئو“ آهي ۽ هيءُ هندو ٻجيرن جو ڳوٺ آهي ۽ هتي ٿر ۾ ٻجير قبيلي وارا هندو بہ آهن ۽ مُسلمان بہ آهن.

اسان گاڏيءَ ۾ اچي ويٺاسين تہ ممتاز صاحب اسان جو چندي رام سان تعارف ڪرايو تہ هيءُ ٺيڪيدار آهي ۽ هي کوهہ (تڙو) يا جيڪي اڳتي هلي ڪم ڏسندس اُهي سڀ هن ٺيڪيدار ٺهرايا آهن.

رات ٿي چُڪي هُئي. وارياسي رستي تي جيپ تيزيءَ سان هلي رهي هُئي ڇو تہ هتي آهستي هلائڻ سان جيپ جي ڦاسي پوڻ جو

خطرو رهي ٿو پر تکي هلائڻ سان جهاڪا اچن ٿا پر بيهي وڃڻ جو خطرو نہ هوندو آهي. 2 يا 3 ڪلو ميٽر سفر ڪرڻ کان پوءِ اسان ڳوٺ "نئين پور" ۾ پهتاسين جتي چندي رام پاڻيءَ جي ٽينڪ (ٽانڪو) ڏيکاريو ۽ هن ٽينڪ جي ماپ ٿي جيڪا ڊيگهہ 30 فوٽ، ويڪر 20 فوٽ ۽ اونهائي 10 فوٽ هُئي. ممتاز صاحب ٻڌايو تہ هِن ٽينڪ ۾ برسات جو پاڻي گڏ ٿئي ٿو جيڪو برساتن جي موسم کان پوءِ ڳوٺ وارن جي ڪم اچي ٿو ۽ اسان جيڪي بہ ٽانڪيون نهرايون ٿا اُنهن جي ماپ ساڳي ٿئي ٿي جيڪا هِن ٽينڪ جي آهي.

وري اسان جو سفر شروع ٿيو ڇاڇري واري روڊ تي اچي چڙهياسين ۽ عمر ڪوٽ واري پاسي تي هلڻ لڳاسين تہ ڪُجهہ پنڌ هلڻ کان پوءِ جيپ جو ٽائر پنڇر ٿي پيو. جيپ مان لٿاسين. آسپاس ڪا ئي آبادي نہ هُئي. رات جي اونداهيءَ ۾ ستارا وڏا نظر اچي رهيا هُئا ۽ اُنهن جي روشنيءَ ۾ ئي آسپاس واريا سين پٽن تي اڏ سُڪل ٻوٽا نظر اچي رهيا هُئا. جيستائين ٽائر مٽجي اسين ممتاز ۽ چندي رام صاحبن سان ڪچهري ڪري رهيا هُئاسين. امتياز ابڙو صاحب جيڪو دوائن جي ڪمپنيءَ ۾ ڪم ڪندو آهي جنهن جو ڪم آهي زندگي بچائڻ واريون دوائون ٺاهڻ ۽ امتياز صاحب اهي دوائون سنڌ جي ڏورانهن علائقن تائين پهچائيندو آهي ان لاءِ هُن محترم چندي رام کان ٿر ۾ نانگن بابت معلومات ورتي. چندي رام ڪيس ڪافي نانگن جا قسم ٻڌايا ۽ ڇيائين هتي "لُنڊي" سپ کان گهٽي ٿئي ٿي ۽ وسڪاري کان پوءِ تعداد ۾ تمام وڏي وڃي ٿي پر هتي جا ماڻهو 3 ڏينهن يا 4 ڏينهن بغير علاج جي هلندا رهن ٿا ۽ پوءِ ڪو ٽوٽڪو

آزمائيندا آهن يا ڪنهن شهر تائين پهچي علاج ڪرائن ٿا. هتي نانگ گهڻا ٿين ٿا ۽ ڏنگين به گهڻو ٿا پر هتي ماڻهو نانگ جي ڏنگڻ سان ڪو گهڻو پريشان نه ٿا ٿين ۽ پنهنجو ڪم ڪار جاري رکن ٿا ۽ ڪم ڪار ڪندي علاج به ڪرائن ٿا. جيپ ڏانهن خيال ڪيوسين ته خبر پئي ته اسپيئر ٽائر به پنچر هو پر ڊرائيور ٽائر کي پنچر به پاڻ لڳايو ۽ جيپ ۾ هوا ڀرڻ جو اوزار به لڳل هئو جنهن سان ٽائر ۾ هوا ڀري وئي ۽ وري سفر شروع ٿيو ۽ اسين ڳوٺ ”ياڏاريءَ“ ۾ پهتاسين جتي پڻ هڪ واٽر ٽينڪ (ٽانڪو) هُئي. ان جي ماپ ڪرڻ کان پوءِ وري اچي روڊ تي چڙهياسين ۽ ”منڙئي موڙ“ کان کاٻي هٿ تي 2/3 ڪلو ميٽر هلي ڳوٺ ” منڙيو ڀير“ پهتاسين جتي هڪ کوهه ٺهي رهيو هيو. رات جي هوندي به ڪم جاري هئو ۽ رسيءَ ذريعي هڪ ڪاريگر کوهه ۾ هيٺ ڪم ڪري رهيو هيو. ممتاز صاحب جيپ جي هيڊلائٽ جي روشنيءَ تي اسان کي اُن ۾ ڪم ٿيندي ڏيکاريو. چوَندا آهن ته ضرورت ايجاد جي ماءُ آهي سو هتي اونداهه ۾ به جيپ جي لائيٽ ۽ آئيني جي مدد سان 150 فوٽ اونهائيءَ ۾ ڪم ڪندڙ ڪاريگر نظر اچي رهيو هئو جيڪو کوهه جي پاسن ۾ ڪنڪريٽ ڀري رهيو هئو. ممتاز صاحب کوهه جي ڀر ۾ پسيل ڪنڪريٽ به چيڪ ڪيو ۽ موڪلائڻ مهل اسان کي اجرڪ اوڍاڻي طور پيش ڪيا ويا جيڪي چندن زور ڀري چيو سائين! هي مهمانن لاءِ آهن سو مهرباني ڪري هي قبول ڪريو. هن جي ضد ۽ محبت کي ڏسندي ممتاز صاحب چيس ته ٺيڪ آ رکو گاڏيءَ ۾ ته هلون.

پوءِ اسان جيپ ۾ سوار ٿي اچي منڙيو موڙ تي پهتاسين جتي هڪ

۽ دُڪان نهيل هئا. اُتي اچي هوٽل تي چندي رام پاران ٽڏيون بوتلون پيتيونسين ۽ ڪُجهه دير چندي رام صاحب سان ڪچهري ڪئي. چندي رام هڪ اُستاد، سماج سُڌارڪ ۽ وڏو محبتي ماڻهو پڻ هو. هتان ڪان پوءِ واپس چاچري روانا ٿياسين.

چاچري پهتاسين ته رات جا 11 ٿي رهيا هُئا ۽ امير بخش جوڻيجو صاحب آفيس جي پڊر تي ڪتون ۽ ڪُرسيون رکرايون ويٺو هو. اسان هٿ مُنهن ڌوتا ۽ پوءِ سيني اندر ڊائننگ ٽيبل تي گڏجي ماني کاڌي.

اُتي جوڻيجي صاحب ۽ ممتاز صاحب ٻُڌايو ادا اسين هتي رات ڏينهن ائين ئي مصروف هوندا آهيون ۽ صُبح ڏسجو سويري وري ماڻهن جا هتي هجُوم هوندا چو ته هيءَ اسان جي آفيس به آهي ۽ گهر به ۽ ماڻهن جون گهُرجون به تمام گهڻيون آهن. پوءِ بجيٽ آهر پوريون ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رهون ٿا.

اسان به واريءَ واري پنڌ ۾ ٿڪجي پيا هُياسين ۽ ننڊ لاءِ وڃي سُتاسين. صُبح جو مون کي 7:30 سُجاڳ ٿي. نيرن ڪري ننگر پارڪر وڃڻ لاءِ ممتاز صاحب کان موڪلايوسين ۽ هن چيو ته ننگر پارڪر ۾ آءُ شام پهچڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو. اسان ماڻهن جي هجوم ۾ جوڻيجي صاحب کان به موڪلايو ۽ ٻاهر نڪتاسين ته لال محمد لاکي صاحب چيو هتي سول جج عبدالستار منهنجو دوست آهي. رات به اُن سان ملي نه سگهياسين. هلو ته اُن سان ملندا پوءِ هلون ٿا. چونڪ جي ٻئي پاسي ڪورٽ هُئي سو سڌا وڃي جج صاحب سان ملياسين. محترم عبدالستار عباس تمام سُٺو خوش

مزاج ۾ تاريخي ڄاڻ رڪندڙ ماڻهو هو. هُن اسان کي ٻُڌايو تہ هتي ڏوهہ تمام گهٽ ٿين ٿا. ان ڪري ڪيس بہ گهٽ داخل ٿين ٿا. مون وٽ صرف 11 ڪيس داخل ٿيل آهن جيڪي هڪ نہ ٻئي ڏينهن حاضري رکي هلائيندو آهيان. مون ڪائنس گوڙيءَ جي مندر جي رستي بابت پُڇا ڪئي تہ هُن ٻڌايو تہ هاڻي مندر تائين پڪو روڊ ٺهي ويو آهي ۽ ننگر پارڪر واري روڊ کان ڪاٻي هٿ تي لنڪ روڊ آهي ۽ آثارِ قديمہ جو بورڊ بہ لڳل آهي. اسان کي تاڪيد پڻ ڪيائين تہ ضرور وڃي هي مندر ڏسو. مان اُن وقت کان اُتي ويندو آهيان جڏهن ننگر پارڪر وارو روڊ بہ ٺهيل نہ هو. هاڻي تہ وڏي سهولت آهي. عبدالستار صاحب ننگر پارڪر جي سول ڪورٽ جي جج افضال خان سان ڳالهائي ننگر پارڪر جي ريسٽ هائوس ۾ اسان جي رهائش جو بندوبست بہ ڪري ڇڏيو. اسان سندس محبت جي ميناس واري چانهن ۽ بسڪيٽ واپرائي ڪائنس موڪلايو تہ هي صاحب اسان کي ڪورٽ جي گيٽ تائين ڇڏڻ آيو ۽ اسان موڪلائي ساڳئي شهر واري چونڪ کان ننگر پارڪر لاءِ روانا ٿياسين.

(روزانہ مقدمو 13 مئي 2011ع)

# جين ڌرم جو گوڙيچو مندر



چاڇري شهر کان عمر ڪوٽ واري روڊ تي هلندي ڪجهہ فاصلي کان پوءِ ويڪرو روڊ اچي ٿيو جنهن جي وچ تي سفيد رنگ جو پٽو بہ ٺهيل هئو. هن ويڪري روڊ لاءِ ممتاز سانگيءَ اسان کي ٻڌايو هئو تہ اهو جنگي جهازن جي هنگامي ليندنگ لاءِ رن وي آهي ۽ ان کان وڌو رن وي اوهان کي ننگر پارڪر کان پهريان بہ نظر ايندو ۽ چاڇري شهر کان 10 يا 12 ڪلوميٽرن کان پوءِ کاٻي هٿ تي اسلام ڪوٽ لاءِ روڊ نڪري ٿو ۽ اسلام ڪوٽ جي ٻاهران ئي روڊ مٺيءَ کان ننگر پارڪر واري روڊ سان وڃي ملي ٿو. رن وي کان پوءِ روڊ تي هلندي جيئن ئي کٻي هٿ تي اسلام ڪوٽ وارو بورڊ نظر آيو تہ اسين ان روڊ تي مُڙي پياسين ۽ هي روڊ بہ عمر ڪوٽ کان چاڇري واري روڊ جهڙو ئي هئو ۽ هن تي هلندي بہ ساڳيون پٽون، لاهيون، چاڙهيون ۽ پري پري ڳوٺ نظر اچي رهيا هئا. هن رستي تي هلندي هلندي روڊ ڪناري هڪ ڳوٺ آيو تہ اسين ڪار کي پاسي تي بيهاري هيٺ لهي آياسين. ڳوٺ

جي ڀاھران ھڪ کوھہ موجود ھئو جنھن مان ٻہ گڏھہ رسي ڇڪي رھيا ھُئا جنھن سان پاڻي ڪڍيو پئي ويو. کوھہ تي ڪُجھہ مرد ۽ ٻار موجود ھُئا ان ڪري اسان انھن جي ويجھو وياسين ۽ سلام دُعا کان پوءِ کوھہ جو پاڻي پيتوسين ۽ ھٿ منھن بہ ڌوتوسين .کوھہ تي موجود ھڪ ڳوٺاڻو جيڪو اسان کي پاڻي پيئاري ڏاڍو خوش ٿي رھيو ھيو اُن کان



ڳوٺ جو نالو پڇيم تہ ھن ٻڌايو تہ ڪلوءَ جو ڳوٺ سڏبو آھي. ھيءُ ڳوٺ روڊ جي ٻنھي پاسن تي آھي ۽ مون ڏٺو تہ ھن ڳوٺ ۾ چؤنرن سان گڏ ٻہ ٽي سڏيءَ ڇت واريون پڪيون جايون بہ ٺھيل ھيون. اسان ڳوٺاڻن کان موڪلايو ۽ روانا ٿياسين. اسان جي ڪار ۾ پاڻي موجود ھئو ليڪن اسان کي ڳوٺ واري کوھہ جي پاڻيءَ جو ذائقو چڪڻو ھيو سو چکيوسين. ھتي بہ پاڻي مٺو بہ نہ ھو نہ ئي ان کي کارو چئي سگھجي ٿو. ھن کي ٻاڙو پاڻي چئي سگھجي ٿو ليڪن ٿر جي علائقي ۾ پاڻيءَ جي اڻاٺ ھوندي آھي اُتي ھي پاڻي بہ وڏي غنيمت آھي.

اسان جو سفر جاري ھو. اسان اسلام ڪوٽ ويجھو آياسين تہ

هڪ رينجرس جي چيڪ پوسٽ هئي جتي اسان کي چيڪ ڪرڻ بعد اسان جو نالو ۽ گاڏيءَ جو نمبر رجسٽر تي لکڻ بعد اسان کي اڳتي وڃڻ لاءِ ڇڏيو ويو. هن چيڪ پوسٽ کان پار ٿيندي ئي سڄي هٿ تي روڊ هو جنهن تي هلندي ئي اسان اسلام ڪوٽ شهر جي ٻاهران ئي ٻاهران منيءَ کان ننگر پارڪر واري روڊ تي اچي وياسين ۽ کٻي هٿ تي مُڙي ننگر پارڪر روانا ٿياسين. هن روڊ تي هلندي اسان اسلام ڪوٽ کان گهڻو اڳتي نڪري آيا هُئاسين تہ هڪ وڏيءَ پِٽ کان هيٺ لهندي سڄي هٿ تي پاڻيءَ جي وڏيءَ ڍنڍ وانگر اَڇ نظر آئي تہ مون لال محمد لاکي کان پڇيو تہ هي ڇا آهي؟ تہ هن وراڻيو تہ سائين هاڻي اهڙا ڪافي نظارا ملندا. هي ڪلر آهي جيڪو پاڻيءَ وانگر نظر اچي رهيو آهي. پوءِ اسين هن ڪلر جي پاسي کان گُذري رهيا هُئاسين جيڪو ويجهو ڪلر ۾ پري کان پاڻي نظر اچي رهيو هو ۽ هي بہ هڪ خوبصورت نظارو هو جنهن کي رُڃ چئبو آهي. رُڃ مُتعلق گهڻو ٻڌو ۽ ڪجهہ پڙهيو بہ هو ۽ اڄ اکين سان ڏٺيسين. هن کان اڳتي نڪتاسين تہ اسان جون نظرون گوڙيءَ جي مندر واري بورڊ کي ڳولهي رهيون هيون تہ ائين نہ ٿئي جو اسان ان کان  اڳتي نڪري وڃون. ننگر پارڪر کان 28 ڪلو ميٽر پهريان روڊ جي کٻي پاسي تي ننڍو بورڊ نظر آيو جنهن تي آثارِ قديمہ لکيل هئو ۽ هن جي پر سان هڪ ننڍو لنڪ روڊ نڪري رهيو هئو. پر سان هڪ وڻ جي ڇانوَ ۾ بيٺل ٻن ڳوناڻن کان تسليءَ لاءِ پڇيوسين تہ هي رستو گوڙيءَ جي مندر ويندو؟ تہ هنن هائوڪار ڪئي تہ اسين اڳتي ننڍي روڊ تي گوڙيءَ جي طرف روانا ٿياسين. هن روڊ تي هلندي 4 ڪلو ميٽرن کان پوءِ اسين گوڙيءَ

جي ڳوٺ ۾ پهتاسين جتي اسان کي ٻڌايو ويو تہ مندر ڳوٺ کان ٻاهر آهي ۽ هي روڊ سڌو اُتي وڃي ختم ٿيندو. اسين ڳوٺ جي وچ کان ٻاهر آياسين ۽ هن رستي جي اٽڪل هڪ ڪلوميٽر ڳوٺ کان ٻاهر اچڻ کان پوءِ مندر تي پهتاسين. ڳوٺ مٿاهينءَ تي هئو ۽ مندر هيٺانهينءَ تي هو. بلڪل ويراني ۾ اڪيلي مندر جي هيءَ عمارت ڏاڍي خوبصورت لڳي رهي هُئي. احاطي جي ٻاهران بہ آثار قديمہ جو بورڊ لڳل هئو. اسان ڪار بيهاري احاطي جي اندر ٿياسين تہ مندر جي ٻاهران هڪ ٻي ننڍي ديوار بہ هُئي جنهن جي دروازي تي اسان پنهنجون جُتيون لاهي اندر گهڙياسين. هيءُ مندر سنگ مرمر جهڙي هلڪي ڳاڙهي رنگ واري پٿر سان جُڙيل آهي ۽ ڇت تي هڪ وڏو گُنبذ ۽ ڪيترا ئي ننڍا گنبذ اٿس جيڪي خوبصورت نظارو پيش ڪري رهيا هُئا. مندر ۾ اندر گهڙياسين تہ اسان کي هڪ پوڄاري ويٺل نظر آيو جنهن اڳتي وڌي اسان جو استقبال ڪيو. مندر جي اندر ننڍي صحن کان پوءِ ٽن طرفن کان کُليل هڪ دالان آهي ۽ دالان جي چوٿين طرف مندر جو وڏو هال آهي ۽ هال جي آخر ۾ وري هڪ ننڍو هال آهي جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ هتي ”پارس ناٿ“ جو وڏو بُت رکيل هوندو هيو. دالان پٿر جي ٿنڀن تي ٺهيل آهي جيڪي دالان جي ٽن طرفن کان ڏاڍا خوبصورتيءَ سان ٺهيل آهن ۽ دالان جي ڇت هڪ وڏو گول گنبذ ٺهيل آهي. گنبذ جي اندران خوبصورت ۽ پائيدار چٽ سالي ٿيل آهي جيڪا اڄ تائين قائم آهي ۽ دالان جي ٿنڀن تي بہ اُڪر جو ڪم ٿيل آهي ۽ ننڍيون ننڍيون مورتيون ٺهيل آهن. دالان جي پاسي واريءَ ڀِت تي بہ مورتيون اُڪريل آهن جن تي ڏڪ لڳل

آهن. چيو وڃي ٿو تہ هڪ پيري انتها پسند مُسلمانن هن مندر تي حملو ڪري هنن ننڍين مورتين کي نقصان پهچائي پاڻ کي بُت شڪن ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هُئي. دالان کان وڏي هال ۾ هڪ دروازو آهي. اسان اُن دروازي کان وڏي هال ۾ داخل ٿياسين تہ اندر هڪ دم چمڙن جي اُڏرڻ جي ڦَڙ ڦَڙاهٽ ۽ چون چون جا آواز شروع ٿي ويا. جڻ اسان هنن چمڙن جي آرام ۽ اڪيلائپ واري ماحول ۾ مداخلت ڪئي هُجي جن تي هو احتجاج ڪري رهيا هُجن. پُوڄاريءَ اسان کي مخاطب ٿيندي چيو تہ سائين اڳ ۾ هتي چمڙا گهٽا هُئا ليڪن هاڻي آءٌ مندر جي صفائي سُٺرائي ڪندو آهيان ان ڪري گهٽ ٿي ويا آهن. اسان پوڄاريءَ جي ڳالهہ ٻُڌندي هال جو جائزو ورتو تہ وڏي هال جي وچ ۾ ڪيترا ئي پٿر جا ٿنڀا نظر آيا جن جي آڌار تي ڇت بيٺل آهي. ڇت بہ ننڍن ننڍن گول گُنبذن تي مُشتمل آهي. هال جي وچ وارن ٿنڀن تي بہ دالان جي ٿنڀن جيان مورتيون اُڪريل آهن. هال جي چوڏاري ننڍڙيون ڪوٺڙيون خاص پُوڄارين لاءِ ٺهيل هيون جن ۾هڪ هڪ پوڄاري ويهي پُوڄا پاٺ



ڪندو هو ۽ هال جي آخر ۾ جيڪو ننڍو هال موجود هو اُن ۾ ”پارس ناٿ“ جو وڏو بُت رکيل هو. ننڍي هال جي مٿان اونچي چوٽيءَ وارو چورس گُنبذ موجود آهي جنهن جي چوٽي ڀڳل آهي ليڪن چورس چوٽيارو گنبذ ٻاهران ڏاڍو خوبصورت نهيل آهي. هن جي ٻاهران مورتيون نهيل آهن ۽ ٻيون پٿر تي اُڪر جون دلڪش ڊزائنون نهيل آهن جن جي ڪري هيءُ گُنبذ مڪمل نہ هجڻ جي باوجود ڏاڍو خوبصورت نظر اچي ٿو. هِن مندر جي ننڍين وڏن گُنبذن جو تعداد 52 آهي جيڪي پنهنجي خوبصورت بيهڪ جي ڪري دلڪش نظارو پَسائي رهيا آهن.

اسان کي پُوڄاريءَ ٻُڌايو تہ هتي هاڻي ڪو بہ جين ڌرم وارو نہ رهيو آهي ۽ هُو پاڻ هندو آهي ۽ هن دالان جي ٻاهران ديوار تي ”گڻيش ديوتا“ جي تصوير لڳائي چڙهي آهي ۽ اُن جي پوڄا پاٺ ڪندو آهي ۽ ٻُڌايائين آءٌ غريب آهيان ۽ مون کي هتي ايندڙ سياحن کان ڪجهہ خرچ پکو بہ ملي ويندو آهي. هن کي جين ڌرم بابت ڪا بہ خاص معلومات نہ هُئي ۽ هُو هتي صرف پنهنجي روزگار ڪمائڻ لاءِ وينو هو. مون هُن کان سوال پُڇيو تہ هتي سرڪار طرفان ڪنهن کي مُقرر ڪيو ويو آهي يا ڪا ٻي ڪهڙي سهولت سرڪار پاران هتي ڏنل آهي؟ اِن تي پُوڄاريءَ وراڻيو تہ منهنجي هڪ سوٽ کي هتي جي سار سنڀال لاءِ سرڪار کان پگهار ملندي آهي، باقي ٻي ڪا بہ سهولت نہ آهي. آءٌ پنهنجي طور تي هن جي صفائي سٿرائي ڪري وينو هوندو آهيان. اسان دالان ۾ ڪجهہ دير لاءِ وينا رهيا سين ۽ پُوڄاريءَ کي ڪجهہ خرچو پاڻي بہ ڏنوسين.

محترم عبدالقادر منگيءَ جي مُرتب ٿيل ڪتاب ”ٿر“ ۾ ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ جي لکيل مضمون ۾ جين ڌرم ۽ ٿر ۾ موجود جين ڌرم جي مندرن بابت ڪافي معلومات آهي. ميمڻ صاحب لکي ٿو ته گوڙيءَ جي مندر جي اڏاوت 1376ع ۾ منگهي نالي اوسواڙ ذات جي هڪ دولت مند ڪرائي ۽ هن مندر جي اڏاوت لاءِ پٿر راجستان کان گهرايو ويو هئو ۽ جين ڌرم بابت لکيو اٿائين ته ”مها وير“ کان اڳ جين ڌرم جا (23) ڌرم نيتا ٿي گذريا آهن ۽ جين ڌرم جو پهريون نيتا ”رَشپ ناٿ“ هئو ليڪن برِ صغير ۾ موجود جين ڌرم ”مها وير“ جي پوئلڳن تي مشتمل آهي. جين ڌرم جي تاريخ قبلِ مسيح کان تمام پُراڻي آهي ۽ سندس آخري نيتا ”مها وير“ هئو جنهن جو اصل نالو ”ورڌماڻ“ هئو ۽ جڻاٽ قبيلي جي راجا جو پُٽ هئو. هُن پنهنجي بادشاهي تياڳي جنگل ۽ رڻ پٽ ۽ ريگستان جهاڳيا ۽ جين ڌرم جي (23) ڌرم نيتا ”پارس ناٿ“ کي گرو مڃي ڌرم جي پرچار ڪئي. جين ڌرم موجب ”مها وير“ 545 قبلِ مسيح ۾ ديهانت ڪري ويو ليڪن بين ڪتابن موجب ”مها وير“ 599 قبلِ مسيح ۽ 527 قبلِ مسيح واري زماني ۾ جيئرو هئو ۽ هيءُ اُهو دور هو جنهن ۾ هندستان ۾ ”گوتم ٻُڌ“ پنهنجي ”ٻُڌ ڌرم“ جي پرچار ۾ مصروف هئو. ايران ۾ زرتشين جو دور هئو ۽ عربستان ۾ حضرت اسماعيلؑ ۽ حضرت اسحاقؑ پنهنجي پنهنجي دين جي تبليغ ڪري رهيا هُئا. اُن وقت ”مها وير“ هندستان جي ڏکڻ ۽ اولهه جي علائقن ۾ مختلف راجائن سان ملاقاتون ڪري ۽ کين جين ڌرم لاءِ آمادو ڪيو ۽ ڌرم جي وڌائڻ لاءِ وڏي جاکوڙ ڪئي ۽ پوءِ 72 سالن جي عُمر ۾ ڏکڻ ٻِهار جي شهر

”پاوا“ ۾ وفات ڪيائين.[1]

مها وِير سميت جين ڌرم جا 24 ڌرم نيتا پيدا ٿيا جيڪي سڀ جا سڀ کتري ذات مان هُئا. کتري هندستان جي مُک ذاتين مان هڪ ذات آهي. اِن ذات جا ماڻهو هندستان جي هڪ وڏي پرڳڻي جا حاڪم رهيا آهن. جين ڌرم هي 24 ڌرم نيتائن مان يارهون نمبر ڌرم نيتا ”شري انشا ناٿ“ سنڌ ۾ پيدا ٿيو. سندس پيءُ جو نالو وسڻ هو ۽ ماءُ جو نالو وشني هو. هُن سنڌ ۽ هند جي تمام وڏي پرڳڻي ۾ جين ڌرم جي پرچار ڪئي ۽ ڌرم کي وَڌايائين وِيجهايائين. شري انشا ناٿ وارو دور 1500 سال قبل مسيح وارو زمانو هو جنهن کي اڄ تائين ساڍا ٽي هزار سال گُذري چُڪا آهن. هيءُ جين ڌرم جو وچولو دور هو جنهن مان لڳي ٿو تہ موهن جي دڙي واريءَ تهذيب جي پُڄاڻيءَ کان پوءِ سُتت ئي جين ڌرم جو بُنياد پيو ۽ هِن ڌرم جو وڏو اثر سنڌ جي ٿر، لاڙ، گُجرات ۽ راجستان وارن علائقن ۾ رهيو.[2]

## جين ڌرم جا مکيہ بنياد:

1. ڪنهن ساهواري کي نہ مارجي ۽ نہ تڪليف ڏجي.
2. ڪنهن انسان سان ڪا زيادتي (قتل، چوري، زنا ۽ پرماريت وغيرھ) نہ ڪجي نہ ڏُکوئجي
3.. ڪنهن بُت، ڪنهن انسان يا ٻيءَ ڪنهن شئي جي پوڄا نہ ڪئي وڃي.
4. جين ڌرم موجب ڌٽي انسان جي روح ۾ سمايل لياقتن ۽ صلاحيتن جي تڪميل ۽ اظهار جو ٻيو نالو آهي. جين ڌرم موجب ڪنهن انسان

ڪي ٻئي انسان جي پُوڄا نہ ڪرڻ گهُرجي ۽ پنهنجي خواهش کي ضابطي ۾ رکي زندگي گُذارجي. ڪنهن کي ڏُک نہ ڏجي.

”مها وير“ بہ اهڙي ئي ڌرم جي پرچار ڪئي ۽ انهن ڳالهين لاءِ ڪنهن بہ عبادت گهر جي ضرورت نہ هُئي. هُن جي دور ۾ ڪو بہ جين ڌرم جو مندر نہ ٺهيو ليڪن گهڻو پوءِ جين ڌرم جا مندر ٺاهيا ويا ۽ اُنهن ۾ پهرين (23) ڌرم نيتائن جا بُت رکيا ويا ۽ خود ”مها وير“ ۽ سندس گرو ”پارس ناٿ“ جا بُت ٺاهي اُنهن جي پُوڄا ڪئي ويئي. هن نقطي (بت پرستيءَ) کان سواءِ باقي ٻين نقطن تي (جين ڌرم) جا سندس پوئلڳ قائم رهيا. ايتري قدر جو رات جو سفر بہ نہ ڪندا هُئا تہ ڪٿي رات جي سفر ۾ ڪو ڪيڙو ماڪوڙو پير جي هيٺان اچي مري نہ پوي ۽ رات جو بتي بہ نہ ٻاريندا هُئا ڇو تہ بتيءَ جي روشنيءَ تي پتنگ اچي مِڙن ٿا ۽ پوءِ سڙي وڃن ٿا جنهن کي پاپ سمجهيو ويو. هن ڌرم ۾ ڪافي سخت اُصُول هُجڻ ڪري هيءُ ڌرم اڳتي وڌي ويجهي نہ سگهيو. جين ڌرم جا پيروڪار گوشت ميڇي نہ کائيندا هُئا ڇو تہ انهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪنهن ساهواري جي جان وٺڻي پئي ٿي ۽ پيرن ۾ بہ ڪپهہ ٻَڌي هلندا هُئا تہ ڪو ساهوارو هيٺان اچي مري نہ پئي ۽ وڻ وڍڻ کي بہ پاپ سمجهندا هُئا. ان ڪري هن ڌرم وارا آهستي آهستي گهٽ ٿيندا ويا. خاص ڪري ٿر جي علائقن مان هنن جي مختلف وقتن ۾ وڏي لڏپلاڻ بہ ٿي جنهن ڪري هتان هي لڏي ويجهي هندستان واري راجستان ۾ آباد ٿيا آهن جتي هن ڌرم وارا اڳي ئي موجُود هُئا. ٿر جي علائقي ۾ جين ڌرم جا ڪافي مندر آهن ليڪن سڀ ويران آهن ۽ سڀ آثار قديم وارن جي حوالي آهن.

گوڙيءَ جي مندر ۾ رکيل ”پارس ناٿ“ جي بُت لاءِ چيو وڃي ٿو تہ 1716ع ۾ هِن مندر ۾ بُت موجود هئو جنهن جي درشن ڪرائڻ لاءِ ميلا لڳايا ويندا هُئا ۽ جيڪا پيٽا ملندي هُئي اُن مان هڪ حصو راجا کي ملندو هئو ۽ ٻيو حصو پُوجاري پاڻ ۾ ورهائي ڪڻندا هُئا. 1716ع ۾ سوڍي راجا ”سڏيجي“ هيءَ بت زوريءَ ڪڻائي وڃي ٻاڪاسر (جوڌ پور رياست) ۾ رکرايو ۽ ان جي درشن مان رقم ڪمائيندو رهيو. بعد ۾ سندس پونئير سوڍي ”پونجاجي“ ۽ ٽالپرن ۾ جنگ ٿي ۽ سوڍو راجا مارجي ويو. سندس مرڻ کان پوءِ بُت جي ڪا بہ خبر نہ پئجي سگهي چو تہ سوڍا حُڪمران درشن ڪرائڻ کان پوءِ بُت کي پُورائي ڇڏيندا هُئا. صرف ميلي جي موقعي تي ٻاهر آڻي درشن ڪرائي رقم ڪمائيندا هُئا.(3)

گوڙيءَ جي مندر جي اڏاوت 1376ع ۾ ٿي ان وقت ۾ هتي جا حڪمران سوڍ هئا ۽ هن مندر جي آخري مرمت 1715ع ۾ ٿي هُئي. اُن کان پوءِ هن جي ڪا بہ مرمت نہ ٿي آهي(4) بلڪ مختلف وقتن تي مندر تي حملا ٿيا آهن. هن جي عمارت ۽ نقش و نگار کي نقصان پهچندو رهيو آهي.

جين ڌرم جي هن مندر کان سواءِ ننگر پارڪر شهر ۾ بہ هڪ جين ڌرم جو مندر آهي ۽ ننگر پاڪر کان 3 ڪلو ميٽر پهريان ”پوڏيسر“ ۾ هڪ زبون حال مندر ۽ قِتل شهر جا آثار موجود آهن. ويرا واهہ جي ڀر سان ”پاري ننگر“ ۾ جين ڌرم جا گهڻا مندر هُئا جن ۾ وڏي تعداد ۾ بُت رکيل هُئا. هن شهر جي آبادي چاليهہ هزار هُئي ۽ هتي 5200 جين ڌرم وارا رهندا هُئا. هن شهر جو بُنياد پهرين عيسوي

صديءَ ۾ پيو. اُن وقت رڻ ڪڇ وارو علائقو سمنڊ هئو ۽ پاري ننگر بندرگاهه وارو شهر هئو ۽ ٿر جو وڏو واپاري مرڪز هو. هِن شهر تي 1226ع ۾ هندستان پاران حملو ٿيو جنهن بعد هيءُ شهر برباد ٿي ويو ۽ هتان وارن ٻُتن مان هڪ وڏو ٻُت ويرا واهه جي مندر ۾ موجود هو. 1971ع واري هندستاني حملي جنهن ۾ هيءُ علائقو وقتي طور هندستان جي قبضي ۾ رهيو اُن وقت هيءُ بت هتان غائب ٿي ويو. چيو وڃي ٿو تہ اُهو ٻُت هندستاني پاڻ سان گڏ کڻي ويا.

ٿر جي علائقي ۾ ”پاري ننگر“ ۽ ”پوڏيسر“ جين ڌرم وارن جا پهريان شهر هُئا جيڪي جين ڌرم جي دولت مند واپارين ٿر ۾ اچي آباد ڪيا هُئا جن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ هو هتي راجستان واري علائقي کان اچي آباد ٿيا هُئا ۽ هتي خوبصورت مندر بہ جوڙايائون ۽ پوءِ هتان سمنڊ پري ٿي وڃڻ ڪري ۽ مختلف حاڪمن جي ڏاڍ ۽ ڏمر کان آهستي آهستي هتان لڏي ويا ۽ آخري جيڪي چند گهر بچيا تہ اُهي بہ 1971ع واري پاڪستان ۽ هندستان جي جنگ ۾ هتان لڏي ويا ۽ هاڻي سندن سڀ مندر ويران ۽ لاوارث آهن. موجُودهہ دور ۾ جين ڌرم وارن جو مرڪز گُجرات وارو علائقو آهي ۽ اُتي آبو جبل جي گرنار واري پاسي ۾ جين ڌرم جا شاندار مندر آهن.

روزانہ مقدمو 2 جون 2011ع

(1) ڪتاب ”ٿر“ صفحو نمبر 142 مرتب عبدالقادر منگي
(2) ڪتاب پراڻو پارڪر صفحو نمبر 41 ليکڪ منگهارام اوجها
(3) ڪتاب تاريخ ريگستان پاڳو پهريون صفحو 114 ليکڪ راءِ چند هريجن
(4) ڪتاب تاريخ ريگستان پاڳو پهريون صفحو 116 ليکڪ راءِ چند هريجن

www.sindhsalamat.com

# مارئيءَ جو ملير



مٺيءَ کان ننگرپارڪر واري روڊ تي هلندي گوڙيءَ جي مندر واري موڙ کان 3 ڪلوميٽر اڳتي ۽ ننگرپارڪر شهر کان 25 ڪلوميٽر پهريان ”ڀالوا ۾ مارئيءَ جي کوهه“ وارو بورڊ نظر اچي ٿو ۽ ان بورڊ جي پر سان هڪ ننڍو روڊ نڪري ٿو جنهن تي اسين هلڻ لڳاسين ۽ ڀالوا ڳوٺ جي وچ مان گذرندي اسان مارئيءَ جي کوهه جي پُڇا ڪئي. اسان کي ٻُڌايو ويو ته هيءُ روڊ مارئيءَ جي کوهه تي وڃي ختم ٿيندو ۽ ننگر پارڪر وارري روڊ کان تقريبن اڍائي ڪلوميٽر طئہ ڪياسين ته مارئيءَ جو کوهه اچي ويو ۽ روڊ به اُتي پورو ٿيو. اسان ڪار مان لهي کوهه تي لڳل بورڊ پڙهيو جنهن تي ڪو به سن يا تاريخ وغيره لکيل نه هُئي. کوهه جي ٻاهران تقريبن 4 فوٽن جي پڪي ديوار احاطي طور

ٺهيل آهي ۽ هڪ دروازو بہ آهي جنهن ڪان پار ٿي اسين احاطي جي اندر آياسين. ڪوهہ جي پير ۾ هڪ پٿر جي ڳُونڊي بہ رکيل هُئي جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ مارئي ان ڪونڊيءَ مان پنهنجي ٻڪرين کي پاڻي پيئاريندي هُئي. هيءَ ڳُونڊي هاڻي هڪ پاسي ڪان پڱل آهي ليڪن هڪ تاريخي نشان طور موجود آهي. مارئيءَ جو ڪوهہ ويڪرو ۽ اندران پٿر سان جڙيل آهي ليڪن مٿيون ڪنارو هاڻي سيمينٽ ۽ پڪين سرن سان ٺاهيو ويو آهي. اسان ڪوهہ تي بيهي آس پاس جو نظارو ڪرڻ لڳاسين. هتي سارو سڏو پٽ نظر اچي ٿو. هن وارياسي ميدان تي پري پري وڏا ليڪن اڏ سُڪا وڻ نظر اچن ٿا ۽ هن ڪوهہ ڪان تقريبن 100 فوٽن جي مفاصلي تي هڪ ٻيو ڪوهہ بہ موجود آهي جيڪو اندران پڪين سرن سان جُڙيل آهي ۽ مارئيءَ واري ڪوهہ ڪان پوءِ جو ٺهيل نظر اچي رهيو هئو ۽ باقي سارو خالي پَٽ آهي ۽ آس پاس ٻي ڪا ئي آبادي نظر نہ پئي اچي. خود ڀالوا ڳوٺ هن ڪوهہ ڪان 2 ڪلو ميٽرن جي مفاصلي تي آهي.

هن وارياسي پٽ تي نظرون ڊوڙائيندي منهنجو خيال ماضيءَ ڏانهن ڇڪجي ويو تہ جڏهن مارئي هت موجود هُئي تہ اُن وقت هتي يقينن آس پاس آبادي هُوندي ۽ ساوڪ هوندي چو تہ مارئيءَ جي ديس کي شاهہ سائينءَ ۽ ٻين محققن بہ ”ملير“ جو نالو ڏنو آهي ۽ ملير سر سبز ۽ آباد علائقي کي چيو ويندو آهي. هن وقت تہ هتي صرف وارياسو پَٽ آهي ليڪن ماضيءَ ۾ تي سگهي ٿو تہ ”هاڪڙي درياهہ“ يا ”مهراڻي“ جي ڪا شاخ هتان گُذرندي هُجي جنهن ڪري هيءُ علائقو ٿر ۾ ”ملير“ سڏبو هُجي ۽ اُن وقت هن ڪوهہ جي پر سان

چوئنرن، پکن ۽ ڇيڇرن واري ڳوٺ ۾ مارئي پنهنجي مارن سان پنهنجي زندگي گذاري رهي هُئي تہ مارئيءَ جي ناني ”پالڻي“ کان هڪ ڳوناٽي ”ڦوڳ“ مارئيءَ جو سڱ گهُريو جنهن تي پالڻيءَ اُن کي ٻُڌايو تہ مارئي ”کيت“ سان مڱيل آهي ۽ سندس شادي بہ اُن سان ئي ٿيندي. ڦوڳ انڪار ٻُڌي ساڙ ۾ اچي ويو ۽ عمر ڪوٽ وڃي بادشاهہ عمر سومري جي سامهون مارئيءَ جي سونهن ۽ سوڀيا جي وڏي ساراهہ ڪيائين ۽ ٻڌايائين تہ بادشاهہ! اوهان جي محل ۾ مارئي سونهين ٿي. اهو ٻُڌي عمر سومري مارئيءَ کي کڻي اچڻ جو فيصلو ڪيو.

مارئيءَ جي کوهہ کان عمر ڪوٽ تقريبن 150 ڪلو ميٽرن جي مفاصلي تي آهي جتان عمر سومري پنهنجي اُٺ تي سوار ٿي ڪُجهہ ساٿين سميت اچي مارئيءَ جي کوهہ تي پهتو ۽ مارئيءَ کي زوريءَ کڻي وڃي ڪوٽ ۾ قيد ڪيو ۽ مارئيءَ کي شاديءَ تي راضي ڪرڻ لاءِ ريشمي ڪپڙا ۽ سونا زيور آڇيندو رهيو پر مارئي ڪنهن لالچ ۽ لوڀ ۾ نہ آئي ۽ عمر بادشاهہ کي ليلائيندي عرض ڪندي رهي تہ مون کي آزاد ڪر! آءٌ پنهنجي ملڪ ملير وڃان ۽ وڃي پنهنجي مارن سان ملان! عمر سومرو وقت جو بادشاهہ هيو. هُن مارئيءَ کي کڻي اچي پنهنجي ڪوٽ ۾ قيد تہ ڪيو ۽ کيس شادي ڪرڻ لاءِ هن پنهنجو هر حربو آزمايو ليڪن مارئيءَ هڪ نماڻي ڳوناٽي ڇوڪري هوندي بہ پنهنجي لوئيءَ جي لڄ بچائي ۽ پنهنجي وطن جي محبت ۽ پنهنجي مارن (مائٽن) جي سڪ ۽ ملڻ جي اوسيئڙي ۾ قيد ڪاٽيو پر پنهنجي عصمت تي داغ اچڻ نہ ڏنو ۽ پنهنجي عظيم ڪردار جو مثال قائم ڪيو تہ هڪ جسماني طور ڪمزور ڇوڪري بہ پنهنجي اصولي

فيصلي تي اٽل ٿي بيهي ته وقت جو بادشاهه جنهن وٽ دولت، شهرت، هٿيار، ڪوٽ ۽ قلعا هجن ته به اُن کي جهڪائي نه ٿو سگهي جنهن لاءِ شاهه سائينءَ چيو آهي:

سنهيءَ سُئيءَ سبيو، مون مارن سين ساهه،
ويٺي ساريان سومرا!، گولاڙا ۽ گاهه،
هينئيون منهنجو هِت ٿيو هُت مٿي ۽ ماهه،
پکن منجهه پساهه، قالب آهي ڪوٽ ۾.

مارئي محل ۾ ماڙين کي ٿُڏي پنهنجي پکن ۽ پنهوارن کي سارينديي رهي. ريشمي ڪپڙا، محل ۾ ڪيمخوابن کي ٺُڪرائي پاڻ کي لاک جي لوئيءَ ۾ محفوظ رکيائين. عطرن ۽ عنبرن کان مُنهن موڙي ڪبڙن ۽ جارين، ڪنڊين ۽ ٻبرن جي پيلن گلن کي سارينديي رهي ۽ پوءِ به عمر نه ڇڏيُس ته هُن ڪائڻ پيئڻ بلڪل ڇڏي ڏنو ۽ چيائين مون کي جيئري آزاد نه ٿو ڪرين ته آءٌ بُکون ڪٽي مري ويندس ۽ پوءِ منهنجو مڙهه ملير ضرور موڪلجانءِ ۽ آءٌ جيئري نه ته مُئي به وڃي مارن سان ملان ۽ پنهنجي ڌرتيءَ ۾ دفن ٿيان.

واجهائي وطن کي، آئون جي هت مُياس،
ته گور منهنجي سومرا. ڪج پنهوارن پاس،
ڏج ڏاڏاڻي ڏيهه جي، منجهان ولڙين واس،
مُيا ئي جياس، جي وڃي مڙهه ملير ڏي.
(شاهه سائين)

نيٺ مارئيءَ جي اٽل ارادي اڳيان بادشاهه عمر ٽڪجي ۽ هارجي مارئيءَ جي مٿي تي رئو پارائي کيس پيڻ بڻائي پنهنجي مارن سان

ملڻ لاءِ واپس موڪلي ٿو. مارئيءَ جي حُب الوطنيءَ ۽ اٽل ارادي مارئيءَ جي ڪردار کي عظيم بڻائي ڇڏيو.

هڪ چوڻي هيءَ به موجود آهي ته جنهن وقت عمر سومري جو والد عمر ڪوٽ جو بادشاهه هو ته مارئيءَ جا ناناڻا ڪجهه وقت لاءِ اچي عمر ڪوٽ ۾ سان رهيا هُئا ۽ عمر جي والد مارئيءَ جي ماءُ ”ماڏوهيءَ“ سان شادي ڪئي هُئي جنهن جي خبر صرف مارئيءَ جي ناناڻن کي هُئي ۽ بادشاهه چيو ته ڪُجهه وقت ڪان پوءِ هو اهو راز عمر ڪوٽ جي اندر پڌرو ڪندو ۽ انهيءَ دوران ماڏوهيءَ کي حمل ٿيو ۽ ٻئي طرف وري بادشاهه پنهنجي شاديءَ جي راز پڌري ڪرڻ کان اڳ ئي فوت ٿي ويو ۽ مارئيءَ جو نانو مارئيءَ جي ماءُ سميت موٽي اچي ملير ۾ رهڻ لڳو ڇو ته هي غريب مارو ماڻهو ته بادشاهه سان مائٽيءَ جي ڳالهه به نه پيا ڪري سگهن. اهڙيءَ طرح مارئي پيدا ٿي جيڪا عمر سومري جي ڀيڻ ٿئي ٿي. ان راز جي خبر مارئيءَ کي هُئي ان ڪري هُوءَ عمر کي چوندي هُئي تون منهنجو ڀاءُ آهين ۽ تنهنجي مون سان شادي نه ٿي ٿي سگهي. پوءِ دير سان ان ڳالهه جي عمر سومري کي به خبر پئجي وئي ۽ هُن مارئيءَ کي ڀيڻ بڻائي واپس ڪيو. مارئيءَ جي موت کان پوءِ به به ٿي رايا آهن. هڪ راءِ هيءَ آهي ته مارئيءَ واپس اچي پنهنجي عصمت جي ساک ڏيڻ لاءِ باهه مان اُڪري پنهنجي سچائيءَ جو ثبوت ڏنو ۽ سندس مڱيندي کيت کيس قبول ڪري ساڻس شادي ڪئي. ٻي راءِ هيءَ آهي ته کيس قبوليت نه ملي ۽ هُن وڃي کوهه ۾ ٽُپ ڏئي پنهنجو انت آندو. ٽين راءِ هيءَ آهي ته عمر ڪوٽ کان واپسيءَ تي مارئيءَ اهو سوچيو ته هاڻي مون کي مارو قبول

ڪندا يا نہ؟ ان ڪري رستي تي ئي ڪوهہ ۾ ٽُپ ڏيئي اُن ۾ فوت ٿي وئي ۽ پنهنجي مارن سان ملي ئي ڪونہ.

هڪ راءِ هيءَ بہ آهي تہ مارئي ڳوٺ موٽي آئي. ڪيس ڇڏڻ لاءِ بادشاهہ عمر سُومري جا ماڻهو ساڻس گڏ آيا ۽ مارئيءَ جي مائٽن کي چيائون تہ مارئي پاڪ دامن آهي ۽ بادشاهہ ڪيس ڀيڻ بڻايو آهي ليڪن مارئيءَ جي ڪُجھہ مائٽن ان ڳالهہ تي يقين نہ ڪندي مارئيءَ جي پاڪ دامنيءَ تي شڪ ڪيو جيڪا خبر عمر سومري کي پئي تہ هُن مارئيءَ جي مائٽن تي ڏمرجي اُنهن تي حملو ڪرايو جنهن تي مارئيءَ سوچيو تہ منهنجي ڪري منهنجي مارن تي الزام ۽ تهمتون بہ آيون ۽ منهنجي ڪري سندن بدنامي بہ ٿي ۽ هاڻي وري منهنجي ڪري اُنهن تي حملا بہ ٿين ٿا. ان ڪان بهتر آهي تہ آءٌ مري وڃان. اهو سوچي مارئيءَ وڃي هڪ ڪوهہ ۾ ٽُپ ڏنو ۽ پاڻ ڪي مارن تان گهوري ڇڏيو.

ٿورا منجهہ ٿرن، مون سين مارن جي ڪيا،
عمرا! اُن ڳڻن، آءٌ ڪيئن لوئي لاهيان.
(شاهہ سائين)

مارئيءَ جي موت ڪيئن ٿي ۽ سندس موت ڪيئن ٿيو؟ اهو سُوال اجا تحقيق طلب آهي ليڪن مارئي تہ اڄ بہ زندهہ آهي ۽ عورت جي عظيم ڪردار جي علامت آهي جنهن وطن پرستيءَ جو هڪ مثال قائم ڪيو. هُن پنهنجي مارن ۽ ملير واسين، پکن ۽ ڇپرن، چونئرن، لوڙهن، لانڍين، مال، ڌڻ، ڏُٿ ۽ ڏوٿيئڙن سان محبت ڪرڻ ۽ پنهنجي قومي ريتن، رسمن ۽ روايتن کي قائم رکڻ جو عظيم مثال قائم ڪيو.

جيئن سنڌ جي تهذيب دُنيا جي تهذيبن ۾ سيني کان قدآور آهي ائين ئي مارئيءَ پنهنجي جسماني ڪمزوريءَ جي باوجود ارادي جي مضبوطيءَ سان حُب الوطنيءَ ۽ اُصول پرستيءَ جو هڪ اهڙو مثال قائم ڪيو آهي جنهن عورت جي عظمت کي لازوال بڻائي ڇڏيو آهي.

جنهن ستيءَ ست نہ ڇڏيو سا مارئي مر ڄائي،
انهيءَ عمر ڪوٽ ۾ لڄ نہ لڄائي،
سا پيئي بنديا‌ڻي بند ۾ ڪوٽين ڪُڄائي،
جا سانگين سيڏائي، سا مور نہ مرڪي ماڙين!
(شاهہ سائين)

روزانہ مقدمو جون 2011ع

نوٽ: عمر ۽ مارئيءَ واري واقعي جي صحيح سن يا تاريخ جي ڄاڻ نٿي ملي پر عمر سومري جي حاڪميت 1355ء کان 1390ء تائين رهي آهي.
(ڪتاب سنڌ جا ڪوٽ ۽ قلعا صفحو 213)

# ننگرپارڪر



اسين منٺيءَ کان ننگر پارڪر واري رستي سان گوڙڇي مندر ۾ مارئيءَ جو ماڳ ڏسندا جڏهن ننگرپارڪر شهر جي ويجهو آياسين ته هتي به تقريبن هڪ ڪلو ميٽر روڊ ويڪرو ٿي ويو جيئن ڇاڇري شهر جي ٻاهران جنگي جهازن لاءِ رن وي آهي. اهڙيءَ طرح هتي به هڪ رن وي آهي ليڪن هيءُ ڇاڇري واري رن وي کان تمام وڌو ۽ خوبصورت آهي. هن رن وي جي پاسي کان جهازن کي بيهارڻ لاءِ به ڪُشادي جڳهه آهي. رن وي کان اڳتي نڪتاسين ته پري کان ئي ڪارونجهر جبل اونچي ڳاٽ سان آڌرياءُ ڪري رهيو هئو. هن جبل جون چوٽيون جيڪي اُٺ جي پُٺيءَ سان مشابهت رکن ٿيون پري کان

بہ ڏاڍيون خوبصورت لڳي رهيون هيون. ڪارونجهر ڪي ڏسندي ڏسندي سندس پير ۾ روڊ جي ڪاٻي پاسي نهيل هڪ ريسٽ هائوس تي اچي ڊراپو ڪيوسين. اسان جو آڌر ڀاءُ هن ريسٽ هائوس جي سپروائيزر غلام رسول کوسي صاحب ڪيو ۽ اسان کي هڪ ڪمرو کولي ڏنائين ۽ چيائين تہ سائين هڪ ٻيو ڪمرو بہ اوهان لاءِ حاضر آهي ليڪن اسان هڪ ئي ڪمري ۾ سامان رکي ٻاهر نڪتاسين ۽ ڀاءُ ممتاز علي سانگي بہ پهچي چُڪو هئو جنهن جي جيپ ۾ چڙهي پهريان ننگر پارڪر شهر کان ٿورو ٻاهر سندس هڪ دوست گِرڌاريءَ جي اوطاق تي وياسين. هُن اوطاق کان ٻاهر اچي اسان جو آڌرڀاءُ ڪيو. اسان سان ملي پوءِ اسان کي هڪ چوئنري ۾ هلي ويهاريائين. چوئنري ۾ پنج کٽون پيل هيون جن تي خوبصورت رليون وڇايل هيون ۽ وِهاڻا بہ رکيل هُئا ۽ کٽن جي وچ ۾ هڪ ميز رکيل هُئي. گرڌاري ڏاڍو يار ويس ماڻهو آهي. جلديءَ جلديءَ ۾ اسان لاءِ ٿڌيون بوتلون، بسڪيٽ، چهراڻ ۽ پاپڙ اچي ويا جيڪي ڪائيندي گرڌاريءَ سان ڪچهري ڪئيسون. هُن اسان کي پوري اوطاق ڏيکاري جيڪا تقريبن ٻن ايڪڙن تي مُشتمل هُئي جنهن ۾ مختلف ڊزائينن ۽ مختلف سائيزن جا تمام خوبصورت چوئنرا نهيل هُئا. اسين ڪجهہ دير هن سان گڏ رهياسين ۽ پوءِ موڪلائي اچي ننگر شهر جي مکيہ بازار گهُمياسين. بازار جي پير ۾ ڪارونجهر جبل جي دامن ۾ جين ڌرم جو هڪ مندر آهي. اُتي وياسين. هيءُ مندر بہ ڏاڍو خوبصورت نهيل آهي پر هاڻي اُجڙيل نظر اچي ٿو. خوبصورت مورتيون نهيل اٿس.

پکين ۽ جانورن جون مورتيون بہ نهيل اٿس جيڪي پٿر تي خوبصورت نمُوني اُڪريل آهن. اها اُڪر هاڻي دونهاڻيل نظر اچي



ٿي. اسين مندر جي اندر وياسين. اندرئين ڪمري ۾ فرش ٽُٽل ۽ ديوارن تي نقش نهيل هُئا جن تي ڌڪن جا نشان واضح نظر اچي رهيا هُئا. مندر جو اندريون ڪمرو بہ دونهاڻيل نظر اچي رهيو هئو.

ننگر شهر کان ٻاهر نڪتاسين ۽ ڪاسبَي طرف روانا ٿياسين. رستي تي شهر جي ٻاهران سنڌ جي قومي هيري ”روپلي ڪولهيءَ“ جي يادگار آهي جنهن جو ذڪر اڳتي هلي ڪنداسين.

اسين ڪاسبو وڃي رهيا هُئاسين جنهن لاءِ مشهور آهي تہ هتان جا ماڻهو تمام خوبصورت ٿين ٿا ۽ ڪارونجهر جي دامن ۾ هي شهر

۾ صديون پراڻي تاريخ رکي ٿو. هاڻي تہ هڪ پسماندو ڳوٺ نظر اچي ٿو جنهن جي وچ مان اسان جي جيپ گذري رهي هُئي ۽ ڪاسبي جي آباديءَ کي پار ڪري اسين اچي مندر تي پهتاسين. هي هڪ ”صوفي سَنت بابا شري راما پير“ جو مندر آهي. هن مندر جو اڱڻ تمام وڏو آهي ۽ سڄي احاطي تي وڻڪاري آهي. چيو وڃي ٿو تہ هتي هندن سان گڏ مُسلمان بہ اچن ٿا ۽ هيءُ صوفياڻو مندر ليکيو وڃي ٿو. هتي مور پکي بہ ڪافي تعداد ۾ نظر آيا. پري ويٺل هڪ پُوڄاري اسان وٽ آيو ۽ مندر جو دروازو کولي اسان کي راما پير جي مورتيءَ جو درشن ڪرايائين.

هن مندر کان ٿوري مفاصلي تي ٻہ ٻيا مندر هُئا. اُتي بہ وياسين. اُنهن مان هڪ نانگ ديوتا جو مندر هئو ۽ ٻيو ماتا جو مندر هئو جتي هڪ پنڊت گيان ۾ مشغول ويٺو هئو ۽ سندس ويجهو ڪُجهہ ٻالڪا بہ ويٺا هُئا جيڪي شايد سندس گيان مان ڪجهہ پرائي رهيا هُئا. اسين هن جي ويجهو وياسين تہ هُن اُٿي اسان جو آڌرياءُ ڪيو. اسان ساڻس ملي واپس روانا ٿياسين. هِن مندر ۾ مور پکي تہ هُئا پر ننڍي قد جي نسل وارا ڏاڍا خوبصورت گهوڙا بہ موجود هئا جن جو قد ننڍو ۽ ڪنڌ جا وار تمام وڏا ۽ خوبصورت هئا. اهڙي نسل جا گهوڙا سنڌ ۾ عام نہ آهن. ان کان پوءِ اسان ڇوڙهئي جبل لاءِ روانا ٿياسين.

روزانہ مقدمو جون 2011ع

# چوڙهيو جبل



اسان جيپ تي چوڙهئي جبل روانا ٿياسين. جيپ جو ڊرائيور غلام رسول کوسو هئو ۽ هيءُ هن پاسي ”ٻڙ تلاءَ“ جي پر سان جو رهواسي هئو. هُن کي سارو رستو معلوم هيو. مون ڊرائيور کان پُڇيو تہ چُوڙهيو جبل ننگر پارڪر کان ڪيتري مفاصلي تي آهي؟ هُن وراڻيو تہ ننگر پارڪر شهر کان چوڙهيو جبل 33 يا 35 ڪلوميٽر مفاصلي تي آهي ۽ ٻڙ تلاءَ چوڙهئي جبل کان 6 يا 7 ڪلوميٽر پهريان اچي ٿو. اسان جي جيپ ٿر جي وارياسن پيچرن تي تيزيءَ سان هلي رهي هُئي چو تہ هتي آهستي هلائڻ سان جيپ ڦاسي پوڻ جو خطرو هوندو آهي. ان ڪري اسان لوڏا کائيندا هلندا رهياسين.

رستي تي اسان کي ڏاند گاڏين، اُٺ گاڏين ۽ گڏهه گاڏين تي پاڻيءَ جا پريل ڊرم ۽ مَٽ پنهنجي گهرن ۾ ڍوئڻ ڏانهن کڻي ويندڙ ڪئي ٿري ماڻهو مليا جن جي مُتعلق ڊرائيور ڪوسي صاحب ٻڌايو ته هي سڀ ”ٻڙ تلاءَ“ کان پاڻي ڀري اچي رهيا آهن ۽ ٻڙ تلاءَ تان 15 ڪلوميٽر پري پري رهڻ وارا ماڻهو به پاڻي ڀرڻ اچن ٿا. هن علائقي ۾ پاڻيءَ جي تمام گهڻي اڻاٺ آهي ۽ سرحدي علائقو هجڻ باوجود ترقياتي ڪم نه ٿا ٿين. هن رستي تي اسان کي ڪولهين جو ڳوٺ ”ڪُهاڙو“ ۽ راڻن جو ڳوٺ ”سُورا چند“ نظر آيا. جن جي پر سان اسان جو گُذر ٿيو ۽ پوءِ ٻڙ تلاءَ جي پر سان پهتاسين ته رينجرس جي هڪ چونڪي نظر آئي ۽ ڊرائيور گاڏي بيهاري ته هڪ رينجرز وارو اسان جي ويجهو آيو ۽ ڊرائيور کان هڪ ٻه سوال ڪيائين. ڊرائيور کيس ٻڌايو ته اسين مهمان آهيون ۽ انجنيئر صاحب به گڏ آهي ۽ ڪا به ڪئمرا وغيره نه آهي. رينجرز واري اهو ٻڌي اسان کي اڳتي وڃڻ ڏنو ۽ اسان ”ٻڙ تلاءُ“ تي پهتاسين. ٿر جي وارياسي علائقي ۾ اُجايل ماڻهن لاءِ ته هيءُ هڪ وڏو تلاءُ ليکيو وڃي ٿو. تلاءَ جي پاسي ۾ وڏا وڻ ۽ ساوڪ هُئي، جنهن ڪري ٿڌڪاريءَ جو احساس ٿي رهيو هئو. تلاءَ تي پري کان پاڻي ڀرڻ لاءِ آيل ماڻهو نظر آيا. اسان ٻڙ تلاءَ جو نظارو ڀَسي اڳتي روانا ٿياسين. ٻڙ تلاءَ کان ڦيريان ۽ پوءِ هن رستي تي هندستان جي سرحد به پري کان نظر اچي رهي هُئي ۽ هن واريا سي ريگستان ۾ ور وڪڙ کائيندي ۽ ننڍا وڏا جهاڪا کائيندي اسان جي جيپ اڳتي وڌي رهي هُئي. سائين ممتاز سانگي اسان کي هن علائقي متعلق ٻڌائي رهيو

هيو ۽ اسان کي هندستان پاران سرحد تي لڳايل لوهي ڇاري به نظر اچي رهي هُئي. ڇاريءَ سان گڏ سرچ لائيٽن وارا ٿنڀا به نظر اچي رهيا هُئا ۽ وقفي وقفي سان سرچ ٽاور به ڏسڻ ۾ اچن پيا. اسان کي ٻڌايو ويو ته ڇاريءَ جي پرئين پاسي رڻ ڪڇ آهي ۽ ڪا به آبادي نه آهي ليڪن هندستاني فوج جي سهولت لاءِ روڊ به ٺهيل آهي. اسان هن علائقي مُتعلق ڳالهيون ڪندي اچي ڇُوڙهئي جبل جي دامن ۾ پهتاسين جنهن جي پر سان هڪ ڳوٺ به هيو ۽ رينجرز جي هڪ چونڪي به موجود آهي. جيپ تان لهي اسان ڇوڙهئي جبل کي ڏسڻ لڳاسين. هيءُ جبل ڪوهستان وارن جبلن جي ڀيٽ ۾ ننڍو جبل آهي پر ٿر جي واریاسین پٽن ۾ ته ڪارونجهر کان پوءِ هيءُ وڏو جبل ليکيو وڃي ٿو ۽ ڇوڙهيو جبل هڪ منفرد ۽ خوبصورت جبل آهي. هن جو رنگ هلڪو ڳاڙهو آهي ۽ ائين نظر اچي ٿو ته جيئن وڏي گول پٿر جون ڇپون هڪ ٻئي مٿان رکيون ويون آهن ۽ اهي ڇپون بلڪل لَسيون نظر اچن ٿيون. ڇُوڙهيو جبل هيٺان تمام خوبصورت نظر اچي رهيو هيو. جبل جي ٻيهڪ مون کي ائين لڳي رهي هُئي جيئن قدرت ٿر جي واریاسي پَٽ ۽ رڻ ڪڇ جي رُڃ جي وچ تي هڪ خوبصورت ”شو پيس“ رکي ڇڏيو آهي. سچ پچ هن جبل جو نظارو منفرد ۽ ايترو ته دلفريب آهي جو هن کي ڏسندي اکين جو ڍوُ ئي نه پئي ٿيو.

مون دوستن کي جبل تي مٿي هلڻ لاءِ چيو ته لال محمد لاکي مٿي هلڻ کان نابري واري. پوءِ امتياز ابڙو، ممتاز سانگي ۽ آءُ جبل تي چڙهياسين.

جيئن مون اڳ ٻڌايو آهي تہ هيءُ جبل گول ۽ لسين چپن جو ٺهيل آهي ان ڪري هن تي چڙهڻ ڏکيو آهي ۽ اهو ڏکيو رستو بہ صرف اڌ تائين آهي جتي هندو ڌرم جي ماتا جو مندر آهي. اسين ٿيئي بہ مندر تائين پهتاسين پر ايسيتائين پهچڻ ۾ بہ اسان ٿڪجي صفا ساٽا ٿي پيا هئاسين ۽ رڻ ڪڇ ڏي منهن ڪري ويهي رهياسين. اسان جي سامهون رڻ ڪڇ جو دلڪش نظارو هو. هيءَ رڻ ڪڇ جي رُڃ هئي جيڪا پري کان سمنڊ جي پاڻيءَ وانگر نظر اچي رهي هُئي. مون چيو تہ صاف نظر اچي رهيو آهي تہ هي پاڻي آهي پر ممتاز سانگي صاحب ٻڌايو تہ اِهو پاڻي بلڪل نہ آهي بلڪ اها ڪلر واري زمين ”رُڃ“ آهي جيڪا پاڻيءَ وانگر نظر اچي ٿي. اها ئي رڻ ڪڇ جي رُڃ آهي. اِن تي مون چيو تہ هيءَ رُڃ بہ تمام خوبصورت آهي.

چُوڙهئي جبل جي ٽن طرفن کان رڻ ڪڇ آهي، هڪ طرف کان ٿر آهي. جبل کان رڻ ڪڇ ۽ ٿر جو تمام خوبصورت منظر نظر اچي ٿو جنهن کي اکرن ۾ لکي نہ ٿو سگهجي. اسان تقريبن 15 منٽ ويهي هت ساهہ پٽيو ۽ رڻ ڪڇ جو نظارو ڏسندا رهياسين. پوءِ اُتي مندر طرف وڌياسين. هيءُ ماتا جو مندر آهي جيڪو وڏي هال نما غار ۾ ٺهيل آهي. هن جون ديوارون بہ اصلي جبل جون ٻِڪُون ۽ ڇپون آهن تہ ڇت بہ جبل آهي جيڪو چوٽيءَ تائين وڃي پورو ٿئي ٿو. مندر جو دروازو لوهي جاريءَ جو ٺهيل آهي، جيڪو بند هئو پر جاريءَ کان اندر مندر جو نظارو ڏسڻ ۾ اچي ٿو ۽ ماتا جي مورتيءَ جو درشن بہ ڪري سگهجي ٿو. هن مندر جي ڇت واري ٽَڪريءَ جي بيهڪ بہ قدرت جو

ڪرشمو آهي ڇو تہ جبل اندران پورو غار آهي ۽ پوئين جابلو ديوار کان ڇت واري وڏي ڇپ اڳتي وڌي اچي ٿي، جنهن جي اوچائي هن ٽَڪريءَ جي چوٽيءَ تائين آهي ۽ ايڏو وڏو وزن هڪ طرف جي سهاري تي بيٺل آهي. هي پڻ هڪ وڏو قدرتي نظارو آهي جنهن کي ڏسڻ سان وڏي حيراني محسوس ٿئي ٿي. اسين ڪجھہ دير هن مندر جو نظارو ڪندا رهياسين ۽ پوءِ جبل تان هيٺ لهي آياسين.

جيپ وٽ اسان کي پنهنجي دوستن سان گڏ ڳوناٽا بہ نظر آيا، جيڪي ڊرائيور جا مائٽ هُئا. هُنن اسان کي چانهن پيئڻ لاءِ گهڻو ئي چيو پر اسين هُنن کان موڪلائي واپس روانا ٿياسين ڇو تہ سج لهي چُڪو هئو ۽ اسان کي واپس ننگر پارڪر بہ وڃڻو هئو.

چوڙهئي جبل کان اڳتي هڪ ٻيو جبل آهي جنهن جو نالو ”ووڙائو جبل“ آهي. ووڙائوءَ کي هتي ڏس ڏيندڙ جبل چون ٿا. هيءُ جبل گُجرات، راجستان ۽ ڪڇ کان ايندڙ مُسافرن لاءِ وڏو اهم نشان ليکيو ويندو هئو ان ڪري هن جو نالو ووڙائو يعني ڏس ڏيندڙ رکيو ويو آهي. اسان وٽ وقت نہ هئو ۽ سج لهي چُڪو هئو ان ڪري اسان اڳتي وڃي نہ سگهياسين. واپسيءَ تي ڊرائيور چيو منهنجو ڳوٺ رستي تي ٻڙ تلاءَ جي پر سان آهي. اُتي هلون ٿا. صرف 15 منٽ لڳندا. اوهان چانهن پاڻي پيئندا تہ آءٌ گهر وارن سان ملي وٺندس. سندس ان حجت تي اسان سيني هائوڪار ڪئي ۽ سندس ڳوٺ وياسين. هُو اسان کي اوطاق ۾ ويهاري پاڻ گهر ويو. سندس هڪ پاءُ ۽ سئوٽ اسان سان ڪچهري ڪئي ۽ چانهن اچي وئي، اسان اجا

چانهن پي ٿي رهيا هُئاسين تہ غلام رسول پاڻ بہ واپس اچي ويو. هيءُ ڳوٺ بہ عام ٿري ڳوٺ هو پر ڪجھ پڪا گهر نهيل هُئا ۽ اوطاق بہ عام سنڌ جي ڳوٺن وانگر پڪي ۽ ڪُشادي نهيل هُئي. هن ڳوٺ ۾ سڀ ڪوسا رهن ٿا.

واپسيءَ جو سفر رات جي اونداهيءَ ۾ ٿيو. اسان کي رستن جي ڪا بہ خبر نہ ٿي پئي. جيپ ساڳيءَ تيز رفتاريءَ سان هلندي رهي ۽ اسان بہ جهاڪا ۽ لوڏا کائيندا رات جو 9 وڳي اچي ننگر پارڪر جي ريسٽ هائوس تي پهتاسين. اسان ريسٽ هائوس تي موٽي اچي هٿ منهن ڌوئي ٻاهر صحن تي آياسين تہ تعلقي ننگر پارڪر جي مُختيارڪار الله بخش مگسي صاحب اچي اسان جو خوش دليءَ سان پليڪار ڪيو. اسان جي رات جي ماني بہ مگسي صاحب ڪرائي هئي، جيڪا ڪجھ دير ۾ اچي وئي ۽ ماني کائڻ کان فارغ ٿي اسين رات هڪ وڳي تائين مگسي صاحب سان ڪچهري ڪندا رهياسين.

مگسي صاحب منهنجي هڪ سوال تي ٻڌايو تہ تعلقي ننگر پارڪر جي هن وقت آدم شُماري هڪ لک ويهہ هزار (1،20،000) آهي جنهن ۾ 30،000 ٽيهہ هزار مُسلمان ۽ 90،000 نوي هزار غير مُسلم آهن. هِتي زمين جي خريد و فروخت بلڪُل نہ آهي. ماڻهن جو گُذران صرف مال ۽ وَسڪاري تي ٿيندڙ پوک تي آهي. سامهون ڪارونجهر جبل آهي جنهن جو پٿر ”گري نائيٽ“ تمام اعليٰ درجي جو پٿر آهي جيڪو هتان نڪري ٿو ليڪن ان جي ڪٽائي ويجي وڏن شهرن ۾ ٿئي ٿي. جيڪڏهن حڪومت اهڙو ڪو قانون ٺاهي ۽ هتي

ئي ڪارخانا لڳايا ويڃن تہ هن علائقي جي ماڻهن کي سُٺو روزگار ملي سگهي ٿو. مگسي صاحب اسان ڪان رات هڪ وڳي موڪلايو ۽ پُڇيائين تہ صبح ڪهڙي وقت جاڳندؤ؟ تہ مون ڪيس 9:00 وڳي جو چيو ۽ پوءِ اسين وڃي ڪمري ۾ سُتاسين.

صُبح جو مون کي سوير جاڳ ٿي ۽ آءٌ تيار ٿي ريسٽ هائوس جي



ڇت تي ويس ۽ ڪارونجهر جبل جو نظارو ڪندو رهيس. هيءُ جبل ننگر شهر جي ٽن پاسن کان ڦري اچي ٿو جيڪوُ صبح جو تمام خوبصورت نظر اچي رهيو هئو. آءٌ ڪارونجهر جي حسين نظاري ۾ گم هئس تہ ريسٽ هائوس جو سپروائيزر غلام رسول ڪوسو بہ ڇت تي اچي ويو ۽ دُعا سلام کان پوءِ مون کائنس ناميارِي سُگهڙ نواز خان ڪوسي مُتعلق پُڇيو تہ هُن وراڻيو تہ هُو شهر جي ڀرسان پاسي رهي ٿو.

جيڪڏهن اوهان ڪچهري ڪرڻ چاهيوس ته وٺي اچانس. چيومانس هل ته ڪار تي وٺي اچونس ٿا ۽ پوءِ نواز خان کي وٺي آياسين ته امتياز ابڙو ۽ لال محمد لاکو صاحب به تيار ٿيا ويٺا هُئا. اسان گڏجي نواز خان سان ڪچهري ڪئي. هيءُ جهونو واقعي وڏي تاريخ جي ڄاڻ رکي ٿو ۽ پيرسنيءَ ۾ به خوبصورت يادگيري اٿس. هن جين ڌرم، مارئيءَ ۽ ٻين تاريخي ماڳن بابت سٺي ڄاڻ ڏني. اسان ڪان موڪلائيندي ”بدر ابڙي صاحب“ لاءِ سلام چيائين ۽ مون کي چيائين ابڙي صاحب کي چئو ته جلد اچي ملي وڃي. منهنجو ٻيڙو



تيار بيٺو آهي.

نواز خان کوسي مونکي ٿر جي فصلن، وٽن، ٻاڄين ۽ ريتن رسمن بابت وڏي ڄاڻ ڏني ۽ روپلي ڪولهيءَ، مارئيءَ ۽ جين ڌرم بابت به مون

ڪي تمام گهڻي معلومات ڏني.

نواز خان ڪوسو اهو ئي شخص آهي جنهن بدر ابڙي صاحب ۽ انور پيرزادي صاحب کي سنڌ جي سورمي روپلي ڪولهيءَ جي بابت تفصيلي احوال ڏنو هو ۽ ان جي ڦاسيءَ واري جاءِ جي ڄاڻ ۾ مدد ڪئي هئي ۽ ان لاءِ هڪ وڏي ڄمار واري دوست مهرو ڪولهيءَ کي هٿ ڪيو جنهن کي سندس والد اهو وڻ ڏيکاريو هو جنهن ۾ روپلي کي ٽنگي ڦاسي ڏني وئي هئي. مهرو ڪولهيءَ اها جاءِ ڳولي لڌي جتي اڳ اهو وڻ هئو ۽ هنن سيني ان جاءِ تي ڪجهه پٿر رکي روپلي ڪولهيءَ جي پهرين يادگار ناهي هئي.

9:00 وڳي مختيارڪار مگسي صاحب به اچي ويو ۽ پاڻ سان گڏ اسان لاءِ نيرن به کڻائي آيو. پوءِ گڏ ويهي نيرن ڪئيسون. مگسي صاحب رات جي مانيءَ وانگيان نيرن به سُٺي پچرائي هُئي ۽ تڙ جو خاص ساڳ به پچرايو هُئائين. هُو تمام پُر خلوص ۽ محبتي ماڻهو آهي. نيرن ڪرڻ کان پوءِ ٿوري ڪچهري ڪري مگسي صاحب کان موڪلايوسين ۽ پنهنجو سامان ڪار ۾ رکي ”پوڏيسر تلاءَ“ تي وياسين.

روزانه مقدمو 14 جولاءِ 2011ع

# پوڏيسر تلاءُ



هيءُ تلاءُ ننگر پارڪر کان واپس منيءَ واري رستي تي ننگر پارڪر کان 3 ڪلو ميٽرن جي مفاصلي تي روڊ کان ٿورو اندر تي آهي ۽ ڪارونجهر جبل جي دامن ۾ آهي. هيءُ تلاءُ ”پرمارن“ جي حڪومت ۾ ٺهرايو ويو هو. ڏهين صديءَ ۾ پارڪر تي ”هاسو“ راجپوت جي حڪومت هُئي ۽ هُن جي پاءُ ”پوڏي“ پوڏيسر جو شهر آباد ڪيو ۽ تلاءُ بہ ٺهرايو هو. هِن تلاءَ ۾ پاڻيءَ کي زمين ۾ جذب ٿي وڃڻ کان روڪڻ لاءِ تلاءَ جي تري ۾ ٽامو لڳرايو ويو هئو.

پوڏيسر ۾ اڪثريت جين ڌرم وارن جي هُئي جنهن ڪري هاڻي بہ جين ڌرم جو هڪ مندر زبون حالت ۾ موجود آهي. باقي شهر جا

صرف آثار ئي ملن ٿا. پوڏيسر جي مسجد سُٺيءَ حالت ۾ اڃ بہ موجود آهي. هِن مسجد کي ”بيگڙي“ جي مسجد بہ چيو ويجي ٿو. هِن مسجد جي ڊيگهہ ۽ ويڪر اندازن 30فوٽ آهي۽ تمام خوبصورتي



جڙيل آهي. ٽن پاسن کان ديوار اٿس. اڳيان ۽ وچ ۾ پٿر جا ٿنيا اٿس. ڇت تي هڪ گُنبذ آهيس. هن مسجد جي اڏاوت ۾ سنگ مرمر جهڙو هلڪو ڳاڙهو پٿر استعمال ٿيل آهي. پٿر جو قسم ۽ مسجد جي اڏاوت ”گوڙيءَ واري مندر“ جي اڏاوت جهڙي آهي. هِن مسجد جي محراب وٽ هڪ پٿر تي سن 1505ع ۾ محمود شاهہ بن مظفر شاهہ لکيل آهي.

هن مسجد لاءِ ٻڌايو ويو تہ سُلطان محمود بيگڙو جيکو گجرات

جو حاڪم هئو. هُن پارڪر تي ڪاهه ڪئي تہ اُن وقت پارڪر جا حاڪم سوڍا هئا، جن کي سيڪٽ ڏٺي موٽي ويو ۽ هيءَ خوبصورت مسجد بہ ٺهرايائين.

پوڏيسر جو تلاءُ وڏو تلاءُ آهي ۽ نظارو بہ تمام خوبصورت اٿس. هن جي هڪ پاسي تي ڪارونجهر جبل بيٺو آهي، ٻئي پاسي تي پوڏيسر جي قِتل شهر جا آثار ۽ ٺئين پاسي هڪ ڪُنڊ تي مسجد آهي. اسان ڪُجهہ دير تلاءَ جي هن من موهيندڙ منظر جو نظارو ڪندا رهياسين.

روزانہ مقدمو جولاءِ 2011ع

# روپلو ڪولهي



انگريزن پارڪر تي 1832ء ۾ پهرين ڪاهه ڪئي جنهن جو سبب ٻڌايو ويندو آهي ته هتي ڏاڙيل رهن ٿا جيڪي انگريزن جي مال کي لٽيندا رهن ٿا جنهن ڪري ڪمپنيءَ کي نُقصان ٿئي ٿو ۽ سنڌ جا ٽالپر حاڪم انهن تي قابو نه ٿا پائي سگهن. ان ڪري اسان انهن ڏوهارين تي سڌي ڪارروائي ڪريون ٿا. اهو بهانو ٺاهي انگريزن سنڌ جي هِن ٽُڪري تي قبضو ڪري ورتو هو.

حقيقت ۾ انگريزن لاءِ چيو وڃي ٿو ته انهن پارڪر جي ڏوهارين ۾ پنهنجي جاسوسن جي معرفت هٿيار ورهايا هُئا ۽ پاڻ ئي هتي امن امان جو مسئلو پيدا ڪرايو هُئائون. هتي مقامي طور حاڪميت راڻن جي هُئي. انگريزن جي حملي وقت ويرا واهه جو راڻو انگريزن سان سهڪاري هئو. ان ڪري ننگر پارڪر جو راڻو ”جگو جي“ مُقابلي کان پٺتي ويو جنهن کي بعد ۾ ميرن گرفتار ڪري انگريزن جي حوالي ڪيو هو ۽ ”راڻي ڪرڻ“ کي ننگر پارڪر جو حاڪم بنايو ويو ۽ سنڌ جي هيءَ کُنڊ انگريز سرڪار جي اثر ۾ اچي ويئي ڇو ته

ٽالپر حُڪمران سنڌ جي هِن ڏورانهين علائقي ۾ اڳ ئي بي اثر ٿي چُڪا هُئا، باقي مقامي طور تي هتي راڻن جو ئي راڄ هلندو رهيو.

1843ع ۾ جڏهن انگريزن ٽالپرن کي شڪست ڏئي سڄي سنڌ فتح ڪئي تڏهن بہ هتي راڻن جو ئي راڄ هلندو رهيو ۽ راڻا پاڻ کي آزاد ۽ خودمختيار سڏائيندا رهيا ليڪن انگريزن پنهنجي طور تي هتان جو پهريون پوليٽيڪل ايجنٽ ڪئپٽن ”اسٽئنلي ريڪس“ کي مقرر ڪيو هئو ۽ پوءِ 1846ع ۾ ”ڪرنل ٽروٽ“ کي هتان جو پوليٽڪل سُپريڊنٽ مُقرر ڪيو ويو جيڪو عمر ڪوٽ ۾ رهندو هئو. 1856ع ۾ پارڪر کي ڪمشنر حوالي ڪيو ويو.

1859ع ۾ ”راڻي ڪرڙ“ ۽ ننگر پارڪر ۾ انگريزن پاران مُقرر ڪيل مختيارڪار ”ڏيئو مل“ ۾ اختلاف پيدا ٿي پيا جن جي بُنياد تي ۽ ٻين راجپوت راڻن سان بہ انگريزن جي غلط روين ڪري سيني ۾ انگريزن خلاف نفرت پيدا ٿي ۽ پوءِ سيني کي ”راڻي ڪرڙ“ گڏ ڪيو. جن ۾ سندس ڀاءُ پُوپت سنگهہ، ويرا واهہ جو راڻو لاڏو سنگهہ، ڀهراڻي جو ٺَڪُر ڪَلجي ۽ ٻيا بہ موجود هُئا ۽ راڻي ڪِرڙ لاءِ پنج هزار ڪولهين جو لشڪر بہ اچي ننگر پارڪر ۾ گڏ ٿيو. سيني گڏجي انگريزن خلاف بغاوت ڪئي. 15هين اپريل 1859ع جي ڏينهن تي ٽيلي گراف ڪاتي جون تارون ڪٽيون ويون، رستا ٽوڙيا ويا، خزانو لٽيو ويو، ڪاردار جي ڪچهريءَ کي باهہ ڏني ويئي، پوليس ٿاڻي تي حملو ڪيو ويو جنهن ۾ پوليس اهلڪار زخمي ٿي پيجي ويا، سرڪاري سامان ۽ ملڪيتن کي نقصان ڏنو ويو. ان سڄي رُوئداد جي خبر مختيارڪار ڏيئو مل حيدرآباد موڪلي جيڪا 18هين اپريل 1859ع تي حيدرآباد پهتي. حيدرآباد

جي اسٽيشن ڪمانڊنگ آفيسر ”ڪرنل ايونس“ جلديءَ ۾ بلوچ ريجمينٽ جي هڪ ونگ ننگرپارڪر موڪلي ۽ ڪراچيءَ کان ڪُجهه توب خانو بہ ننگر پارڪر لاءِ روانو ڪيو ويو. ڪرنل ايونس کي حُڪم مليو تہ پاڻ وڃي سيني فوجن جي اڳواڻي ڪري ۽ بغاوت کي ختم ڪري. حُڪم ملڻ ڪري ڪرنل ايونس بہ ننگر پارڪر لاءِ روانو ٿيو. اسلام ڪوٽ وٽ وڃي اڳ ۾ موڪليل فوج وٽ پهتو ۽ اُتان ٿر جو ڊپٽي ڪليڪٽر ۽ سپرنٽيڊنٽ تروٽ بہ پنهنجي سپاهہ سميت ساڻس گڏ ٿيا ۽ هڪ وڏي فوج وٺي 3 مئي 1859ع تي اچي ننگر پارڪر پهتا. هتي سخت مقابلو ٿيو ڪارونجهر جبل تي راڻي چندن جو ٺهرايل ڪوٽ ”چندن گڍ“ مان راڻن مقابلو ڪيو. سڄو ڏينهن وڏي ويڙهاند هلي ۽ بهادر ٿري بي جگريءَ سان پنهنجي وطن جي آزاديءَ لاءِ وڙهندا رهيا. شام جي پهر انگريزن جي توبخاني چندن گڍ کي اُڏائي ڇڏيو تہ راڻن جو لشڪر ڇڙوڇڙ ٿي ويو ۽ سندن بارود بہ ختم ٿي چُڪو هئو. تنهن هوندي بہ سنڌ جا سپوت جبل ۾ انگريز فوجن سان مُقابلو ڪندا رهيا. نيٺ راڻو ڪِرڻ ۽ راڻو لاڌو سنگهہ گرفتار ٿي پيا ۽ شهر تي انگريزن جو قبضو بحال ٿي ويو. اُن کان پوءِ ڪرنل ايونس ننگر پارڪر تروٽ حوالي ڪري پاڻ پير پاسي جي سوڍن کي زير ڪرڻ لاءِ روانو ٿيو ۽ ڪَجڙالوءَ ۽ مارواڙ تائين سوڍن جي ڪئمپن تي حملا ڪيائين.

ننگر پارڪر ۾ لاڌو سنگهہ جو پُٽ آَڏي سنگهہ جيڪو جنگ واري ڏينهن ۾ ٻاهر ويل هئو اُهو موٽيو ۽ هن تروٽ تي حملو ڪري پنهنجي پيءُ لاڌو سنگهہ ۽ راڻي ڪِرڻ کي آزاد ڪرايو. هِن حملي ۾ تروٽ لڪي جان بچائي ۽ ڪافي انگريز فوجي مارجي ويا ۽ زخمي

ٿيا جنهن جي خبر ڪرنل ايونس کي پهتي ته هُن وري اچي 19هين جون 1859ع ننگر پارڪر تي حملو ڪيو جنهن ۾ راڻي ڪِرڙ وچي ڪارونجهر جبل ۾ پناهه ورتي. هه دوست ۽ ڪولهي سپاهه جو اڳواڻ ”روپلو ڪولهي“ ساڻس گڏ هُئا. هُنن فيصلو ڪيو ته جبل جي غارن ۾ لڪي انگريزن تي گوريلا ڪارروايون ڪندا رهندا. جيسيتائين اُهي ملڪ ڇڏي نه ويندا تيسيتائين ساڻن مقابلو جاري رهندو.

هڪ ڏينهن روپلو ڪولهي جبل تان لهي اچي رهيو هئو ۽



برساتي نديءَ ”گوڙ ڏَرو“ مان پاڻي پي رهيو هئو ته اچانڪ انگريز فوج اچي گهيري ۾ آڻي ڪيس گرفتار ڪيو. روپلي کي گرفتار ڪري تروٽ وٽ پيش ڪيو ويو. تروٽ پهريائين هُن کي جاگير ڏيڻ ۽ پينشن ڏيڻ جي لالچ ڏني ته ”راڻي ڪِرڙ“ جو ڏس پتو ڏي ته تو کي مالا مال ڪيو ويندو. سنڌ جو هيءُ سچو سپوت هئو. لالچ ۾ نه آيو ته پوءِ هُن تي وڏو تشدد ڪيو ويو ۽ هُن جي سامهون سندس گهرواريءَ کي

آندو ويو تہ اُها پنهنجي مڙس کي سمجهائي تہ هو راڻي ڪِرڻ جو ڏس پتو ڏئي نہ تہ ڪيس عذاب ڏيئي ماريو ويندو.

روپلي جي گهرواريءَ روپلي سامهون اچي پنهنجي ٻوليءَ ۾ چيو روپلا تو ڪي مرڻو تہ آهي ليڪن جيڪڏهن مُڙس ٿي مرندين تہ تو ڪي سدائين قوم ياد رکندي ۽ منهنجو ڳاٽ بہ اونچو هوندو. اُن ملاقات کان پوءِ تہ روپلي جي هٿن جي ترين تي تيل رکي سنڌس آڱرين سان ڪپهہ جون وٽيون ويڙهي اُنهن کي باهہ ڏني ويئي. هُن جي هٿن جون آڱريون ڏيئي وانگر ٻرنديون ۽ سڙنديون رهيون. اهڙي عذاب سهڻ باوجود هُن راڻي ڪِرڻ يا ٻين ساٿين جو ڪو بہ ڏَس پتو نہ ڏنو ۽ آخر ڪيس جنهن برساتي نديءَ گوڙ ڏَرَي تان گرفتار ڪيو ويو هئو اُن جي ئي ڪناري هڪ وڻ تي ٽنگي سرِ عام ڦاسي ڏني ويئي. اهڙيءَ ريت روپلو ڪولهي پنهنجي وطن تان قربان ٿي امر ٿي ويو ۽ سيني ڪولهي ذات وارن جو ڳاٽ اونچو ڪري ويو.

روپلي ڪولهيءَ کي سرِ عام ڦاسي ڏيڻ جو مقصد مقامي ماڻهن ۾ انگريزن جي دهشت قائم ڪرڻ هُئو ۽ پوءِ راڻي ڪرڻ جي ٻين ساٿين مها وجي سيٺ ۽ هنس پوري ٻائَي کي تروٽ هٿ ڪري کين لالچ ڏيئي ”راڻي ڪِرڻ“ جو ڏس پتو پُڇيو جن راڻي سان دوکو ڪري کيس گرفتار ڪرايو ۽ انگريزن کان جاگيرون انعام ۾ ورتيون. راڻي ڪِرڻ ۽ راڻي لاڌو سنگهہ ۽ سندس پُٽ آڏي سنگهہ انگريزن جي تابعيداري قبول نہ ڪئي ۽ کين ڪاري پاڻيءَ ڏانهن سزا طور موڪليو ويو.

روپلي ڪولهيءَ جي ڪردار تي تاريخ ۾ وڌيڪ مواد نہ ٿو ملي چو

تہ هندو ذاتين ۾ ڪولهين کي گهٽ ذات سمجهيو وڃي ٿو ۽ اُن وقت ۽ بعد جي پڙهيل لکيل هندن بہ هُن جي باري ۾ ڪجهہ بہ نہ لکيو آهي. روپلي ڪولهيءَ کي ڦاسي ڏيڻ واري ڏينهن ۽ تاريخ کي بہ نہ لکيو ويو آهي. روپلي ڪولهيءَ کي ڦاسي ڏيڻ واري جاءِ بہ 1992ع ۾ سنڌ ڌرتيءَ ۽ سنڌ جي سپيتا سان پيار ڪندڙ محترم بدر ابڙي صاحب ۽ انور پيرزادي صاحب ننگر پارڪر وڃي سُگهڙ نواز خان کوسي ۽ مَهرُو ڪولهيءَ جي مدد سان ڳولهي لڌي. جنهن وڻ ۾ روپلي ڪولهيءَ کي ڦاسي ڏني وئي هُئي ان جاءِ تي ڪُجهہ وڏا پٿر رکي روپلي جي سماڌي ٺاهي وئي هُئي. جيڪڏهن اُن وقت اهو بہ نہ ٿئي ها تہ اڄ روپلي جو ”نانءُ“ تہ ملي ها ليڪن ”نشان“ نہ هجي ها ڇو تہ 1992ع کان ڪُجهہ سال پوءِ مهروڪولهي بہ ديهانت ڪري ويو. جنهن کي اهو وَڻ سندس پيءُ ننڍپڻ ۾ ڏيکاريو هئو. جڏهن هُن بدر ابڙي ۽ انور پيرزادي صاحب کي اها جاءِ ڏيکاري هُئي تہ اُتي وڻ تہ ڪونہ هئو ليڪن مهرو ڪولهيءَ کي اُن وڻ واري جاءِ ياد هُئي جتي انور پيرزادو صاحب ۽ بدر ابڙو صاحب جن ڪجهہ ننڍا وڏا پٿر رکي پهريون نشان ٺاهيو هو هاڻي اتي پڪو يادگار ٺهيل آهي ۽ آزاديءَ جا عاشق سنڌ جي هِن سپوت کي سلام ڪرڻ لاءِ اُتي پهچن ٿا.

روزانہ مقدمو جولاءِ 2011ع

مددي ڪتاب:

1. سنڌ جا سورما، ليکڪ سائين جي ايم سيد
2. تاريخ ريگستان، ڀاڳو ڀهريون، ليکڪ رائچند هريجن
3. پراڻو پارڪر، ليکڪ منگهارام اوجها

# مڪليءَ جا تاريخي ماڳ



سنڌ ڌرتيءَ جي قديم ثقافت ۽ تاريخ جي گواهي ڏيندڙ صديون پراڻا ڪيئي تاريخي ماڳ سنڌ جي سيني تي وکريا پيا آهن جن ۾ ڪي اهڙا به آهن جيڪي دنيا جي تاريخي ماڳن ۾ پنهنجي نمايان حيثيت رکن ٿا جهڙوڪ ”رني ڪوٽ!“ هيءَ قلعو پکيڙ جي لحاظ کان دُنيا جو وڏي ۾ وڏو قلعو آهي. اهڙيءَ ريت ضلعي ٺٽي ۾ واقع مڪليءَ جو قبرستان به دُنيا جو وڏي ۾ وڏو قبرستان ليکيو وڃي ٿو ڇو ته قبرستان ۾ مقبرن، مزارن ۽ درگاهن سميت ڏهن لکن کان وڌيڪ قبرون ليکيون وڃن ٿيون.

هن قبرستان جي ٻي خاصيت هيءَ به آهي ته هن قبرستان ۾ سنڌ

جي 600 سالن ڪان وڌيڪ جي تاريخ دفن آهي. هتي سنڌ ڌرتيءَ تي حملا ڪندڙ ظلم ۽ ڏاڍ جي علمبردار ارغونن ۽ ترخانن جا وڏا وڏا ۽ محلن جهڙا مقبرا بہ آهن تہ هتي سنڌ جي سورمن ڄام نظام الدين، دولهہ درياهہ خان ۽ ٻين سمن حاڪمن جون مزارون بہ آهن ۽ انهن سان گڏو گڏ هن وسيع قبرستان ۾ صوفي خانقاهون بہ آهن ۽ هتي هندو ڌرم جو قديم ”ماتا شنگهہ ڀوانيءَ“ جو مندر بہ آهي تہ هن ٽڪريءَ جي هڪ پاسي تي قديم زماني جي اڏيل ”ڪلان ڪوٽ“ جا آثار بہ آهن. مڪليءَ جي موجُودهہ قبرستان جي ٽين خاصيت هيءَ بہ آهي تہ هن قبرستان ۾ موجُود پٿر جي مزارن ۽ مقبرن جي خوبصورت اڏاوت ۽ انهن تي اُڪريل نقش نگار بہ سنڌ جي عظيم تاريخي ڪاريگرين ۽ هُنرن جو هڪ اعليٰ مثال آهي.



مڪليءَ جي ٽڪري ڪير ٿر جبل جي هڪ شاخ جي آخري ٽڪري آهي، جيڪا ”سَموئيءَ“ وٽان ڪر ڪڍي شروع ٿئي ٿي ۽ (19) اُٺويهہ ڪلو ميٽر ڏکڻ طرف هلي اچي ”پير پٺي“ وٽ پوري ٿئي ٿي.

هن ٽڪريءَ تي ”مڪلي“ نالو ڪيئن پيو؟ ان لاءِ گهڻا ئي رايا آهن پر انهن مان ٻہ رايا اهم آهن. هڪ عام راءِ هيءَ آهي تہ هن ٽڪريءَ تي پهرين قبر هڪ نيڪ عورت جي ٺهي ۽ اُن عورت جو نالو مائي مڪلي هئو جنهن ڪري هن ٽڪريءَ تي مڪليءَ جي ٽڪري ۽ قبرستان تي مڪليءَ جو قبرستان نالو پيو. مائي مڪليءَ جي قبر اڄ بہ موجُود آهي جيڪا ٽڪريءَ جي اُتر ۾ بلڪُل شروعات ۾ آهي. ٻي راءِ آهي تہ پراڻي زماني کان هندو ياتري، شِو جا پوڄاري ۽ جين ڌرم وارا هندستان کان هنگلاج ويندي هتان گُذرندا هُئا ۽ هتي بہ اُنهن جا آستان موجود آهن ۽ هتان ئي هُو پنهنجي تيرٿن جي شروعات ڪندا هُئا. جيئن تہ جين ڌرم مسيحي دور کان بہ گهڻو آڳاٽو آهي ۽ ان جي هڪ فرقي ڏيگامبر جي بانيءَ ”منڪليءَ“ جي نالي پويان هن ٽڪريءَ کي منڪلي ٽڪري چيو ويندو هئو جيڪو اڳتي هلي مڪلي سڏيو ويو آهي. سائين جي ايم سيد ۽ ڪُجهہ ٻيا محقق بہ هن پوئينءَ راءِ کي صحيح سمجهن ٿا [1] ۽ اڄ بہ ياتري ”ماتا شنگهہ ڀوانيءَ“ کان پوءِ هنگلاج وڃڻ جو سفر شروع ڪن ٿا. هن مندر جي ڀر سان هڪ غار بہ آهي جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ هي غار سڌو هنگلاج وڃي نڪري ٿو. هيءُ مندر مائي مڪليءَ جي قبر ۽ فوتگيءَ کان گهڻو اوائلي آهي. ان ڪري پوئين راءِ صحيح سمجهہ ۾

اڇي ٿي.

لاڙ جي علائقي ۾ ٻه شهر تاريخي طور تي خاص اهميت وارا آهن. هڪ ”ديبل“ جيڪو اوائلي دور ۾ سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ رهيو ۽ ٻيو ”ٺٽو“ جنهن کي بعد ۾ سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ بڻايو ويو. ٺٽو شهر سنڌ جي سمي بادشاهه ڄام ”نظام الدين“ قائم ڪيو هو. هُن کان پهريان سمان حُڪمران ”سَموئيءَ“ ۾ رهي سنڌ تي حڪمراني ڪندا رهيا. ڄام نظام الدين سموئيءَ کان ٽن ميلن جي مفاصلي تي نئون ۽ جديد شهر ٺٽو آباد ڪرايو ۽ مڪليءَ جي ٽڪري هنن ٻنهي شهرن جي وچ مان گذرندي وڃي پير پٺي تي ختم ٿئي ٿي.

حوالو

(1) ڪتاب سنڌ جا ڪوٽ ۽ قلعا، صفحو 185، 187

# ڄام نظام الدين جو مقبرو



ڄام نظام الدين کي ”ڄام نندو“ بہ سڏيو ويجي ٿو. سنڌ تي سومرن جي حاڪميت واري دور کان پوءِ ”سمان“ قبيلي وارا سنڌ جا حاڪم ٿيا تہ هُنن جي گاديءَ جو هنڌ ”سموئي“ هئو جيڪو مڪلي ٽڪريءَ کان اُتر ۾ هئو. سُلطان ڄام نظام الدين 896هہ بمُطابق 1490ع ۾ سنڌ جي حڪومت سنڀالي. هيءُ هڪ ذهين، مردم شناس، عوام لاءِ نهايت مُخلص، شفيق، پاڪ دامن، پرهيزگار ۽ هڪ نيڪ نام سُلطان هئو. ڄام نظام الدين جي دور انديشيءَ ڪري سندس دور ۾ سنڌ اڳي کان گهڻي ترقي ڪئي. هُن پنهنجي حڪومت دوران ”سموئيءَ“ کان 3 ميلن جي مفاصلي تي ٺٽو شهر آباد ڪيو ۽ ان کي 900هہ ۾

پنهنجي گاديءَ جو هنڌ بڻايو[2] ۽ ترقي وٺرائي ٺٽي شهر ۾ تعليمي درس گاهون قائم ڪرايون ۽ ٻاهرين ملڪن کان تعليم جا ماهر گهُرائي اُنهن کي وڏيون درس گاهون ٺهرائي ڏنيون ۽ اُنهن جي علم کان سنڌي عوام کي رُوشناس ڪرايو ۽ تعليم کي عام ڪيو. ڄام صاحب ٺٽي شهر ۾ هُنرمندن لاءِ ڪارخانا بہ ٺهرايا. هُنرمنديءَ کي اُڀاريو ۽ واپار کي هٿي ڏئي عوام کي ترقي ڏياريائين جنهن ڪري سنڌ تمام گهڻي خوشحال ٿي. ڄام نظام الدين زراعت کي وڌائڻ لاءِ واهہ ۽ کوهہ کوٽايا. هُن جي ئي دور ۾ سنڌ ۾ پهريون آبپاشيءَ جو نظام قائم ٿيو. هُن جي دور ۾ سنڌ مُڪمل آزاد، خودمُختيار ۽ خوشحال هُئي. ڄام نظام الدين پنهنجي دور ۾ هندن کي بہ نهايت اهم عهدن تي فائز ڪيو ۽ کين بہ مُسلمانن جي برابر عزت سان ترقيءَ ۽ خوشحاليءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار بڻايائين. ڄام صاحب پڙ پاسي جي مُلڪن سان برابريءَ وارا ناتا قائم رکيا جنهن ڪري سنڌي عوام سڪُون سان وقت گُذاريو ۽ ترقي توڙي خوشحالي حاصل ڪئي.

ڄام نظام الدين جي دور ۾ دولهہ درياهہ خان سندس وزيراعظم ۽ سپهہ سالار رهيو جنهن سنڌ ملڪ تي ٿيندڙ ٻاهرين حملن کي روڪيو. سندس ذڪر الڳ مضمون ۾ آهي. ڄام صاحب جي دور ۾ بهاول پور، سبيءَ، مڪران ۽ ڪڇ وارا علائقا بہ سنڌ ملڪ جو حصو هُئا. هِن دور ۾ ئي سنڌ کي هڪ مُنظم فوج هُئي. مطلب تہ سنڌ تي عربن جي ڪاهہ کان پوءِ هِن دور ۾ ئي سنڌ ۾ خوشحالي آئي ۽ علم ۽ هُنر ۾ عوام ترقي ڪئي. ڄام نظام الدين جو دور سنڌ جو هڪ مثالي

دور ليکيو وڃي ٿو.

ڄام ننڍي جي وفات 914هه مطابق 1508ع ۾ ٿي. هُن جي وفات کان پوءِ سندس پٽ ”ڄام فيروز“ سنڌ جو حاڪم بڻيو[3] جنهن ۾ پنهنجي والد واريون خوبيون نہ هُجڻ جون روايتون ملن ٿيون. هُن حڪومتي ڪار وهنوار هلائڻ لاءِ پنهنجي والد جا مقرر ڪيل سٺي عمل ۽ ڪردار وارا وفادار ماڻهو هٽائي پنهنجا من پسند، خوش آمدڙيا، مسخريون ڪرڻ وارا ۽ عياشون ڪرائڻ وارا عملدار مقرر ڪيا جنهن ڪري حڪومت ڪمزورين جو شڪار ٿي ويئي ۽ شاهہ بيگ ارغون اچي سنڌ قبضو ڪئي ۽ سنڌ کي لٽيو ڦريو ۽ برباد ڪيو ۽ سنڌ وري اونداهين جي دور ۾ داخل ٿي ويئي.

ڄام نظام الدين جو مقبرو مڪليءَ جي ”ساموئيءَ“ واريءَ ڪُنڊ تي آهي جيڪو سنڌ تي ارغونن جي حملي سبب مُڪمل ٿي نہ سگهيو پر هِن مقبري جي ديوارن تي جيڪو پٿر تي اُڪر جو عالي شان ڪم ٿيل آهي اُهو پنهنجو مَٽ پاڻ آهي. هِن مقبري جون چورس ديوارون ٺهيل آهن جيڪي پٿر جون آهن ۽ تمام اونچيون ۽ ويڪريون آهن. اولهہ واريءَ ديوار ۾ هڪ محراب ٺهيل آهي ۽ اُن جي ئي پاسي کان هڪ ننڍو دروازو آهي جنهن مان مقبري ۾ اندر وڃي سگهجي ٿو ۽ ڏکڻ واريءَ ديوار مان اندران هڪ ڏاڪڻ ٺهيل آهي جنهن تان مٿي وڃي سگهجي ٿو ليڪن هاڻي هِن ڏاڪڻ کي حفاظت خاطر بند ڪيو ويو آهي. هنن ديوارن جي اڏاوت ٻُڌائي ٿي تہ هنن مٿان هڪ وڏو گُنبذ ٺهي ها جيڪو ارغونن جي حملي ۽ سنڌ فتح ڪرڻ ڪري نہ ٺهي سگهيو. مقبري جي اندر چار قبرون

آهن جيڪي هڪ ئي قطار ۾ آهن. هڪ جهڙيون آهن ۽ هنن قبرن تي ڪو به ڪتبو لکيل نه آهي جنهن ڪري خبر نه ٿي پئي ته ڄام نظام الدين جي قبر ڪهڙي آهي ۽ ٻيون ٿي قبرون ڪنهن جون آهن؟ مقبري جي سيني ديوارن تي نقش نگاريءَ جو خوبصورت ڪم ٿيل آهي. اندران توڙي ٻاهران پٿر تي خوبصورت اُڪر جو ڪم ٿيل آهي. خاص طور تي اولهه واريءَ ديوار جو محراب اندران به تمام خوبصورت ٺهيل آهي پر ٻاهران ته هيءُ محراب هُنرمنديءَ جو هڪ دلڪش ۽ نادر نمونو آهي جنهن جو ڪو به مثال نه آهي. هن محراب تي خاص سنڌي نقش نگاريءَ سان گڏو گڏ راجستاني هُنرمنديءَ جو به وڏو ڪم ٿيل آهي جنهن ڪري هيءُ محراب ڄڻ سنڌي، اسلامي، راجستاني ۽ هندي طرز تعمير جو هڪ گڏيل شهڪار آهي. هن تي اهڙو ته سنهون ۽ سُهڻو اُڪر جو ڪم ٿيل آهي جو هُنرمندن جي پنهنجي بادشاهه سان محبت جو اظهار لڳي ٿو. هيءُ مقبرو سنڌ جي هڪ عظيم سلطان جي آخري آرام گاهه ته آهي پر سنڌ جي هنرمندن جو تخليق ٿيل هڪ عظيم شاهڪار پڻ آهي.

حوالا

(1) (2) ڪتاب جنت السنڌ، صفحو 301، ليکڪ مولائي شيدائي

(3) ڪتاب جنت السنڌ، صفحو 306

# دولهه دريا خان جي مزار

مڪليءَ جي شروعاتي حصي ۾ ڄام نظام الدين جي مقبري جي سامهون اولهه پاسي دولهه دريا خان جي مزار آهي. دولهه درياهه خان ڄام



نظام الدين جو وزيراعظم ۽ سپهہ سالار رهيو. هُن جو اصل نالو قبُوليو هئو پر بهادريءَ، جُرئت منديءَ، عقل منديءَ، ڏاهپ ۽ سندس ڪيل ڪارنامن سبب مختلف وقتن تي ڪيس ڄام صاحب پاران مختلف لقبن سان نوازيو ويو جنهن ڪري هيءُ دولهہ دريا خان، مُبارڪ خان ۽ خان اعظم سڏجڻ لڳو. سنڌ جي هن سپوت جي بهادريءَ جا ڪيئي ڪارناما آهن. هُن پنهنجي سپهہ سالاريءَ دوران ڪنهن بہ ڌارئي کي سنڌ جي ڪنهن بہ حصي تي پير ڄمائڻ نہ ڏنو ۽ سنڌ جي سرحدن جي بهادريءَ سان حفاظت ڪيائين. ڄام نظام الدين جي وفات کان پوءِ ڄام فيروز جي غلط روش کان بيزار ٿي ٺٽو شهر ڇڏي وڃي پنهنجي جاگير تي رهڻ لڳو هو پر جڏهن ارغونن سنڌ تي ڪاهہ ڪئي تہ سنڌ جي هِن عاشق کان رهيو نہ ٿيو. ٺٽي پهچي پنهنجن پُٽن، دوستن ۽ پنهنجي سپاهہ سميت اچي ارغونن سان مهاڏو اٽڪايائين ۽ سنڌ وطن جي عزت ۽ نامُوس لاءِ آخري دم تائين وڙهندو رهيو. هُو بهادريءَ سان وڙهندي، وڙهندي شهيد ٿيو پر پنهنجي حياتيءَ ۾ ارغونن کي ٺٽي شهر ۾ پير پائڻ نہ ڏنائين ۽ پُٽن ۽ ٻين ڪيترن ئي ساٿين سميت سنڌ تان سر

گهوري سُرخرو ٿيو.

دولهه درياهه خان جي مزار هڪ وڏي قلعي نما چوديواريءَ اندر آهي. هيءَ چوديواري به پٿر جي ٺهيل آهي ۽ سڄي چوديواريءَ تي اندران توڙي ٻاهران اُڪر ۽ چٽ ساليءَ جو ڪم ٿيل آهي. چوديواريءَ جي اولهه ۾ محراب ٺهيل آهي، اوڀر ۽ ڏکڻ کان به وڏا محرابي دروازا ٺهيل آهن. هِن چوديواريءَ اندر لاتعداد قبرون آهن جن لاءِ چيو وڃي ٿو ته هن سان گڏ شهيد ٿيل سندس پٽن، مائٽن ۽ ٻين ساٿين جون آهن ۽ انهن سيني جي وچ ۾ اولهه واري محراب ويجهو دولهه درياهه خان جي اوچي ۽ ٻگدار مزار نمايان آهي جنهن تي نظر پوَندي ئي محسوس ٿئي ٿو ته هن قلعي نما ديوار جي وچ ۾ ڪو وڏو بهادر سپهه سالار سُتل آهي. دولهه درياهه خان جي مزار پٿر جي ٺهيل آهي جنهن کي سيرانديءَ کان تاج به ٺهيل آهي. هن سڄيءَ مزار تي اُڪر جو تمام خوبصورت ڪم ٿيل آهي. ڪو به مقبرو يا ڇپرو نه هجڻ جي باوجود کُلي آسمان جي هيٺان هيءَ مزار اوچي ٻاٽ سان سيني کان نمايان ۽ شاندار محسوس ٿئي ٿي.

آءٌ ڪيئي ڀيرا مڪليءَ تي ويو آهيان ۽ سڀ کان پهريائين دولهه درياهه خان جي مزار تي حاضري ڏيندو آهيان. هڪ ڀيري سنڌ جي تمام وڏي ليکڪ، خوددار ۽ سچار محترم علي بابا سان گڏ مڪليءَ تي وڃڻ ٿيو ۽ اسان جيئن ئي دولهه درياهه خان جي مزار تي پهتاسين ته علي بابا دولهه درياهه خان کي سلام پيش ڪندي چيو:

"The commander is dust, his good surd is rust, he is with saints I trust."

مفهُوم: سپهہ سالار متيءَ ۾ ملي چُڪو آهي، سندس خوبصورت تلوار زنگجي چُڪي آهي، هيءُ قومي اڳواڻن سان ويٺو آهي، مون کي يقين آهي.

دولهہ درياهہ خان قومي هيرو آهي. سائين جي ايم سيد ڪيس سنڌ جو سورمون لکيو آهي. اسان سڀني تي فرض ٿئي ٿو تہ سنڌ جي سورمن جي يادگارن ۽ مزارن تي وڃي ڪين ميڙتا ڏيون ۽ پاڻ بہ سنڌ ڌرتيءَ سان محبت ۽ وفاداريءَ جو وچن ورجايون.

## ڄام تماچيءَ جو مقبرو



ڄام تماچيءَ ۽ نُوريءَ جو قصو مشهور آهي جنهن کي شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ رحہ بہ ڳايو آهي. نوري هڪ خوبصورت ڇوڪري هُئي جيڪا ڪينجهر ڍنڍ تي آباد مهاڻن جي گهر ۾ پيدا ٿي هُئي. نوري ۽ سندس مائٽ ڪينجهر ڍنڍ مان مڇي ماري پنهنجو گُذران ڪندا هُئا. هڪ ڏينهن ڄام تماچيءَ کي ڪينجهر جو سير ڪندي نوري نظر اچي ويئي ۽ ڄام صاحب نوريءَ جي سونهن ۽ سوڀيا تي دل هاري ويٺو ۽ نوريءَ جي مائٽن کان شاديءَ

لاءِ سنگ گهُرِيائين. هُنن غريب مهاڻن خوشيءَ سان نوريءَ جي شادي ڄام تماچيءَ سان ڪرائي. ڄام تماچيءَ ان خوشيءَ ۾ مهاڻن تان ٽيڪس معاف ڪري ڇڏيو ۽ مٿن ٻيون به رعايتون ۽ عنايتون ڪيائين. ڄام تماچيءَ جو مقبرو به مڪليءَ تي شيخ حماد جماليءَ جي جامع مسجد جي اوڀر ۾ موجُود آهي. هيءُ مقبرو مُڪمل پٿر جو ٺهيل آهي.

ڄام تماچيءَ جي مزار جي چوڌاري پٿر جا خوبصورت ٿنڀا ٺهيل آهن ۽ اُنهن ٿنڀن جي آڌار تي گول ڇتي ٺهيل آهي جيڪا به مُڪمل طور تي پٿرن جي جڙيل آهي. هن ڇتيءَ تي اندران نقش نگاريءَ جو ڪم ٿيل آهي ۽ ٿنڀن تي به خوبصورت نقش اُڪريل آهن. هاڻي هيءُ مقبرو هڪ پاسي جهُڪيل نظر اچي ٿو. هن مقبري جي پير سان ئي ڄام نظام الدين جو وڏو مقبرو آهي.

# ارغونن ۽ ترخانن جا مقبرا

مڪليءَ جي قبرستان جي شروعات مائي مڪليءَ جي قبر کان ٿئي ٿي جڏهن تہ پوءِ حماد جماليءَ جي جامع مسجد ۽ سمن ڄامن جا مقبرا ٺهيا. پوءِ هيءُ قبرستان اڳتي وڌندو رهيو ۽ هتي ڪئي عالمن، بزرگن، ۽ اوليائن جو درس گاهون ۽ درگاهون پڻ آباد ٿيون. جيئن تہ ڄام نظام الدين جي دور ۾ ٺٽو شهر آباد ٿي چُڪو هو ۽ ارغونن ۽ ترخانن اچي اُن تي قبضو جمايو هئو ۽ اُنهن پنهنجا مقبرا بہ مڪليءَ تي ٺهرايا پر سندن مقبرا ٺٽي جي ويجهي حصي تي آهن. هاڻي جيڪو رستو ڪراچيءَ کان ٺٽي شهر وڃي ٿو اُن رستي تي مڪليءَ جي ٽڪريءَ تان گُذرندي ٺٽي جي طرف هيٺ لهڻ کان ٿورو پهريان کٻي پاسي کان ترخانن جا وڏا وڏا مقبرا نظر اچن ٿا ۽ ان هنڌ کان آثار


مرزا جاني بيگ جو مقبرو

قديمہ وارن هڪ پڪو رستو بہ ٺهرايو آهي جيڪو مڪليءَ جي قبرستان جي هن کٻي پاسي واري حصي جي وچ کان گذري ٿو. اهو رستو ترخانن ۽ ارغونن جي مقبرن جي پاسي کان ٿيندي عبدالله شاهہ اصحابيءَ رحہ جي درگاهہ جي پر سان

www.sindhsalamat.com

ختم ٿئي ٿو ۽ پوءِ ڪچو رستو آهي جيڪو وڃي سمن ڄامن جي مقبرن تائين پهچي ٿو. هن رستي جي شروع ۾ هڪ وڏو دروازو ٺهرايو ويو آهي جنهن کان اندر هلنديءَ هن رستي جي سڄي هٿ تي پهريون مقبرو مرزا جاني بيگ جو آهي. (2) طغرل بيگ جو مقبرو، (3) مرزا باقي بيگ (4) مرزا عيسيٰ خان ترخان (ثاني) جو مقبرو آهي ۽ هن رستي جي کٻي پاسي تي (5) مرزا شرف خان جو مقبرو آهي ۽ مرزا عيسيٰ خان ترخان (ثاني) جي مقبري جي دروازي سامهون سندس "والد مرزا جان بابا جو مقبرو آهي. هي اُهي مقبرا آهن جيڪي اڃا تائين ثابت بيٺا آهن ۽ انهن کان سواءِ ڪيترا ئي مقبرا آهن جيڪي ٽُٽل ۽ زبون حال آهن پر اهي بہ پنهنجي طرز تعمير سان اُن وقت جي ڪاريگرن جي هنرمنديءَ جي


شرفا خان جو مقبرو

ساک پرين ٿا. هنن سيني مقبرن مان خوبصورتيءَ، ڪاريگريءَ ۽ دلڪشيءَ ۾ مرزا عيسيٰ خان ترخان ثانيءَ جو مقبرو منهنجي سمجھ مطابق پهرئين نمبر تي اچي ٿو.

# عيسيٰ خان ترخان (ثانيءَ) جو مقبرو



هيءُ مقبرو ٻہ ماڙ ٺهيل آهي ۽ ٻہ ماڙ کان پوءِ هن تي هڪ وڏو گُنبذ ٺهيل آهي ۽ وڏي گُنبذ جي چوڌاري سڄي ڇت ننڍن ننڍن گُنبذن تي مُشتمل آهي. هيءُ سڄو مقبرو پٿر جو ٺهيل آهي. هن مقبري جون ڇتيون پٿر جي ٿنڀن تي پٿر جون وَنگون ۽ سڌا پٿر رکي جوڙيون ويون آهن. هن مقبري جي عمارت جي هر پٿر تي خوبصورت اُڪر جو ڪم ٿيل آهي ۽ نهايت نفاست سان دلڪش ڇٽ سالي ٿيل آهي. هن عمارت جي وڏي گُنبذ جي هيٺيان واري وڏي هال ۾ عيسيٰ خان ترخان ۽ ٻين جو وڏيون اوچيون پٿر جون قبرون ٺهيل آهن جن جي مُهاڙيءَ تي وڏا وڏا ڊگها ڪَتبا لڳل آهن جن تي سندن مُتعلق فارسيءَ

۾ لڳل آهي. هال جي چوطرف ورانڊو آهي. اهو سڄو ورانڊو خوبصورت ٿنڀن جي مٿان خوبصورت وَنگن سان جڙيل آهي. هيءُ مقبرو پٿر جي اڏاوت جو هڪ نادر نمُونو آهي ۽ پٿر جي ٺهيل هڪ محل جو ڏيک ڏيئي رهيو آهي. هيءُ مقبرو هر طرف ۽ هر ڪُنڊ کان خوبصورت ۽ دلڪش نظر اچي ٿو. هن مقبري جي ٻاهران بہ پٿر جي وڏي چوديواري آهي ۽ ان کي هڪ وڏو محرابي دروازو بہ آهي. هيءَ ديوار بہ انتهائي خوبصورت ۽ دلڪش آهي.

مرزا عيسيٰ خان (ثاني) مرزا جان بابا جو پُٽ ۽ مرزا عيسيٰ خان ترخان (اول) جو پوٽو هئو. پنهنجي ڏاڏي جي مرڻ بعد هيءُ ڄائو تہ هُن تي سندس ڏاڏي جو نالو رکيو ويو. مرزا عيسيٰ خان اول شاهہ بيگ ارغون سان گڏ پنهنجي قبيلي جي وڏي جٿي سميت 927هہ ۾ سنڌ ۾ داخل ٿيو ۽ ارغونن جي حڪومت دوران خاص امير رهيو. شاهہ بيگ ارغون کان پوءِ شاهہ حُسين ارغون سنڌ جو حاڪم ٿيو ۽ 962هہ ۾ فوت ٿيو. شاهہ حُسين ارغون کي اولاد نہ هُئي جنهن ڪري سندس ٻن اميرن سنڌ کي ٻن حصن ۾ ورهايو. بکر جي قلعي کي اُتر سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ بڻائي اُتي سلطان محمود ڪوڪل تاش حڪومت قائم ڪئي ۽ ٺٽي ۾ مرزا عيسيٰ ترخان اول حاڪم بڻجي ويهي رهيو.[1]

974هہ ۾ عيسيٰ ترخان (اول) فوت ٿيو تہ سندس ٻيو نمبر پُٽ مرزا باقي بيگ هتي جو حاڪم بڻيو جيڪو تمام ظالم هو. هُن پنهنجي خاندان جا ست فرد قتل ڪرائي ڇڏيا ۽ مرزا جان بابا کي بہ قتل ڪرائي ڇڏيائين تہ مرزا جان بابا جي گهر واري جيڪا "سميجا"

قبيلي مان هُئي اُن پٽ مرزا عيسيٰ ٻئي سميت وڃي پنهنجن مائٽن (پيڪن) ۾ پناهه ورتي. هيءُ واقعو 978هه جو آهي ان ڪري مؤرخ عيسيٰ ترخان (ٻئي) جي جمر جو سال 75-976هه لکن ٿا، جيڪو سندس ڏاڏي جي فوت ٿيڻ ۽ پيءَ جي قتل ٿيڻ جي وچ وارو وقت آهي. هن جي زندگيءَ جا پهريان سال ناناڻن ۾ گُذريا ۽ پوءِ جڏهن 983هه ۾ مرزا باقي بيگ پاڻ خودڪشي ڪئي تہ سندس پٽ پائينده بيگ حاڪم ٿيو پر ذهين نہ هُئڻ ڪري حڪومتي وهنوار سندس پُٽ مرزا جاني بيگ حوالي هئو ۽ مرزا جاني بيگ پنهنجي ڏاڏي مرزا باقي بيگ جي خُون کان بچي ويل سيني عزيزن کي هٿ ڪري آڻي نئين ۾ آباد ڪيو ۽ اُنهن کي حڪُومت ۾ عهدا بہ ڏنائين. اهڙيءَ طرح مرزا عيسيٰ ترخان (ٻئي) کي بہ 984هه ۾ واپس آڻي نئين ۾ آباد ڪيو ويو.[1]

[2] مرزا جاني بيگ وارو دور مرزا عيسيٰ لاءِ تمام سُکيو دور رهيو. هن ئي دور ۾ هيءُ ننڍپڻ کي عبور ڪري جوانيءَ تي پهتو ۽ مرزا جاني بيگ پاران مليل سهولتن جا مزا ماڻيائين. مرزا جاني بيگ جو دور علائقي ۽ هنن جي پنهنجي خاندان لاءِ امن ۽ خوشيءَ جو دور رهيو. پوءِ 999هه ۾ خان خانا هندستاني مُغلن پاران شاهي لشڪر سان سنڌ تي ڪاهه ڪري آيو ۽ هڪ سال تائين چڪريون هلنديون رهيون. 1000هه ۾ مرزا جاني بيگ کي گرفتار ڪري اڪبر شهنشاهه وٽ پيش ڪيو ويو ۽ سنڌ سڄيءَ ريت مُغلن جي قبضي ۾ اچي ويئي پر دهليءَ جي شهنشاهه اڪبر پاران سنڌ جي هِن حصي کي جاگير جو درجو ڏئي مرزا جاني بيگ جي حاڪميءَ ۾ ئي ڏنو ويو.

1009ھ ۾ مرزا جاني بيگ فوت ٿيو. هن جو مقبرو بہ هتي نهايت خوبصورت ڪاشيءَ جي سِرن سان ٺهيل آهي.

مرزا جاني بيگ جي وفات کان پوءِ سندس پُٽ مرزا غازي بيگ حاڪم بڻيو ۽ هُن بہ شروع ۾ مرزا عيسيٰ سان سُٺي روش رکي پر اڳتي هلي رنجش پيدا ٿي ۽ مرزا عيسيٰ 1012ھ ۾ سنڌ ڇڏي ۽ 1013ھ ۾ هندستان جي شاهي دربار ۾ وڃي مُغل شهنشاهہ اڪبر وٽ پهتو. اڪبر بادشاهہ هُن کي عزت ۽ عهدو بہ ڏنو ۽ پوءِ وري 1014ھ ۾ اڪبر فوت ٿيو ۽ جهانگير شهنشاهہ بڻيو. هُن بہ عيسيٰ ترخان کي ڪافي نوازيو ۽ کيس مُختلف عهدن تي مُقرر ڪندو رهيو ۽ هُن کي ترقي ملندي رهي. جهانگير جي وفات کان پوءِ 1037ھ سندس پُٽ شاهجهان هندستان جو شهنشاهہ مُقرر ٿيو تہ هُن مرزا عيسيٰ کي سنڌ جو صوبيدار ڪري موڪليو ڇو تہ هتي شريف الملڪ صوبيدار هئو (3) جنهن تي شاهہ جهان ناراض هئو. هُن مرزا عيسيٰ کي حڪم ڪيو تہ شريف الملڪ کي گرفتار ڪري سزا ڏني وڃي. مرزا لشڪر وٺي جڏهن ٺٽي پهتو تہ شريف الملڪ هُن سان مقابلو ڪيو پر شاهي لشڪر کان هار کائي ويو ۽ کيس گرفتار ڪري شاهي دربار موڪليو ويو. ان فتح جي ڪارنامي تي مرزا عيسيٰ کي هڪ لک روپيا انعام ڏنو ويو جڏهن تہ کيس عهدي ۾ ترقي پڻ ملي پر اڍائي مهينن کان پوءِ مرزا کي هٽائي شير خواجا کي سنڌ جو صوبيدار مقرر ڪيو ويو ۽ مرزا کي ٻي ذميواري ڏني ويئي. مرزا هتي رهي پنهنجي والد مرزا جان بابا جي مقبري جي اڏاوت ڪرائي ۽ پوءِ

پنهنجي مقبري جي نهرائڻ جو بندوبست به ڪيو. هي ٻئي مقبرا هن جي پنهنجي سوچ ۽ رٿابنديءَ تحت ٺهيا آهن ڇو ته هن جي هندستان جي گهڻن حصن ۾ مُقرري ٿي هُئي ۽ هُن اُتان جي طرز تعمير ڏٺي هُئي. مرزا عيسيٰ خان ٺٽي ۾ مُقرريءَ کان اڳ ۾ پوءِ گهڻو وقت گُجرات ۾ به مُقرر رهيو جتي هن هڪ قلعو ۽ ٻيون به تاريخي اڏاوتون ڪرايون. هُن کي فن تعمير جو شوق به هئو ۽ ڄاڻ به هُئي جنهن جو مثال سندس مقبري جي اڏاوت به آهي. هن 1062هه ۾ وفات ڪئي پر وفات کان اڳ ئي پاڻ رٽائر ٿيو هو ۽ سندس جاءِ تي سندس پُٽ مرزا محمد صالح کي مُقرر ڪيو ويو هو. سندس آخري وقت پنهنجي جاگير (سورٺ) راڌڻ پور ۾ گذريو ۽ آخر ۾ مُغل شهنشاهه ڪيس پاڻ ڏانهن گهُرايو ته اُن ڏانهن ويندي رستي ۾ وفات ڪيائين.(4)

مرزا عيسيٰ خان لاءِ چيو وڃي ٿو ته هيءُ بهادر به هئو ته دانشمند به هئو ۽ فن تعمير سان شوق به هئس ۽ موسيقيءَ سان لڳاءُ به هئس. بهر حال سندس مقبرو مڪليءَ جي هِن قبرستان جي هڪ خوبصورت ترين عمارت آهي جنهن کي مون مٿي به هڪ محل ڄاڻايو آهي. هن جو نظارو دلڪش ۽ دلفريب آهي.

سنڌ تي ترخان به ارغونن سان گڏ ڪاهه ڪري آيا هُئا ۽ سنڌ تي قبضو ڪيو هُئائون. اصل حملو ڪندڙ ارغون هُئا پر ترخان به اُنهن جي لشڪر ۾ موجُود هُئا. ارغونن ۽ ترخانن جو گڏيل اٽڪل 100 سالن تائين سنڌ تي قبضور هيو. ارغونن جي وقت ۾ مقامي عوام سان ظلم ۽ زيادتيون تمام گهڻيون ٿينديون رهيون ۽ ترخانن جي دور ۾

هتي جي عوام سان ظلم گهٽ ٿيو ڇو ته هُو پنهنجيءَ ڄُنڊا پٽ ۾ قتل غارت ۾ رُڌل رهيا. ترخانن سنڌين سان مٺيون مائٽيون به ڪيون پر 100 سالن ۾ به سنڌي ٿي نه سگهيا ۽ آخر ۾ به جڏهن مغلن هُنن جي هٿان تڏا ويڙهه ڪرائي ته سنڌين کي ان جو ڪو به ڏک نه ٿيو ۽ انهن جي جنگين کان لاتعلق رهيا.

حوالا:

(1) مڪلي نامون، صفحو 237
(2) مڪلي نامون، صفحو 245
(3) مڪلي نامون، صفحو 291
(4) مڪلي نامون، صفحو 223

# درگاهون



مڪليءَ جي هن حصي تي لاتعداد مقبرا ۽ مزارون آهن. هتي شيخ جيئو عيسيٰ لنگوٽيو، حماد جمالي ۽ ٻيا بہ ڪيترا ئي اولياءَ، بادشاھ، حاڪم، امير وزير، اديب ۽ شاعر دفن آهن. هتي شاھ پَريُن جو آستان بہ آهي جتي عورتن لاءِ زيارت گاھ هُئي. هن حصي ۾ سيد عبدالله شاھؒ جي درگاھ بہ آهي جتي هر مهيني جي چنڊ جي پهرينءَ جُمعي رات تي وڏي تعداد ۾ عقيدتمند اچن ٿا ۽ هر مهيني ميلي جو منظر نظر اچي ٿو ۽ پُوري رات محفل سماع ٿئي ٿي.

ڪراچيءَ ڪان ويندڙ رستي جي سڄي هٿ تي بہ قبرستان ڦهليل آهي. هن حصي ۾ بہ ڪئي ڪتي سيدن، پيرن ۽ مخدومن جون مزارون ۽ مقبرا آهن جن ۾ خاص ڪري مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ، مخدوم ابوالقاسم نقشبنديءَ، پير عاليءَ، محمد يوسف بکريءَ ۽ عبدالرحيم گرهوڙي صاحب جون مزارون مشهُور آهن. رستي جي

# ماتا شنگهه ڀواني مندر



جڏهن ڪراچيءَ کان وينداڙ رستو مڪليءَ جي ٽڪريءَ تان هيٺ ٺٽي شهر ڏي لهي ٿو تہ بلڪُل اُن هنڌ مندر آهي. هيءُ مندر هندو ڌرم جو وڏو ۽ قديمي مندر آهي. هن مندر جو اصل نالو ”ماتا شنگهه ڀواني مندر“ آهي. ماتا شنگهه ڀواني ڪالي ديويءَ ۽ ڪالي ماتا جي نالي سان بہ مشهُور آهي. هِن مندر ۾ ماتا شنگهه ڀوانيءَ جي قُدرتي مُورتي آهي جنهن ڪري هيءُ مندر قديمي دور کان هندو ڌرم جو هڪ اهم زيارت گاهه آهي. هتي پري پري کان زيارتي اچن ٿا. هن مندر جي هڪ ٻي بہ خاص اهميت آهي تہ هنگلاج وڃڻ وارا ياتري هِن مندر تي پهچي پوءِ هتان پنهنجي ڌرمي ياترائن لاءِ پنهنجو سفر شروع ڪن ٿا. سڄي برِ صغير خاص ڪري رِڻ ڪڇ ۽ راجستان کان هنگلاج لاءِ وڃڻ وارا هن مندر تي پهچندا آهن. هِتي قُدرتي مُورتيءَ کان سواءِ ماتا ڪالڪا ديوي (جنهن کي عام طور ڪالي ماتا بہ چيو وڃي ٿو) ۽ هندو ڌرم جي ٻين اهم اوتارن جون

مُورتيون بہ رکيل آهن ۽ هيءُ مندر ڪالڪا جي مندر طور بہ مشهور آهي. هن مندر جي پَر سان هڪ غار بہ آهي جنهن لاءِ مُختلف وقتن جون مُختلف ڏند ڪٿائون موجُود آهن. غار لاءِ چيو وڃي ٿو تہ شاهہ عبداللطيف ڀٽائيؒ هن غار ۾ اندر داخل ٿيو ۽ سڌو وڃي هنگلاج نڪتو. اهڙيءَ طرح جون ڏند ڪٿائون ڀٽائي صاحب کان اڳ جي هندو سامين ۽ ساڌوئن لاءِ بہ مشهُور آهن.

مڪليءَ جي هِن حصي تي مندر کان پوءِ شهري آبادي آهي. ضلعي ٺٽي جون اهم سرڪاري آفيسون پڻ هتي قائم آهن ۽ هتي هڪ نئون شهر آباد آهي.

# ڪلان ڪوٽ



هيءُ ڪوٽ مڪليءَ جي ٽڪريءَ تي ڪراچيءَ کان ويندي سڄي هٿ واري پاسي تي مڪليءَ جي شهر کان ٻاهرئين باءِ پاس کان 5 ڪلو ميٽر ڏکڻ طرف آهي. باءِ پاس کان ور غُلام الله شهر ڏانهن ويندڙ رستي جي کٻي هٿ واري پاسي تي آهي. پڪي روڊ کان اٽڪل هڪ ڪلو ميٽر جي مفاصلي تي هڪ اوچي ٽڪريءَ تي ڪلان ڪوٽ جا آثار موجود آهن جيڪي ور غُلام الله واري روڊ تان ئي نظر اچن ٿا. هن وقت ور غُلام الله واري روڊ جي ڪلان ڪوٽ واري پاسي تي هڪ وڏو ضلعي جيل پڻ ٺهيو آهي جنهن جي پٿرن جي اُوچي ديوار آهي. هن ديوار کان پوءِ هڪ ڪچو رستو آهي جنهن تي اٽڪل هڪ ڪلو ميٽر هلڻ کان پوءِ ڪلان ڪوٽ ۾ داخل ٿي سگهجي ٿو.

هن وقت ڪلان ڪوٽ جي ڪا به ديوار يا ڪو به برج سلامت نه آهي. هاڻي هتي چوڏاري ڊٿل ديوار جي سرن جو ڍير نظر اچي ٿو ۽ ڪنهن ڪنهن هنڌ اهو سرن ۽ مٽيءَ جو وڏو ڍير ڏسي سمجهي سگهجي ٿو ته هتي ديوار سان گڏ برج به هوندو. اسان ڪوٽ اندر اولهه ڏکڻ ديوار کان داخل ٿي ڪچي رستي تي گاڏي هلائيندا رهياسين ۽ هڪ هنڌ گاڏي بيهاري پوءِ ڪوٽ جي اندر پنڌ گهمڻ

لڳاسين. ڪوٽ جي اوڀارينءَ ديوار جي ڏَڙن تي هلندي هلندي اسان کي هڪ برج جي ڪُجهه اڏاوت نظر آئي. اُتان اسين ديوار کان پرئين پاسي لهي برج جي مختصر وجود کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿياسين. مون چيو تہ ڪجهہ تہ نظر آيو. هن برج جي ديوار جي اڏاوت جي بُنياد ۾ اڻ گهڙيو پٿر ڏسڻ ۾ اچي ٿو ۽ ان کان مٿي پڪين سرن جي اڏاوت آهي. هن ديوار کان هيٺ پرئين پاسي ساوَڪ ئي ساوڪ نظر اچي ٿي. ڪوٽ تمام مٿانهينءَ تي آهي ۽ اُتان هيٺ تمام خوبصورت واديءَ جو منظر نظر اچي ٿو.

هن ڪوٽ جي اندر هن وقت نمايان نظر ايندڙ صرف مسجد جا کنڊر آهن جيڪي اولاهينءَ ديوار جي وچ واري حصي جي پر سان آهن. هيءَ چورس مسجد آهي. هِن جي ڇت ڪِريل آهي ۽ ديوارون موجُود آهن پر انهن جو بہ مٿيون حصو ڊٺل آهي. هن مسجد ۾ داخل ٿيڻ لاءِ وڏو محرابي دروازو آهي ۽ مسجد جي اندر اولهہ واريءَ ديوار ۾ پيش امام لاءِ خوبصورت محراب ۽ ممبر پٿر جا ٺهيل آهن باقي




مسجد جون سيئي ديوارون پڪين سِرن جون ٺهيل آهن ۽ اندر ڪجهہ ڪاشيءَ جون سرون بہ لڳل نظر اچن ٿيون. مسجد جي اُتر ۽ ڏکڻ وارين ديوارن ۾ بہ هڪ هڪ محرابي دروازو آهي جيڪي ڪجهہ ڀڳل نظر اچن ٿا. هي ڪنڊر ٻُڌائين ٿا تہ مسجد تمام خوبصورت هُئي. قلعي اندر هيءَ مسجد ترخانن جي دور ۾ ٺهي.[1] هن مسجد ڪان ٻاهر پاٽيءَ جو هڪ ننڍو حوض بہ ٺهيل آهي جيڪو يقينن وضوءَ لاءِ استعمال ٿيندو هوندو پر ان جي پر سان پاٽيءَ جو هڪ ٻيو وڏو تلاءُ ٺهيل آهي جيڪو هِن وقت ٽُٽل حالت ۾ موجُود آهي. اهڙي قسم جا بہ ٻيا تلاءَ پڻ ڪوٽ جي مُختلف حصن ۾ نظر آيا.

مسجد ڪان ٻاهر اچي اسان ڪوٽ جي اولاهينءَ ديوار جي ڏڙن تي آياسين. هِن پاسي ڪان ٻاهر هڪ وڏي ڍنڍ آهي. ڪوٽ جي مٿانهينءَ ڪان هيٺ ڍنڍ جي پاٽيءَ جو نظارو اڄ بہ تمام دلڪش نظر اچي ٿو. هن ڍنڍ کي اڪور ڍنڍ جي نالي سان سڏيو ويندو هو.[2] اسان ڪُجهہ دير اُتي ويهي رهياسين ۽ هن خوبصورت نظاري مان لُطف اندوز ٿيندا رهياسين. هِن ديوار جي ڏڙن تان لهي ڪوٽ اندر اچي وري اُتر واريءَ ديوار ڏانهن روانا ٿياسين. هن پاسي ڪُجهہ نيون اڏاوتون هيون جيڪي يقينن انهن قبضا خورن جو جڙيل هيون جن ڪُجهہ سال اڳ اچي هن تاريخي ماڳ تي قبضو ڪيو هو ۽ هِن قومي ورثي کي نقصان بہ پهچايو هُئائون. اسان پيادل هلندي هلندي اچي ڪوٽ جي اُتر اوبر واريءَ ڪُنڊ تي پهتاسين. ديوار جي ڏڙي کي پار ڪري ڪوٽ ڪان ٻاهر آياسين تہ اسان کي ڪوٽ جي ٻن برجن جا مضبوط بُنياد نظر آيا. ڪوٽ ڪان ٻاهر بہ پڪيون سرون وِکريون پيون

هيون. هِن پاسي بُرجن جي وچ واريءَ ديوار جا بُنياد بہ موجود آهن جن کي ڏسي چئي سگهجي ٿو تہ اسان هن ڪوٽ جي زبون حال ديوار جو ڪُجهہ ٽڪرو بہ ڏنوسين. هتان بہ ڪوٽ کان ٻاهر جو نظارو تمام خوبصورت آهي. اولهندي ديوار پاسي واري ڏنڊ اُتر پاسي کان هلندي اچي هن اُتر ۾ اوير واريءَ ڳُنبذ تي ختم ٿئي ٿي. هِن ڳُنبذ کان هيٺ ڏنڊ ۾ ان سان گڏ سر سبز زمينون خوبصورت منظر پيش ڪري رهيون آهن. هيءُ منظر بہ ڏاڍو دلڪش ۽ دلفريب محسوس ٿيو. مون



کي هن ڪوٽ جي تعريف ۾ مير علي شير قانع جي ڪتاب ”مڪلي ناما“ ۾ لکيل خوبصورت تشبيهُون ۽ منظر ڪشي ياد اچي ويئي. مير صاحب هن ڪوٽ لاءِ لکي ٿو ”هيٺانهينءَ کان ڪوٽ جا بُرج ڏسجن ٿا تہ اُهي آسمان سان ڳالهيون ڪندي نظر اچن ٿا ۽ ڪوٽ جي ديوارن ۽ بُرجن تان ڪوٽ جي ٻاهران ڏنڊ جو دلڪش نظارو ساوا ساوا باغات جنت جو منظر نظر اچي ٿو.“

مير صاحب هيءَ منظر ڪشي شام جي ٿڌڙي هير لڳندي ۽ چاندوڪين راتين جو ذڪر ڪندي ڪئي آهي جيڪا مون کي 100

في صد صحيح لڳي ٿي. مير صاحب تاريخ فيروز شاهيءَ جي حوالي سان لکيو آهي ”دهليءَ جي شهنشاهه فيروز سنڌ تي ڪاهه ڪئي ته ڪلان ڪوٽ کي ڏسي ۽ اُن کي فتح ڪرڻ مشڪل سمجهي واپس هليو ويو. اُن وقت شهنشاهه فيروز جي لشڪر ۾ نوي هزار (90000) سوار، چار سئو اسي (480) هاٿي، پنج هزار (5000) ٻيڙيون ۽ لکين پيادا شامل هُئا ۽ هن ڪلان ڪوٽ جي اندر سنڌ جي فوج جا ويهه هزار (2000) سُوار ۽ چار لک پيادا سپاهه موجُود هُئا. ڪوٽ جي مضبوطيءَ ۽ اُن ۾ سپاهه جي گنجائش کان سواءِ حاڪمن (ڄامن) ۽ ٻين حڪومتي ڪارندن جون رهائش گاهون به ڪوٽ جي اندر هيون.“(3)

اهي سڀ حوالا ثابت ڪن ٿا ته ڪلان ڪوٽ تمام مضبوط ۽ وسيع ڪوٽ هو. هن وقت به تحقيق ڪندڙ ايراضيءَ جي لحاظ کان رني ڪوٽ کان پوءِ ٻيو نمبر سنڌ جو وڏو ڪوٽ هن کي قرار ڏين ٿا. هن ڪوٽ جي برجن جو تعداد 58 ليکيو وڃي ٿو جيڪي هاڻي ته نظر نه ٿا اچن پر برجن جو اهو تعداد ڪوٽ جي مضبوطيءَ جو واضح مثال آهي. ٻيو ته هن ڪوٽ کي اُتر کان وڏيڪ مضبوط بڻائڻ لاءِ وڏيڪ برج ۽ ٻي دفاعي ديوار به ڏنل هُئي. ان کان سواءِ ڪوٽ جي ٻاهران جنهن پاسي کان ڍنڍ نه هُئي اُن پاسي کان ڪوٽ جي حفاظت لاءِ کاهيون کوٽيل هيون. اهي سڀ حفاظتي قدم ثابت ڪن ٿا ته هيءُ ڪوٽ تمام قديم هئڻ سان گڏو گڏ انتهائي حڪمت عمليءَ سان ٺهيو ويو هو جيڪو سنڌ جي تاريخي اڏاوت جو هڪ عظيم شاهڪار ۽ مثالي ڪوٽ هئو.

راجا ڏاهر جي وقت ۾ ديبل جو ڪوٽ سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ هئو

پر ڪلان ڪوٽ راجا ڏاهر جي حڪُومت کان اڳ جو تعمير ٿيل آهي. هن ڪوٽ جي اڏاوت تمام پُراڻي آهي ۽ ٻہ پيرا ڊهي وڃڻ کان پوءِ هِن کي وري ٺاهيو ويو. [4] ديبل جي اُجڙڻ کان پوءِ سمن جي دور ۾ سمان



ننگر / سموئي / ٺٽو سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ بڻيا ۽ سنڌ تي ڪلهوڙن جي دور تائين ٺٽو ئي سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ رهيو ۽ ڪلان ڪوٽ ۾ ٺٽي جي هر حاڪم هر ڏُکئي دور ۾ پناهہ ورتي هُئي. اوائلي دور کان پوءِ سمن ڄامن، ارغونن، ترخانن ۽ مُغلن جي دورن تائين هيءُ ڪوٽ مُختلف نالن سان سڏيو ويو. هن کي ڪڏهن ڪلان ڪوٽ ۽ ڪڏهن ڪلياڻ ڪوٽ چيو ويو تہ ڪن وري هِن کي تُغرل آباد ۽ تُغلق آباد بہ نالو ڏنو. راجا ڏاهر واري دور کان اڳ جي ٺهيل هن ڪوٽ کي ڊهي وڃڻ کان پوءِ وري سمن پنهنجي دور ۾ ٺهرايو ۽ ترخانن بہ هن ڪوٽ جي

مرمت ڪرائي ۽ مغلن جي دور کان پوءِ هيءُ زبون ٿيندو ويو ۽ اڄ مٿيءَ ۽ سِرن جي ڍير جي شڪل ۾ موجُود آهي. ڪُجهه سال اڳ قبضا گيرن هن تاريخي ماڳ تي به وڃي قبضو ڪيو ۽ پوءِ ڪوٽ اُنهن کان خالي ڪرايو ويو پر اهي قبضا گير جيترو وقت به اُتي ويٺا ته اُنهن هن تاريخي ماڳ کي تمام گهڻو نُقصان ڏنو. ڪوٽ جون پڪيون سرون پٽي پنهنجا گهر پيا ٺاهين. ٻيو ته ڪوٽ اندر پوليس ٽريننگ لاءِ فائرنگ رينج به ٺاهي ويئي آهي جنهن لاءِ ڪوٽ جي هڪ پاسي ديوار جي ڏڙن کي وڏيڪ مٿي چاڙهي اُوچو ڪيو ويو آهي.

هن دور ۾ جنهن ۾ تاريخي ماڳن جي بچاءَ لاءِ ڌار وزارتون آهن اُن جي هوندي به اسان جي تاريخي ماڳن جو اهو حال آهي ته انهن جي ديوارن جي صفائي ڪرائي انهن کي ظاهر ڪرڻ بدران بلڊوزرن سان انهن مٿان مٽي چاڙهي چست پڪي ڪرڻ جو ڪم ورتو وڃي ٿو.

انهن اهم تاريخي ماڳن کان سواءِ به مڪلي ٽڪريءَ تي ڪئي تاريخي نشانيون وکريون پيون آهن. هتي سنڌ جي 600 سالن جي تاريخ دفن آهي. ان تي تحقيق ٿيڻ گهُرجي ۽ ان کي اُجاگر ڪرڻ جي ضرورت آهي.

(روزانه عوامي آواز سنڌي ميگزين ۾ قسطوار 1 مارچ کان 7 اپريل 2013ع)

حوالا:

(1) مڪلي نامون، صفحو 686

(2) مڪلي نامون، صفحو 685

(3) مڪلي نامون، صفحو 35

(4) سنڌ جا ڪوٽ ۽ قلعا، صفحو 188

# صوفيءِ شاهه عنايت شهيد



سنڌ ڌرتي صوفي درويشن ۽ روحاني رهبرن جي درگاهن سان ڀري پئي آهي. صوفي درويشن پنهنجي پنهنجي وقت ۾ تصوف جي فلسفي کي روشناس ڪرايو آهي. هنن تصوف جي نظريي موجب حق ۽ انصاف لاءِ آواز پئي اُٿاريو آهي. مذهبي ڪٽرپڻي ۽ فرقيواريت کان پاسو ڪرڻ ۽ انساني برابريءَ جو ڏس ڏيندي امن، ڀائيچاري ۽ آجپي لاءِ جدوجهد ڪئي اٿن.

تاريخ ۾ سنڌ جي صُوفين جي سرتاج صُوفي شاهه عنايت شهيد جو اهم ڪردار آهي، جنهن سنڌ ۽ هند جي صوفين کي گڏ ڪري هاري ۽ پورهيت کي حق ڏيارڻ لاءِ ”جو کيڙي سو کائي“ جي نظام واري فلسفي جو بُنياد وڌو. هُن جي ئي فلسفي جي بُنياد تي يورپ جي ڏاهن

www.sindhsalamat.com

”سوشلسٽ“ نظام جو بُنياد رکيو.

شهيد شاهه عنايت هڪ اهم انقلابي اڳواڻ هئو. جنهن پورهيت ۽ هاريءَ جي زمين تي مالڪيءَ جي حق، خوشحاليءَ ۽ برابريءَ جي نظريي کي عام ڪرڻ ۽ اُن تي عمل ڪرائڻ جي ڏوهه ۾ اُن وقت جي هندستان جي مغل شهنشاهه ۽ اُن جي ڏن ڀرُو سنڌ جي ڪلهوڙن حُڪمرانن جي هٿان شهادت ماڻي. سنڌ جي هن سورمي جي پيدائش 1065هه بمُطابق 1655ع ۾ مُلتان ۾ ٿي. مُلتان اُن وقت سنڌ جو حصو هئو. صوفي شاهه عنايت کي سنڌ جي تاريخ ۾ لانگاهه لکيو ويو آهي ۽ سندس نسبت جو سلسلو مخدوم صدرالدين کان شروع ڪيو وڃي ٿو ۽ ٻيو خيال هي به آهي ته شاهه عنايت جو شُجرو حضرت امام حُسين رضه جي پٽ حسن مثنيٰ کان شروع ٿئي ٿو ۽ اُن جي شُجري کي اُچ شريف جا جيلاني پاڻ ڏانهن منسوب ڪن ٿا.[1]

صوفي شاهه عنايت دهليءَ ۾ رهي تعليم پرائي. اُن وقت اورنگزيب مُغل هندستان جو شهنشاهه هو. دهلي هندستان جي گاديءَ جو هنڌ هُئي ان ڪري شاهه عنايت تعليم سان گڏو گڏ حڪومتي حڪمت عملين ۽ مُلڪي حالتن جو مُطالعو به ڪيو. خاص طور تي مرڪز پاران سنڌ جي لُٽ مار ۽ پنهنجي حاڪميت جو ڏاڪو جمائڻ لاءِ سنڌ جي عوام سان ظلم ۽ ڏاڍ جي پروڙ ڪري اُن وقت مُغل سلطنت جي ايندڙ زوال کي پرکيندي پنهنجي اُستاد محترم سيد عبدالملڪ کان سنڌ وطن وڃڻ جي اجازت گهُريائين. سندس اُستاد کيس خوش دليءَ سان اجازت ڏني ۽ کيس صوفياڻي خلعت سان گڏ هڪ تلوار به ڏني ۽ چيائين تون منهنجو هڪ ذهين شاگرد آهين ۽

تنهنجي اندر مظلوم ۽ مسڪين انسانن لاءِ ڪُجهہ ڪرڻ جي لوچ آهي. ان ڪي ڏسندي تو ڪي هيءَ تلوار ڏئي رهيو آهيان.

صُوفي صاحب جڏهن سنڌ ڏانهن سفر شروع ڪيو تہ ڪافي تعداد ۾ سندس مريدن گڏ هلڻ لاءِ چيو پر پاڻ وڏي ميڙ ڪان پاسو ڪندي 500 فقيرن ڪي ساڻ وٺي سنڌ پهتو ۽ سنڌ جي مختلف علائقن مان گذرندي ۽ تصوف جي پرچار ڪندي سنڌ جي اُن وقت جي گاديءَ واري شهر ٺٽي ۾ اچي رهائش اختيار ڪيائين. صوفي شاهہ عنايت وٽ سنڌ ۽ هند جي مختلف علائقن مان ماڻهو ايندا رهيا ۽ سندس پوئلڳ بڻجندا رهيا. ائين صوفي ازم جو پيغام سڄيءَ سنڌ ۾ ڦهلجي ويو. ٺٽي ۾ شاهہ لطيف بہ شاهہ عنايت سان ملاقاتون ڪيون.

اُن وقت سنڌ جون حالتون تمام خراب هيون. مرڪزي ۽ صوبائي حاڪمن ۽ سندن چاڙتن جي عوام سان انتهائي بدسلوڪي، ڏاڍ ۽ ڦر لٽ وارو دؤر هلي رهيو هيو. ان ڪري صوفي ازم جي پرچار، برابريءَ ۽ ڀائيچاري جي درس سنڌ جي ڏُکايل ۽ ٻُڪايل عوام ۾ هڪ نئين اُميد پيدا ڪئي. هونءَ بہ جڏهن ۽ جتي بہ ظلم ۽ ڏاڍ وڌي ويندو آهي تہ اُن علائقي يا مُلڪ جا ماڻهو مجبُور ٿي ظلم خلاف آواز اُٿاريندا آهن ۽ پاڻ کي آزاد ڪرائڻ لاءِ ميدان تي نڪري ايندا آهن. ان سوچ ڪي سمجهندي صوفي شاهہ عنايت ٺٽي ڪان ٻاهر نڪري تڏهوڪي ميران پور ۽ هاڻوڪي جهوڪ شريف ۾ اچي پنهنجي فقيرن سميت اچي رهائش اختيار ڪئي. اُتي ”جو ڪيڙي سو کائي“ جي نظام ڪي عملي جامو پهرائڻ لاءِ زمين گڏجي آباد ڪئي ۽ اُن جي آمدني سيني ۾ برابر ورهائڻ جو بنياد رکيو ويو. ان نظام جو ٻُڌي پري پري ڪان هاري

پورهيت جهوڪ شريف اچڻ لڳا ۽ هِن پرڳڻي تي آزاديءَ ۽ خوشحاليءَ جو خواب ساپيان ٿيڻ لڳو. سنڌ جي حُڪمرانن ۽ مُغل شهنشاهه جي استحصالي قوتن ان انساني برابريءَ واري نظام جي مُخالفت ڪندي ان کي ختم ڪرڻ جا سانباها شروع ڪيا.

هيءُ اهو دؤر هئو جڏهن هڪ طرف ته سنڌ جي هن علائقي ۾ ڏُڪار پيل هو ته ٻئي پاسي حڪمرانن جي ظلم ۽ ڏاڍ جي به انتها هُئي. عام ماڻهن کي ڪاڻڻ لاءِ ڪُجهه به ڪو نه هئو ۽ دانهن ٻُڌڻ وارو به ڪو نه هئو. بربريت واري اهڙي دور ۾ شاهه عنايت جو فلسفو ۽ اُن تي عمل ڪرڻ جي واڪاڻ سڄيءَ سنڌ ۾ ٿي وئي ۽ جهوڪ ”ميران پور“ ۾ ٻُکن ۽ ڏُکن جا ستايل ماڻهو ايندا رهيا ۽ ” جو کيڙي سو کائي“ واري نظام مان فيضياب ٿيندا رهيا. هِن نظام هيٺ سڀني کي برابريءَ جي بُنياد تي عزت به ملي رهي هُئي ته مال به برابريءَ جي بُنياد تي ملي رهيو هو. ان ڪري فطري طور هنن ۾ آزاديءَ ۽ خوشحاليءَ جو احساس ٿيڻ لڳو ۽  صوفي فقير وقت جي حُڪمرانن کان پاڻ کي آزاد سمجهن پيا، جيڪا ڳالهه حڪومت جي ڪارندن کان برداشت نه پئي ٿي ۽ هُنن گورنر لُطف عليءَ کي صوفين کي سيکت ڏيڻ لاءِ اُڪسايو. پوءِ پير واسع، حمل جت ۽ نور محمد پليجي جي اڳواڻيءَ ۾ وڏي تعداد ۾ لشڪر اچي هڪ رات جي اونداهيءَ ۾ سارو ڏينهن پورهيو ڪري سُتل صوفي فقيرن تي حملو ڪري ڏنو. صوفين کي وهم گُمان به نه هو ته ائين اوچتي سَوَن جي تعداد ۾ هٿياربند مٿن حملو ڪندا. ان ڪري هُنن بي هٿيار ۽ سُتل ماڻهن تي ڄڻ قيامت ڪڙڪي پئي. ڪُجهه ئي دير ۾ ”ميران پور“ جي ماڻهن جي مال متاع

جي لٽ مار سان گڏو گڏ 30 کان 35 ماڻهن کي قتل به ڪيو ويو. هِن حملي تي صوفي فقيرن ۾ وڏو تاءُ پيدا ٿيو پر شاهه عنايت پنهنجي عقل ۽ فهم جي بُنياد تي اها ڳالهه سمجهي ٿي ته دُشمن اسان کي اشتعال ڏياري اسان جي طاقت ۽ تنظيم جو اندازو ڪرڻ لاءِ هيءُ حملو ڪيو آهي. سو هُن فقيرن کي ٿڌو ڪيو ۽ فيصلو ڪري صوفين جو هڪ وفد سنڌ جي گورنر کي هن راتاهي ۾ قتل ٿيل ۽ ڦر لٽ جي دانهن ڏيڻ لاءِ موڪليو پر گورنر لُطف عليءَ وفد جي ڳالهين کي ٻُڌو اڻ ٻُڌو ڪري کين باغي ۽ شرارتي چيو ۽ حڪومت خلاف انتشار ۽ ڏڦيڙ پيدا ڪرڻ وارين ڪاررواين کي بند ڪرڻ جي تنبيهه ڪندي کين واپس موڪلي ڇڏيائين.

گورنر جي هن اُبتي انصاف جي دانهن دهليءَ جي شهنشاهه کي پُڄائڻ لاءِ صُوفي شاهه عنايت هڪ وفد ناهي دهليءَ ڏانهن اُماڻيو ۽ دهليءَ ۾ پنهنجي دوستن ڏانهن خط به لکي ڏنو ته سنڌ ۾ صوفين سان ٿيل ظلم بابت هن وفد سان گڏ وڃي شهنشاهه کي آگاهه ڪن. هُنن ائين ئي ڪيو ۽ شاهه عنايت جي دوستن جو دهليءَ جي شهر ۾ خاص اثر هئو جنهن ڪري هي دهليءَ جي درٻار ۾ پهتا جتي هُنن مُغل شهنشاهه فرخ سير کي دانهن پهچائي. هن عمل جو مُغل شهنشاهه فرخ سير تي وڏو اثر پيو ۽ هُن سنڌ جي گورنر کي لکيو ته پير واسع، حمل جت ۽ نور محمد پليجي وارن جي زمين جا ڪُجهه ٽُڪرا مقتولن جي وارثن کي خون بها طور ڏنا وڃن ۽ زمينن تان ڍَل به نه ورتي وڃي. هيءُ حُڪم نامو جڏهن سنڌ جي گورنر وٽ پهتو ته اها ڳالهه هُن کي ۽ هُن جي درٻاري وڏيرن کي پنهنجي بي عزتي محسوس ٿي پر شهنشاهه جو

حڪم هئو ان تي ڪين عمل ڪرڻو پيو.

انهيءَ عرصي دوران سڄيءَ سنڌ مان صوفين جي حوصلي افزائيءَ لاءِ ماڻهو جهوڪ اچڻ لڳا ۽ پنهنجي جاني ۽ مالي قربانيءَ لاءِ پاڻ کي صوفي شاهه عنايت سامهون پيش ڪندا رهيا. نتيجي ۾ صُوفين جي تحريڪ وڏيڪ طاقتور ٿي وئي. پير ۽ وڏيرا پاڻ کي ڪمزور ٿيندو ڏِسي سنڌ جي حاڪم يار محمد ڪلهوڙي کي وڃي دانهين ٿيا ته صوفي حڪومت جي اندر پنهنجي حڪومت ٺاهيون ويٺا آهن ۽ اها اوهان جي حڪُومت خلاف سازش آهي. ان کي ڪچليو وڃي. يار محمد ڪلهوڙي ڪين تسلي ڏئي اها ڳالهه مُغل شهنشاهه تائين پهچائي ۽ سنڌ جو گورنر بہ تبديل ٿيو ۽ نئون گورنر نواب اعظم خان 1128هه ۾ مُقرر ٿيو. نواب اعظم خان يار محمد ڪلهوڙي جو دوست هئڻ سان گڏ شهنشاهه فرخ سير جو بہ خاص ماڻهو هئو ۽ هي سڀ صوفين جا مُخالف هُئا ۽ اُنهن کي ختم ڪرڻ لاءِ حڪمت عملي جوڙڻ شروع ڪيائون ۽ جنگ جي تياري ٿي وئي. توپن ۽ ٻئي ڳري جنگي سامان تي ٻڌل ميرن، پيرن، جاگيردارن ۽ مُغلن جو تمام وڏو لشڪر سپهه سالار گورنر نواب اعظم خان، ميان يار محمد ڪلهوڙي ۽ مير شهداد خان ٽالپر جي اڳواڻيءَ ۾ صوفين کي ڪُچلڻ لاءِ اُسهيو. هنن 1129هه بمُطابق 1717ع ۾ ذوالقعد جي مهيني ۾ جهوڪ ميران پور جو گهيرو ڪيو. ميران پور جي صوفين شهر جي ٻاهران هڪ وڏي کاهي کوٽي ڇڏي، جنهن ڪري لشڪر هڪ دم شهر ۾ داخل ٿي نہ سگهيو. هيءَ جنگ تاريخ 18هين ذوالقعد 1129هه بمُطابق 13هين آڪٽوبر 1717ع کان شروع ٿي ۽ ٽي مهينا جاري رهي[2] جنهن ۾

هڪ طرف وڏو ۽ تربيت يافته لشڪر ۽ ٻئي طرف عام هٿيارن سان سنڌ جا صوفي فقير هُئا تنهن ڪري شاهه عنايت پنهنجي فقيرن کي رات جو مُغل فوج تي ڇاپا هڻڻ جي حڪمت عملي ڏني جنهن ۾ شاهي فوج جو تمام گهڻو نُقصان ٿيندو رهيو. هڪ رات صوفي فقيرن شاهي لشڪر تي راتاهو هنيو. يار محمد ڪلهوڙي ۽ گورنر نواب اعظم جي خيمن تائين وڃي پهتا، جنهن ڪري شاهي سالارن کي پاڻ دوبدو وڙهڻو پئجي ويو ۽ پنهنجي جان بچاياءُون. هن وڏي لشڪر تي پنهنجي سرسي ڏسندي هڪ صوفي فقير جوش ۾ اچي نعرا هنيا ۽ هنن نعرن هڻڻ ڪري هو ظاهر ٿي پيا ۽ شاهي لشڪر کين گهيري ۾ آڻي ڇڏيو ۽ پوءِ صوفي فقيرن جو به وڏو نقصان ٿيو.

شاهي فوج جنهن جو اڳ ۾ تمام وڏو نقصان ٿي چُڪو هو تنهن ڪري شاهي فوج جي اڳواڻن هڪ سازش تيار ڪئي ته صُوفي شاهه عنايت کي پاڻ وٽ گهُرائجي ۽ پوءِ جهوڪ تي ڀرپُور حملو ڪري شهر تي قبضو ڪجي. اِن سازش هيٺ مير شهداد خان ويهن پنجويهن سپاهين کي اڇا جهنڊا ڪڻائي ۽ پاڻ قرآن شريف هٿن تي کڻي اچي شهر ٻاهران ڪوٽيل ڪاهيءَ تي پهتو ۽ وڏي واڪي امن ۽ صُلح جا سڏ ڏيڻ لڳو. هن عمل تي صوفي شاهه عنايت پاڻ وٽ ويٺل صوفي فقيرن سان صلاح ڪئي ته صُلح لاءِ ڳالهيون ڪجن يا نه؟ ٻنهي راين کان پوءِ صُلح جي حق ۾ فيصلو ڪياءُون ۽ صُلح لاءِ ايندڙ وفد کي پاڻ وٽ گهُراياءُون. مير شهداد خان ۽ سندس ساٿي جڏهن شاهه عنايت وٽ پهتا ته مير شهداد خان کي قُرآن پاڪ هٿن تي هيو ۽ شاهه عنايت آڏو نيازمنديءَ سان عرض ڪيائين ته گورنر اعظم خان

بيمار آهي ۽ ميان يار محمد ڪلهوڙي جو پُٽ دائود خان بہ سخت زخمي آهي جنهن ڪري اُهي هتي اچي نہ ٿا سگهن. اوهان مهرباني ڪري گورنر اعظم خان جي خيمي تائين هلو. هِن جنگ ۾ خلقِ خُدا مارجي رهي آهي. اوهان هلي هِن جنگ کي هميشہ لاءِ ختم ڪريو. صوفي شاهہ عنايت قرآن شريف ۽ سندس ڳالهہ تي اعتبار ڪندي هلي ڳالهيون ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. صفر مهيني جي 9 تاريخ 1130هہ ۽ پهرين جنوري 1718ع هُئي جڏهن صوفي شاهہ عنايت پنهنجي ننڍي ڀاءُ رحمت الله، سندس پُٽ ميان محمد يوسف، قاسم پنهور، سبوءَ پنهور ۽ ٻين 10 ساٿين جو وفد وٺي صُلح لاءِ روانو ٿيو.[3] جنهن تي سيني صوفي فقيرن گڏ هلڻ لاءِ عرض ڪيو پر جيئن تہ هي صوفين جي سپريم ڪائونسل جو فيصلو هئو، ان ڪري ٻين ساٿين کي سختيءَ سان منع ڪيو ويو.

صوفي شاهہ عنايت جو وفد گورنر نواب اعظم خان جي خيمي وٽ پهتو تہ هٿياربند سپاهين جي دستي هنن هٿين خالي مهمانن کي اچي هٿڪڙيون وڌيون ۽ صوفي شاهہ عنايت کي قيد تنها ۾ رکيو ويو ۽ سندس ڀاءُ ۽ ڀائٽئي کي الڳ قيد ڪري باقي قاسم پنهور ۽ سبوءَ پنهور سميت 12 صوفين کي شهيد ڪيو ويو. هيءَ ماجرا جڏهن صوفين تائين پهتي تہ هُنن پروڙي ورتو تہ هاڻي دُشمن جلد ميران پور تي حملو ڪندا. جنهن کي مُنهن ڏيڻ لاءِ صوفي شاهہ عنايت جي فرزند عزيز الله شاهہ جي اڳواڻيءَ ۾ صوفين جي اعليٰ ڪائونسل جي گڏجاڻي گهُرائي وئي. هيءَ گڏجاڻي ٻي جنوريءَ تي شام 5 وڳي کان شروع ٿي ٽين جنوري صُبح تائين هلندي رهي، جنهن ۾ صوفي

فلسفي، عزت، آزاديءَ، ننگن ۽ ڏنگن جي حفاظت لاءِ آخري دم تائين وڙهڻ جي حڪمت عملي تيار ڪئي وئي.

هوڏانهن ٻي جنوريءَ تي صُوفي شاهه عنايت کي گورنر اعظم خان آڏو پيش ڪيو ويو. جتي ٻيا حاڪم به موجود هُئا. اُتي شاهه عنايت کان گورنر نواب اعظم خان ڪئي سوال ڪيا، جن جا صُوفي صاحب وڏيءَ ڏاهپ ۽ بهادريءَ سان جواب ڏنا. هنن سوالن ۽ جوابن جو هڪ وڏو سلسلو آهي جيڪو هتي سڄو ته نه ٿو ڏئي سگهجي پر انهن مان روايت ڪيل ڪُجهه خاص سوال جواب هي هُئا.

نواب اعظم خان: آخر تو اها شورش ڇو برپا ڪئي؟

شاهه عنايت: جنهن ڏينهن خُدا تعاليٰ آسمان کي گردش جو حُڪم ڏنو ۽ ستارن جي جهرمٽ سان ان کي سينگاريو اُنهيءَ ڏينهن خُدا منهنجي نصيب ۾ ائين ئي لکي ڇڏيو. ان ۾ منهنجو ڪهڙو ڏوهه آهي؟

ان جواب تي گورنر جي واقعي نويس ۽ شاعر محمد رضا شاهه چيو ته دوست سُڃاڻ تي بيهه! هيءَ موت جي جڳهه آهي! بيهُودو لفظ نه ڳالهاءِ! هتي حساب ڏيڻ جي جاءِ آهي!

شاهه عنايت: مُنهنجو نيڪ ناميءَ واري گهٽيءَ مان گُذر نه ٿيو آهي! جيڪڏهن تو کي ڳالهه نه ٿي وڻي ته قضا جو قانون بدلائي ڇڏ!

نواب اعظم خان: ٺيڪ آهي ته پوءِ مُصيبت لاءِ تيار ٿي وڃ! تون پاڻ کي بدنام ڪري مُصيبت جي تير جو ڇو ٿو نشانو بڻجين؟

شاهه عنايت: عاشق جو ڪهڙو وس جو ملامت جو بار ڪٽي؟ موت جي تير کان بچاءَ جي ڍال ڪنهن به بهادر وٽ نه آهي!

يار محمد ڪلهوڙو: پوءِ تيار ٿيءُ مرڻ لاءِ!

اُن ڪان پوءِ صوفي شاهه عنايت کي جيل ۾ بند ڪيو ويو ۽ اُتي وڃي ڪڏهن گورنر اعظم خان ۽ ڪڏهن يار محمد ڪلهوڙو ساڻس مُلاقات ڪري کيس ڏهڪاءَ ۽ ڏپ ڏيندا هُئا. لوڀ ۽ لالچ ڏئي کيس حق ۽ سچ جي راهه تان هٽائڻ جي ڪوشش پڻ ڪندا رهيا. هڪ ڀيري گورنر اعظم صُوفي شاهه عنايت کي چيو تنهنجا ساٿي روز جنگ ۾ مري رهيا آهن. اُنهن کي چئو ته هٿيار ڦِٽا ڪن جنهن تي شاهه عنايت وراڻيو مان هڪ قيدي آهيان، هو آزاد آهن، هو آزاد رهي پنهنجي نفعي نُقصان کي سمجهي صحيح فيصلو ڪري سگهن ٿا. اهڙن جوابن ڪان پوءِ شاهه عنايت کي شهيد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو.

15هين صفر 1130هه بمُطابق 8 جنوري 1718ع تي حُڪمرانن جي خيمن جي چوڪسي وڌائي وئي ۽ هڪ ميدان به صاف ڪرايو ويو جتي صوفي شاهه عنايت کي اجا به ڪمزور ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ۽ سندس سامهون سندس ياءُ ۽ يائٽئي کي قتل ڪرڻ جو حُڪم ڏنو ويو ۽ صوفي شاهه عنايت کي پنهنجي نظريي تان هٽ ڪڻ لاءِ چيو ويو پر شاهه عنايت پنهنجي ياءُ ۽ يائٽئي کي چيو ته ڪُسڻ کان نه ڊڄو مقتل ۾ ڪمزور ۽ هيٺا نه پر حق ۽ سچ جا عاشق سر ڏيندا آهن، جنهن ڪان پوءِ جلادن ٻنهي پيءُ ۽ پُٽ کي شهيد ڪري ڇڏيو(4) جنهن لاءِ شاهه لطيف چيو آهي:

دوست ڪُهائي دادلا، مُحب مارائي
خاص خليلن کي سختيون سهائي
الله صمد بي نياز جا ڪري سا چاهي
انهين منجهه آهي، ڪا اونهي ڳالهه اسرار جي.

(شاهہ لطيف)

ان کان پوءِ صوفين جي سرتاج گيڙو ويس واري انسانيت جي برابريءَ جو درس ڏيڻ واري جديد صوفي نظريي جي باني ”جو کيڙي سو کائي“ جي نظام جي خالق، آزاديءَ جي علمبردار صوفي شاهہ عنايت کي مقتل جي اَڏيءَ تي آندو ويو تہ هن حق سچ جي علمبردار انساني برابريءَ واري نظام لاءِ پنهنجو ڪنڌ اڏيءَ تي آڻڻ کان پهريان جلاد جي هٿ ۾ پنهنجي اُستاد کان مليل تلوار ڏني ۽ جلاد کي پنهنجي پاران ڪُجهہ سڪا ڏئي چيو تہ هيءَ تنهنجي مزدوري آهي. تون مون کي هستيءَ جي قيد مان آزاد ڪرائين ٿو الله تو کي ان خير جو بدلو ڏيندو ۽ پوءِ سندس اُستاد کان تحفي ۾ مليل تلوار جيڪا ڪيس گرفتار ڪرڻ مهل ضبط ڪئي وئي هُئي اُنهيءَ ئي تلوار سان هِن مُحبِ وطن، قوم پرست، نئين سماجي نظام جي پيڙهہ رکندڙ انسانيت، آزاديءَ، مساوات ۽ تصوف جي مُدرس سنڌ جي سورهيہ کي قسم ۽ قرآن جا واسطا ڏيئي ڏوڪي سان پاڻ وٽ گهرائي شهيد ڪيو ويو ۽ سندس سِر هندستان جي شهنشاهہ فرخ سير جي دربار ۾ موڪليو ويو.

شاهہ عنايت جي شهادت جي خبر جهوڪ ميران پور پهچائي وئي ۽ صوفين کي هٿيار ڦٽا ڪرڻ لاءِ چيو ويو پر صوفي فقيرن شاهہ عنايت کان سواءِ جيئڻ فضول ٿي سمجهيو ۽ هو فدائين جيان دُشمن جي لشڪر تي ڪڙڪي پيا. ان صورتحال کي ڏسي شاهي لشڪر هڪ وڏو حملو ڪري ڏنو. شهر جي قلعي کي توبن سان مُسمار ڪيو ويو، شهر کي باهہ ڏني وئي، صوفين جا مڪتب ۽ لائبريريون ساڙيون

ويون. سڀ صوفي فقير وڙهندي وڙهندي شهيد ٿي ويا. شاهي لشڪر صُوفين جي شهر کي تاراج ڪرڻ بعد ڏينهن تائين جاري رکيو ۽ هيءُ سڄو شهر کنڊرن ۾ رَک ۾ مَتجي ويو. هيءَ جنگ جيڪا 4 مهينا جاري رهي اُن ۾ اٽڪل پنجويهہ هزار (25000) صوفي فقير شهيد ٿيا جن کي اجتماعي قبرون کوٽي انهن ۾ دفن ڪيو ويو. اِنهن اجتماعي قبرن کي هاڻي ”گنج شهيدان“ سڏيو وڃي ٿو جيڪي شهيد شاهہ عنايت جي مقبري پر سان موجُود آهن.[5]

حق ۽ سچ جا سفير سنڌ جا هي سيئي صوفي فقير وڙهندي وڙهندي سر گهوري سورهيہ ٿيا. هيءَ جنگ صرف هن علائقي يا سنڌ جي حاڪميت لاءِ نہ هُئي بلڪِ هيءَ جنگ پُوري برِ صغير ۽ اُن کان پوءِ پُوري دُنيا جي سامراجي قوتن خلاف جنگ هُئي. جيڪڏهن هِن جنگ ۾ صوفي شاهہ عنايت جا صوفي فقير سوڀارا ٿين ها تہ سنڌ ۾ هارين کي زمين تي مالڪيءَ جو حق ملي وڃي ها ۽ اهو انقلاب ۽ نعرو دُنيا جي ڪُنڊ ڪڙڇ تائين ڦهلجي وڃي ها ۽ دُنيا ۾ رائج اڻ برابريءَ کي ختم ڪري معاشي خوشحاليءَ جو سبب بڻجي ها.

هر سال اڄ بہ 17هين صفر تي صوفي شاهہ عنايت جو ميلو ”جهوڪ شريف“ ۾ لڳندو آهي جنهن ۾ هند ۽ سنڌ جا صوفي سندس ڏنل درس کي صوفياڻي راڳ ذريعي ڦهلائڻ جي روايت کي جاري رکيو اچن پيا پر عام ماڻهن کي خبر نہ آهي تہ صوفي شاهہ عنايت معصوم ۽ مظلوم ماڻهن کي آزادي، خوشحالي، عزت ۽ برابري ڏيارڻ لاءِ هڪ مُنظم انقلابي جدوجهد ڪئي، حق ۽ انصاف لاءِ جنگ ڪري صوفياڻي فلسفي ۾ ”مجاهدو“ ڪرڻ جو نئون دڳ ڏنو.

سنڌ جي هن سورهيہ جي فڪر، فلسفي، جدوجهد ۽ ساٿين سميت شهادت جهڙي قرباني ڏيڻ واري جذبي کي روشناس ڪرائڻ جي ضرورت آهي تہ جيئن عام ماڻهن کي خبر پوي تہ صوفي شاھہ عنايت سنڌ جي تاريخ جو اهم ڪردار آهي، جنهن روحانيت سان گڏ حق ۽ انصاف لاءِ هڪ وڏي تحريڪ هلائي. برابريءَ ۽ جمهوريت کي عملي جامو پارائڻ واري هن انقلابي اڳواڻ کي ڪيئن ڌوکي سان شهيد ڪري ظالماڻي ۽ جاگيرداراڻي نظام جي مخالف تحريڪ کي ڪُچليو ويو؟ صوفي شاھہ عنايت جي انقلابي پاسي کي جاڻي واڻي اونداهيءَ ۾ رکيو ويو آهي جو تہ اڄ بہ سنڌ سامراجيت جي چڪيءَ ۾ پيسجي رهي آهي ۽ غريب عوام اڄ بہ حق ۽ انصاف لاءِ پُڪاري رهيو آهي. اڄ بہ سنڌ کي مهانگائيءَ ۽ بيروزگاريءَ جي گهاڻي ۾ پيڙهيو وڃي ٿو. ضروري آهي تہ صوفي شاھہ عنايت جي فلسفي، عمل ۽ ڪردار تي سيمينار ڪرايا وڃن تہ جيئن سندس تحريڪ ۽ قربانيءَ جو مقصد بہ عوام اڳيان آڻي سگهجي ۽ مذهبي ڪٽرپڻي ۽ رجعت پسنديءَ جي آيل طوفان کي بہ روڪي سگهجي.

(روزانہ برسات 2 فيبروري 2010ع)

حوالا:

(1) ڪتاب صوفي شاھہ عنايت شهيد، صفحو 14، ليکڪ صوفي حضور بخش
(2) ڪتاب صوفي شاھہ عنايت شهيد، صفحو 139
(3) ڪتاب صوفي شاھہ عنايت شهيد، صفحو 160
(4) ڪتاب صوفي شاھہ عنايت شهيد، صفحو 169، 170
(5) ڪتاب صوفي شاھہ عنايت شهيد، صفحو 175

www.sindhsalamat.com

# دولهه دريا خان



سنڌ ڌرتيءَ هميشه جوڌن، جوانن، بهادرن ۽ سرويچن کي جنم ڏنو آهي جن ۾ ڪيئي اهڙا نالا آهن جيڪي تاريخي ڪردار بڻجي ويا آهن. سنڌ جي جن تاريخي ڪردارن انتهائي جُرئت ۽ بهادريءَ سان سنڌ وطن جي حفاظت ڪندي پنهنجي جان جو نذرانو ڏيئي ڌرتيءَ جي سينڌ سنواري آهي اُنهن شهيدن کي سنڌ جي سورمن جي نالي سان ياد ڪيو ويجي ٿو. دولهه دريا خان به سنڌ جي انهن سورمن مان هڪ سورمو ۽ سنڌ جي تاريخ جو هڪ اهم ڪردار آهي جيڪو سنڌ جي ”سمان“ خاندان جي حُڪمرانيءَ جي دؤر ۾ ڄام نظام الدين جو وزيراعظم ۽ سپهه سالار هئو. دولهه دريا خان جو اصل نالو قبُوليو هئو ۽ سُلطان نظام الدين جي هڪ وزير ”لکمير“ جو ملازم هئو.

چيو وڃي ٿو تہ هڪ ڀيري سُلطان ڄام ننڍو پنهنجي وزير لک مير کي ساڻ ڪري شڪار ڪرڻ لاءِ نڪتو تہ رستي تي پاڻي طلب ڪيائين تہ خاص مُلازم پري هُئڻ سبب قبولي ڄام صاحب لاءِ پاڻي آندو جنهن ۾ ڳڪ پيل هُئا. ڄام صاحب پاران انهيءَ جو سبب پُڇڻ تي چيائين تہ سائين جن کي اُڃ تمام گهڻي لڳي هُئي ۽ جلديءَ ۾ پاڻي پيئڻ سبب اوهان جي طبيعت خراب ٿي پئي سگهي، ان ڪري پاڻيءَ ۾ ڪک وڌم تہ جيئن اوهان آهستي آهستي پاڻي پيئو. ڄام صاحب مردم شناس سُلطان هئو ۽ ڇوڪري جي ڏاهپ ڏِسي کيس پاڻ وٽ مُلازم رکيائين. هيءُ ڇوڪرو ڄام ننڍي جي ويجهڙائپ ۾ تعليم ۽ تربيت حاصل ڪري ترقيءَ جون منزلون طئہ ڪندي سپهہ سالار ۽ وزيراعظم جي عهدي تي فائز ٿيو ۽ کيس سندس ايمانداريءَ، ڏاهپ، وطن پرستيءَ ۽ وفاداريءَ عيوض دولهہ دريا خان، نواب مُبارڪ خان ۽ نواب خان اعظم جي لقبن سان نوازيو ويو. ڄام نظام الدين جو ”فرزند خاص“ بہ سڏيو ويندو هُئس.

سُلطان ڄام نظام الدين عرف ڄام ”ننڍي“ 866هہ بمُطابق 1446ع ۾ سنڌ جي حڪُومت سنڀالي.[1] هُن جي دؤر ۾ موجودهہ سنڌ کان علاوه بهاول پور، سبي، مڪران ۽ ڪڇ وارا علائقا بہ سنڌ ملڪ جو حصو هُئا. پُوري ملڪ کي پرڳڻن ۽ جاگيرن ۾ ورهائي ۽ اُنهن جي حد بندي ڪري اُنهن تي آباد اڪثريتي قبيلن مان نواب مُقرر ڪيا ويا هُئا، جيڪي پنهنجي پنهنجي علائقي جو ڪاروهنوار هلائڻ لاءِ خودمختيار هُوندا هُئا. مطلب تہ پُوري مُلڪ تي سنڌي قوم جو ئي راڄ هئو جنهن ڪري امن امان قائم هئو ۽ پُوري سنڌ خوشحال هُئي. ڄام

www.sindhsalamat.com

نظام الدين جي دؤر ۾ سنڌ جي تهذيب، تمدن، علم ۽ هُنر کي بہ ترقي ملي. ڄام صاحب سمان ننگر ڇڏي سمان ننگر کان 3 ميلن جي فاصلي تي نئون شهر آباد ڪرايو. جنهن ۾ وڏا مدرسا ۽ ڪارخانا ٺهرايائين جنهن ڪري صنعت ۽ واپار کي بہ هٿي ملي ۽ سنڌ وڏيڪ خوشحال ٿي. ان کان سواءِ ڄام نظام الدين دولهہ درياهہ خان جي مشاورت سان سنڌ جي زراعت کي ترقي وٺرائڻ لاءِ 6 عدد ننڍا ۽ وڏا واهہ کوٽائي آبپاشيءَ جي نظام جو بُنياد وڌو. هِن دؤر کي سنڌ جي مُڪمل آزاديءَ ۽ خوشحاليءَ جو سونهري دؤر ليکيو ويجي ٿو.

دولهہ دريا خان جي اڳواڻيءَ ۾ سنڌ جو فوجي نظام بہ منظم ۽ مضبُوط هئو. جنهن ڪري اندروني بدامنين ۽ ٻاهرين حملن کي منهن ٽوڙ جواب ڏنو ويندو هئو. 890هہ بمُطابق 1485ع ۾ شاهہ بيگ ارغون قنڌار کان اچي سبيءَ تي حملو ڪيو.[2] نتيجي ۾ سُلطان ڄام نظام الدين پاران مُقرر ڪيل اُتان جو امير بهادر خان ارغونن هٿان مارجي ويو ۽ شاهہ بيگ ارغون پنهنجي ننڍي ڀاءُ سُلطان محمد مرزا ارغون کي حاڪم مُقرر ڪري واپس قنڌار هليو ويو. ڄام نظام الدين سبيءَ جو علائقو واپس حاصل ڪرڻ لاءِ دولهہ دريا خان جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ شاهي لشڪر مُقابلي لاءِ موڪليو. دولهہ دريا خان ارغونن سان جنگ ڪري سبيءَ تي ٻيهر قبضو حاصل ڪري ورتو. ان جنگ ۾ سُلطان محمد مرزا ارغون مارجي ويو ۽ سندس باقي بچيل لشڪر واپس قنڌار ڀڄي ويو. ڄام نظام الدين جي دؤر ۾ وري ڪڏهن بہ ارغونن سنڌ جو رُخ نہ ڪيو. ارغونن کان هيءَ فتح دولهہ دريا خان جي هڪ وڏي ڪاميابي هُئي ڇو تہ اُن دؤر ۾ ارغون، مُغل ۽ منگول فوجن جي

هند ۽ سنڌ ۾ وڏي هاڪ ويٺل هُئي ڇو تہ هنن فوجن افغانستان، ايران ۽ عراق ۾ خون جون نديون وهائي ۽ انساني کوپڙين جا مُنارا ٺاهي پنهنجي ظلم ۽ بربريت جو ڌاڪو ويهاري رکيو هئو. اهڙي ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ جي ڪري ارغون، مُغل ۽ منگول جنهن بہ علائقي تي حملو ڪندا هُئا اُتان جا رهواسي حملي کان اڳ ئي هُنن جو نالو ٻُڌي پنهنجو علائقو خالي ڪري ويندا هُئا. اهڙن ڌاڪي وارن سان مُنهن مقابل ٿيڻ ۽ جنگ ۾ فتح حاصل ڪرڻ ڪا معمولي ڳالهہ نہ هُئي جنهن ڪري دولهہ دريا خان جي عام توڙي خاص ۾ وڏي ساراهہ ٿي ۽ سنڌ جو عوام ۽ امير سندس وڏي عزت ڪرڻ لڳا. سُلطان ڄام نظام الدين پاران ڪيس جاگير بہ ملي جيڪا موجُودهہ ضلعي دادوءَ ۾ ٺلٽيءَ جي پر سان هُئي. دولهہ دريا خان پنهنجي پُٽن کي هتي رهايو ۽ پاڻ بہ ايندو رهندو هئو. باقي گهڻو وقت حڪُومتي امُور هلائڻ لاءِ ٺٽي ۾ گُذاريدو هئو يا ننڍين وڏين بغاوتن کي مُنهن ڏيڻ لاءِ سرحدي پرڳڻن تي ويندو هئو.

ڄام نظام الدين 914هہ بمُطابق 1508ع تي وفات ڪئي[3] ۽ آخري وقت ۾ دولهہ دريا خان کي پنهنجي پُٽ ڄام فيروز جي پارت ڪيائين. ڄام فيروز سنڌ جي تخت تي ويٺو ۽ سنڌ جي بدقسمتيءَ جو دؤر شروع ٿيو. پهريان تہ ڄام فيروز سان سندس ئي خاندان جي ڄام صلاح الدين اختلاف ڪيو تہ حڪُومت منهنجو حق آهي ۽ تخت تي قبضو ڪيائين پر دولهہ دريا خان ڄام فيروز جي مدد ڪئي ۽ ڪيس ٻيهر تخت تي ويهاريو ويو ۽ ڄام صلاح الدين گُجرات طرف هليو ويو.

عام راءِ اِها آهي تہ ڄام فيروز ناتجربيڪار ۽ خوش آمد پسند ماڻهو هو ۽ حُڪمراني ملڻ سان هُن پنهنجون عياشون وڌائي ڇڏيون هيُون. هُن جي آس پاس خوش آمد ڪندڙ رهڻ لڳا ۽ سندس گهڻو وقت ناچ، گانن ۽ مسخرن جي محفلن ۾ گُذرڻ لڳو جنهن ڪري حڪومتي امُورن تان سندس ڌيان گهٽجندو ويو ۽ شاهي خاندان جي ٻين ماڻهن جا خرچ وڌي ويا ۽ درٻاري ماڻهن بہ فضُول خرچيون ڪرڻ شروع ڪيون جنهن ڪري دولهہ دريا کي ڪجهہ سختي ڪرڻي پئي، جيڪا ڄام فيروز کي ناگوار گُذري. دولهہ درياهہ خان ڄام فيروز سان ڇڪتاڻ وڌائڻ کان پاسو ڪندي وزارتِ اعظميٰ ۽ سپهہ سالاريءَ کان استعيفا ڏئي اچي پنهنجي جاگير تي رهڻ لڳو. جنهن ڪري ڄام فيروز وڏيڪ ڇُڙواڳ ٿي ويو ڇو تہ مٿانئُنس نظرداري ڪرڻ وارو ڪو بہ ڪو نہ رهيو. ڄام فيروز پنهنجي خوش آمدڙين جي چوَڻ تي ارغونن ۽ مُغلن کي مُلازمت ڏني ۽ اُنهن کي رهڻ لاءِ ٺٽي ۾ هڪ الڳ پاڙو ٺهرائي ڏنائين، جنهن کي مُغل پاڙو سڏيو ويندو هئو. ارغونن ۽ مُغلن اندرئين خاني ڄام فيروز جي ڪمزورين ۽ دولهہ دريا خان جي ٺٽي کي ڇڏي وڃڻ جي خبر شاهہ بيگ ارغون کي پهچائي جنهن حملو ڪري اچي سيٽ کان پهريان سبي فتح ڪئي جتي سندس پياءُ مارجي ويو هئو جنهن جو هُن کي وڏو ساڙ ۽ غُصو هئو. هُو اُتي پنهنجي حڪُومت قائم ڪري وري قنڌار موٽي ويو ۽ بار بار اچي سنڌ جي علائقن مان ڦُر لٽ ڪري واپس هليو پئي ويو. اِن صورتحال کان ڄام فيروز لاتعلق ٿيو وينو رهيو. انهيءَ صورتحال کي ڏسي نواب دولهہ درياهہ خان 923هہ بمُطابق 1517ع ۾ سبيءَ تي ڪاهہ ڪري ويو پر اُتي شاهہ

بيگ ارغون موجُود نہ هئو جنهن ڪري دولهہ دريا خان جو مُقابلو ابو محمد مرزا سان ٿيو جيڪو جنگ ۾ مارجي ويو ۽ دولهہ دريا خان لشڪر سميت واپس موٽي آيو ۽ ڄام فيروز کي چيائين سنڌ جي گڏيل فوج ساڻ ڪري هلي ارغونن سان مقابلو ڪجي پر ڄام فيروز ان تي راضي نہ ٿيو ۽ نواب دولهہ دريا خان موٽي اچي پنهنجي جاگير ۾ رهڻ لڳو جنهن بعد شاهہ بيگ ارغون سنڌ تي حملا ڪندي پهريان سکر ۽ پوءِ سيوهڻ فتح ڪيو تہ دولهہ دريا خان وري ڄام فيروز وٽ لنگهي ويو ۽ چيائينس هاڻي تہ شاهہ بيگ ارغون ٺٽي تي ڪاهہ ڪري اچي رهيو آهي. اُن سان مُقابلي لاءِ گڏيل ۽ مُتحد فوج جي ضرورت آهي. ڪيس سنڌ جي سرحدن کان ٽڙي ٻاهر ڪڍيو وڃي پر ڄام فيروز خان دولهہ دريا خان جي ڳالهہ ٻُڌي اڻ ٻُڌي ڪري ڇڏي ۽ نيٺ 926هہ بمُطابق 1519ع تي شاهہ بيگ ارغون سنڌ جي گاديءَ واري شهر ٺٽي جي ٻاهران اچي منزل ڪئي. ٺٽي شهر ۾ ڄام فيروز جا صرف مائٽ ۽ خوش آمدي هُئا، جيڪي جنگ لاءِ تيار نہ هُئا ۽ ڄام صلاح الدين جا مائٽ ۽ دوست جيڪي ڄام فيروز جا مُخالف هُئا اُهي بہ جنگ ڪرڻ لاءِ تيار نہ هُئا.

دولهہ دريا خان لاءِ هڪ رستو هيءُ هو تہ ٻين وانگر ارغونن سان ٺاهہ ڪري ويهي رهي يا سنڌ ڌرتيءَ جي آزاديءَ ۽ ناموس لاءِ ارغونن سان مُقابلو ڪري. دولهہ دريا خان هِن ڌرتيءَ جو نمڪ حَلال فرزند هئو ۽ وطن سان وفا نڀائيندي ڄام فيروز کي ٺٽي شهر ۾ ئي ڇڏي پنهنجي پٽن ۽ پنهنجي لشڪر سميت وڃي ارغونن کي للڪاريائين. ٽن پهرن تائين وڙهندو رهيو ۽ شهيد ٿيڻ تائين ارغونن

سان مُقابلو ڪندو رهيو ۽ رَت جي آخري ڦُڙي تائين ڪين سنڌ جي گاديءَ واري شهر ٺٽي ۾ پير پائڻ نہ ڏنائين ۽ پنهنجي تن پُٽن ۾ ساڻئين سُوڏو شهيد ٿي ويو.

دولهہ دريا خان جي شهادت کان پوءِ ارغونن جو قابض لشڪر ٺٽي شهر ۾ داخل ٿيو تہ ڄام فيروز شهر ڇڏي ڀڄي ويو ۽ ارغونن 10 ڏينهن تائين شهر کي لُٽيو ۽ ڦُريو هو. هتي جي علم، ادب ۽ تاريخ جي ڪُتب خانن کي ساڙيو ويو ۽ پوءِ سنڌ جا حاڪم ٿي ويهي رهيا. ٿوري ئي مُدي اندر ڄام فيروز واپس اچي ارغُونن کان معافي ورتي ۽ زمين جو هڪ محدود ٽُڪرو وٺي ويهي رهيو.

دولهہ دريا خان جي مزار مڪليءَ جي قبرستان ۾ آهي جنهن جي چوديواريءَ جو بُنياد پاڻ پنهنجي زندگيءَ ۾ ئي پنهنجي بادشاهہ سلطان نظام الدين جي مقبري جي ٿوري مفاصلي تي رکيو هُئائين، جنهن کي سندس شهادت بعد سندس پُٽ ۾ ساڻئين مڪمل ڪرايو. نواب دولهہ دريا خان جي پڳدار مزار ۽ ننڍي قلعي نُما چوديواري ڏسڻ سان ئي اهو احساس اُڀري ٿو تہ ڪو وڏو دلير سپهہ سالار سُتو پيو آهي. سندس آخري آرام گاهہ سندس شايان شان آهي جيڪا پٿر جي چٽ سالي ۽ اُڪر جي هُنرن ۾ فن جو هڪ شاهڪار آهي. سنڌ جي هِن حَلالي پُٽ پنهنجي پُوري زندگي سنڌ جي آزاديءَ ۽ خوشحاليءَ لاءِ پتوڙيندي گُذاري. سندس شهادت کان پوءِ بہ ڪيترا ئي سال سندس جاگير جا ماڻهو باغبان پرڳڻي ۽ چانڊڪا پرڳڻي جا ماڻهو جن دولهہ دريا خان جي اڳواڻيءَ ۾ صحبت ۾ ارغونن سان مُقابلا ڪيا هُئا سي ارغونن، مُغلن ۽ ترخانن سان گوريلا ويڙهہ وڙهندا رهيا ۽ پنهنجي

وطن پرستيءَ جو احساس ڏياريندا رهيا.

سنڌ جا عالم ۽ مورخ ان ڳالهہ تي مُتفق نظر اچن ٿا تہ ڄام نظام الدين جو دؤر سنڌ جي خوشحاليءَ جو اهڙو دؤر هئو جنهن جو ڪو مثال نہ ٿو ملي. هِن دور ۾ سنڌ فوجي لحاظ کان بہ مضبُوط ۽ مُنظم هُئي تہ سياسي، سماجي ۽ اقتصادي طور بہ پنهنجو مَٽ پاڻ هُئي. هِن ئي دؤر ۾ علم، هُنر، صنعت، زراعت ۽ آبپاشيءَ لاءِ جيڪي سُڌارا آندا ويا اُنهن ۾ دولهہ دريا خان جو بہ وڏو عمل دخل نظر اچي ٿو. دولهہ دريا خان جي بهادريءَ، ڏاهپ ۽ وطن پرستيءَ جو سنڌ جي تاريخ ۾ هڪ مثالي باب آهي ۽ دولهہ دريا خان سنڌ جو مثالي هيرو ۽ سُورمو ليکيو وڃي ٿو.

(روزانہ مقدمو 18 آڪٽوبر 2009ع)

حوالا:

(1) ڪتاب جنت السنڌ، صفحو 301

(2) مڪلي نامون، صفحو 178

(3) مڪلي نامون، صفحو 97

www.sindhsalamat.com

# سچل سرمست



سنڌ سونهاريءَ لاءِ مشهور آهي تہ هن پنهنجي مٽيءَ مان وقت بہ وقت مرد مجاهد، سورهيہ، انساني آزاديءَ جا علمبردار، حق ۽ سچ جا عالم ۽ شاعر، صوفي ۽ بزرگ پيدا ڪيا آهن، جن حق ۽ سچ جو درس ڏيڻ سان گڏوگڏ مظلوم ماروئڙن جي عزت ۽ آجپي لاءِ بہ پاڻ پتوڙيو آهي. سنڌ صوفي بزرگن جي سرزمين آهي، اها حقيقت آهي ليڪن هڪ ٻي حقيقت بہ ان سان جڙيل آهي جنهن کي عالم آشڪار ڪرڻ جي ضرورت آهي. اها حقيقت هيءَ آهي تہ سنڌ جي صوفي بزرگن پنهنجي درس يا شاعريءَ ذريعي وحدت الوجود، هيڪڙائيءَ ۽ انسان دوستيءَ جي پرچار سان گڏوگڏ قومي يڪجهتيءَ جي تعليم پڻ ڏني آهي ۽ پنهنجي پنهنجي وقت جي عامرن، جابرن ۽ سامراجين جي رستي روڪ ڪئي آهي ۽ عوام جي شعور کي بيدار ڪيو آهي. سنڌ جا صوفي بزرگ پنهنجي پنهنجي وقت جا انقلابي اڳواڻ پڻ رهيا آهن. جنهن حقيقت کي هميشہ پردي

۾ رکي صرف سنڌن مذهبي حيثيت کي ئي ظاهر رکيو ويو آهي، درحقيقت سنڌ جي صوفي بزرگن هن ڌرتيءَ تي ڌاڙي، ظلم ۽ سامراجيت خلاف انساني برابري، ڀائيچاري ۽ ذهني آزاديءَ لاءِ ”تصوف“ جي تحريڪ هلائي آهي جنهن جي موٽ ۾ ڪين ان وقت جي حڪمرانن جا ظلم بہ سهڻا پيا آهن ۽ اهم انقلابي اڳواڻن کي شهيد بہ ڪيو ويو آهي. جيئن شاهہ حسن ارغون پاران مخدوم بلاول تي ڪافر هئڻ جا ڪوڙا الزام هڻي گهاڻي ۾ پيڙايو ويو. ليڪن صوفي تحريڪ ختم نہ ٿي سگهي ۽ وري شهيد شاهہ عنايت جي اڳواڻيءَ ۾ تصوف جي تحريڪ طاقتور ٿي اڀري تہ ڪيس قرآن پاڪ جو واسطو ڏئي امن جي ڳالهين لاءِ گهرائي ان وقت جي ڪوڙن ۽ دوکيباز حڪمرانن شهيد ڪرايو جنهن ڪري تحريڪ ماني ٿي. ليڪن شاهہ لطيف، سچل سرمست ۽ ساميءَ پنهنجي شاعريءَ ذريعي تصوف جي پيغام کي اڳتي وڌايو ۽ صوفيت جو سفر سنڌ ۾ اڄ بہ جاري آهي. سنڌ جي صوفي بزرگن ۾ سچل سرمست جو اهم مقام آهي. سچل سرمست شاهہ عبداللطيف ڀٽائي کان پوءِ سنڌ جو ٻيو نمبر وڏو شاعر ليکيو وڃي ٿو.

سچل سرمست جو 1739ع ۾ جنم ٿيو ۽ پاڻ 1829ع ۾ وفات ڪيائون. سچل سرمست جو اصل نالو عبدالوهاب هئو ۽ سندن والد صاحب جو نالو صلاح الدين ۽ ڏاڏي جو نالو صاحب ڏنو هو جيڪو پاڻ هڪ بزرگ ۽ شاعر هئو. سندن شجرو نسب حضرت عمر فاروق رضی اللہ عنہ سان ٻڌايو وڃي ٿو. جنهن ڪري ڪين فاروقي بہ سڏيو وڃي ٿو.

سچل سرمست عشق ۽ محبت جو شهنشاهہ، انساني آزاديءَ جو علمبردار، امن ۽ اتحاد جو پيامبر ۽ وحدت الوجود جو درس ڏيندڙ 7 زبانن جو شاعر ۽ صوفي بزرگ هئو، جنهن شاعريءَ ۽ موسيقيءَ ذريعي حسن، عشق، وحدت، ڪثرت، حقيقت، معرفت ۽ انساني عظمت جي پيغام کي عام ڪيو.

سچل سائين هڪ ڪامل عارف هئو تنهن ڪري وحدت ۽ عرفات جي اعليٰ منزل تي پهچي سرمد ۽ منصور جيان ”اناالحق“ جو نعرو بلند ڪندو رهيو. جنهن ڪري کيس ”منصور ثاني“ بہ سڏيو ويجي ٿو.

جنهن دل پيتا عشق دا جام،
سا دل مستو مست مدام،
حق موجود سدا موجود.

سچل سرمست جنهن وقت ۾ پيدا ٿيو تہ ان وقت سنڌ تي ڪلهوڙن جي حڪمراني هئي. هنن جي ئي دؤر ۾ جهوڪ ۾ صوفي شاهہ عنايت ۽ سندس پوئلڳن کي شهيد ڪرايو ويو هئو ۽ جهوڪ جي درسگاهن ۽ ڪتب خانن کي ساڙي تباهہ ڪيو ويو هئو. جنهن بعد سچل سرمست واري دؤر ۾ ان وقت جي حڪمران غلام شاهہ ڪلهوڙي 1759ع ۾ هڪ فرمان جاري ڪيو جنهن موجب مذهبي ڪٽرپڻي جي قانون کي لاڳو ڪيو ويو جنهن ڪري سنڌ جي هندن کان علاوه شيعہ توڙي سني مسلمان ۽ عام ماڻهو پڻ مونجهارن ۽ مجبورين جي ور چڙهي ويا ۽ حڪومت کان بيزاري وڌڻ لڳي. ٻئي طرف ان دؤر ۾ حڪمران ڪلهوڙا هئا ۽ فوجي جرنيل ٽالپر هئا ۽

انهن حڪومتي معاملن ۾ ڪلهوڙن پاران انگريزن کي واپار لاءِ سنڌ ۾ رهايو ويو. ان دؤر ۾ حڪمرانن لاءِ قرآن شريف تي وعدا ڪري ڦري وڃڻ عام هئو ۽ پنهنجي ڌرتيءَ جا فيصلا ڌارين جي چوڻ تي ڪيا ويندا هئا اهڙي دؤر ۾ جنهن ۾ گهڻ طرفي لٽ ڦر، ڏاڍ ۽ جبر هجي ٻئي طرف مذهبي آزاديءَ جي به اجازت نه هجي اهڙين حالتن ۾ شعوروند ۽ حساس انسان ڪيئن چپ رهي سگهي ٿو. سچل سرمست جي شاعري ان وقت جي پيداوار آهي جنهن ٻاٽ انڌاري ۾ روشنيءَ جي لاٽ ٻاري سامراج سان بغاوت ڪندي عوام کي صحيح راهه ڏيکارڻ جي لاءِ جدوجهد ڪئي.

پٽيءَ چيچ نه چل، منجهه تماشي نه پوين،
گهوٽ ڪري تون پاڻ کي ڪر هنگاما هَلُ،
پول نه ٻئي ڪنهن پل، وٺج حال حلاج جو.

سچل سائين هن بيت ۾ انقلاب جو درس ڏيندي چئي ٿو ته ڌرتيءَ تي ڪائي خوشي نه آهي. پنهنجي وطن وارن لاءِ خوشيون ۽ خوشحالي آڻڻ لاءِ پاڻ کي گهوٽ ٿي ميدان ۾ لهڻو پوندو. جنگ جوٽڻي پوندي، ٻي ڪنهن پل ۾ ناهي رهڻو. منصور (حسين ابن منصورالحلاج) وارو ڏڳ وٺڻو پوندو.

ٻين صوفي بزرگن جيان سچل سرمست تي به ”حسين ابن منصورالحلاج“ جو وڏو اثر هئو. جنهن وجد ۾ اچي حق پرستيءَ جا نعرا هڻندي ”اناالحق“ جو نعرو هنيو هئو ۽ عرب ۾ عباسيه خلافت کي للڪاريو هئو جنهن ڪري ڪيس سنگسار ڪري شهيد ڪيو ويو هئو.

سچل سائين مذهبي ڪٽرپڻي، ذات پات، رنگ نسل ۽ دين ڌرم ۾ قوم ڪي ورهائڻ کان روڪيندي برابري ۽ هيڪڙائي جو درس ڏئي ٿو ته:

ڪاٿين ڏاڍو ڪاٿين هيڻو ڪاٿين جوڙ جڻياڻو پائي،
ڪاٿين ڪوري ڪاٿين موچي، ڪاٿين سيد سڏائي،
ڪاٿين ڪافر ڪاٿين مومن ڪاٿين سوريءَ سر هلائي.

سچل سرمست مذهبي فرقيواريت جو سخت مخالف هئو. ان وقت حڪمرانن جي ڏاڍ ۽ جبر کان علاوه سخت مذهبي ڪٽرپڻي جي ڪري عوام ڏکن ۽ سورن جي ور چڙهيل هئو ۽ ان وقت ۾ سچل سائين مذهب جي جبريت واري فلسفي کي مڃڻ کان انڪار ڪندي صوفي ازم(روحانيت) جو پيغام ڏئي ٿو جنهن جو مقصد آهي ته پيار ۽ محبت ذريعي انسان ۽ خدا تعاليٰ جي وچ ۾ تعلق جوڙڻ، نه ڪي جنت جي لالچ، نه جهنم جي ڊپ ذريعي مذهب جي نالي ۾ حاڪميت قائم ڪرڻ. صوفين جو چوڻ آهي ته خداتعاليٰ انسان سان محبت ڪري ٿو جنهن ڪري انسان کي پاڻ وانگر پيدا ڪيو اٿس ۽ انسان کي ذهني آزادي ڏني آهي ته پوءِ ڌرتيءَ جا وقتي حاڪم ڇو انسان کي غلام بڻائڻ لاءِ سندس سوچ ۽ ذهن کي پنهنجي تابع ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا.

سچل سرمست جو حق ۽ سچ جو درس پوري انسان ذات لاءِ آهي. سندس فلسفي موجب رنگ، نسل، طبقي ۽ عقيدي جي قيد مان آزاد ٿي انسان جي عظمت کي سڃاڻڻ جو درس ملي ٿو:

ڪو ڪيئن چوي ڪو ڪيئن چوي،

ڪو ڪافر چوي ڪو مومن چوي،
مان جو ئي آهيان سو ئي آهيان.

سچل سائين انسان ذات کي ٽڪرن ۾ ورهائجڻ کان روڪيندي اتحادِ انسانيءَ لاءِ جدوجهد ڪئي. سندس ڪلام 936636 اکرين نَوَ لک ڇٽيهه هزار ڇهه سئو ڇٽيهه بيتن تي مشتمل آهي.

سچل سرمست جي ڪلام ۾ انساني عظمت، ذهني آزادي، ظالماڻي ۽ جابراڻي نظام کان بغاوت، انسان دوستي، محبت ۽ ڀائيچاري جو درس سمايل آهي. سندس فڪر ۽ فلسفي موجب انسان خداوندي جو مظهر آهي.

سچل سائين دين ڌرم جي فاصلن کي متائيندي پنهنجي ڪلام ۾ روحانيت جي رنگ کي عام ڪيو جنهن ڪري سندس ڪلام مسلم توڙي غير مسلم ۾ يڪسان مقبول ٿيو آهي.

نا مين ملا نا مين قاضي، نا مين سبق پڙهاوان،
نا مين ڪعبہ نا مين قبلہ مڪي مول نہ جاوان،
نا مين سني نا مين شيعا، سيد ڪيون سڏاوان،
نا مين نانڪ نا مين لڇمڻ، گنگا مول نہ جاوان،
يار تہ ميڏا درس درازي، سچو نانءُ سڏاوان.

سچل سرمست محبتـ۽ ڀائيچـاري ج ي دس ذ ريعي- دين-۽ ڪفر ۾ ٿاهہ ڪرائڻ پئي چاهيو جنهن ڪري سندس مٿان مولوين فتوائون جاري ڪيون ۽ حڪمران ناراض ٿيس ليڪن سچل سائينءَ پنهنجي انسان دوستيءَ ۽ اصول پرستيءَ تان هٿ نہ کنيو ۽ ثابت قدم ٿي صوفين جي پيغام کي عام ڪندو رهيو ۽ ذري برابر بہ

مصلحت يا اصولن تي سوديبازي نہ ڪئي. سچل سرمست حق ۽ سچ، محبت ۽ ڀائيچاري جي پيغام کي بهادريءَ ۽ بيباڪيءَ سان اڳتي وڌائيندو رهيو.

سچل سرمست انساني عظمت کي روشناس ڪرائڻ لاءِ امن ۽ محبت جي پيغام کي عام ڪرڻ لاءِ سنڌيءَ کان علاوه سرائڪي، اردو، فارسي، پنجابي ۽ هندي زبانن ۾ بہ شاعري ڪئي ۽ ڪوشش ڪئي تہ هن خطي ۾ امن ۽ ڀائيچارو قائم ڪري ترقي ۽ خوشحالي ڏياري سگهجي.

اڄ جي دؤر ۾ بہ سچل سرمست جي درس ۽ فلسفي جي سخت ضرورت آهي. اڄ بہ سندس ڪلام ۾ حق ۽ سچ، امن ۽ ڀائيچاري ۽ انساني برابريءَ جو ڏيئو روشن آهي جنهن جي روشني ۽ سرهاڻ کي ڦهلائڻ جي ضرورت آهي تہ جيئن سندس فڪر ۽ فلسفي ذريعي مسڪين ماروئڙن جي ڏکن ۽ سورن کي گهٽائي سگهجي ۽ سنڌي قوم کي قبيلائي ويڙهاند کان پاسي ڪري قومي يڪجهتيءَ جي پليٽ فارم تي گڏ ڪري سامراجي ڦرلٽ جي رستي روڪ ڪري سنڌ وطن جي خودمختياري ۽ سنڌي قوم جي خوشحاليءَ جي جدوجهد لاءِ عوام کي ڪوڙ ۽ مڪاريءَ جي ماحول کان پري ڪري سچل سرمست جو حق ۽ سچ وارو دڳ ڏيکارڻ جي ضرورت آهي.

سچل سارو سچ...............................حق موجود، سدا موجود

(روزاني عوامي آواز 5 سيپٽمبر 2009ع)

سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊيجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو ڪيو آهي ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ مشاهدن کي کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن جن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي پر اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو پورو ساٿ نڀائيندا.

## سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

# تعارف



عنايت ڪتياڻ پيرڳوٺ جي معزز عالمن ۽ شاعرن جي گهراڻي ۾ صوفي شاعر عنايت الله (جنهن جي شاعري جو ڪتاب ”چپيل“ آهي) جي فرزند آخوند ابوبڪر ڪتياڻ جي گهر 11 جنوري 1961ع ۾ پيدا ٿيو. سندس نالو جيڪو سندس پڙڏاڏي صوفي شاهہ عنايت کان متاثر ٿي پنهنجي پٽ تي رکيو هو اهوئي نالو سندس والد هن تي رکيو، ان نالي سندس مزاج مٿان وڏو اثر ڪيو. ٻيو سندس جنم ڀومي پير ڳوٺ جيڪو ڪنهن وقت حريت پسند حرن جو مرڪز رهيو جتي پير راشد روحانيت جا درس ڏنا ته سندس فرزند صبغت الله شاهہ اول 1815ع ۾ حر تحريڪ جو بنياد وجهي انگريزن خلاف آزاديءَ لاءِ هٿيار بند جدوجهد جي شروعات ڪئي جيڪا صبغت الله شاهہ ثاني جي شهادت تائين جاري رهي. انگريزن پير ڳوٺ ۾ بمباري ڪري ڪنگري هائوس کي ڊاهي سوين آزادي پسندن کي ماريو ۽ ڪين ٻارين ٻچين قيد ڪيو. ان جو عنايت جي زندگي جي شعور ۽ لاشعور تي ڀرپور اثر رهيو. ان ڪري عملي زندگيءَ ۾ به صوفياڻي مزاج هوندي همت، استقامت، جرأت، ڏاهپ ۽ حڪمت سان هلڻ جو قائل رهيو آهي. آزادي، انساني وقار، ڌرتيءَ سان محبت ۽ خدمت خلق سندس فطرت جو دائمي حصو بڻجي وئي.

پرائمري کان ميٽرڪ تائين پير ڳوٺ ۾ پڙهڻ کان پوءِ هائر ايجوڪيشن لاءِ وري به آزادي پسندن جي مرڪز ڊگري ڪاليج سکر ۾ داخلا ورتائين جتي جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو ڀرپور اثر هو. ان دوران مان جساف جو آرگنائيزر ۽ ڪاليج جي يونين جو جنرل سيڪريٽري چونڊيو ويس. ان اليڪشن جو خصوصي طرح سان سڄي سنڌ ۾ چرچو هو ڇاڪاڻ ته پي پي جي گورنمينٽ هوندي جتي ايس پي ۽ ڊي سي سپاف اميدوارن جي ورڪ ڪري رهيا هئا ۽ جساف جي اميدوارن تي ڪيترائي ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا ويا. ان دوران سپاف هٿان ڦهريون جيئي سنڌ جو شاگرد اڳواڻ علي احمد نائچ شهيد ڪيو ويو جنهن ۾ مان پڻ رخمي ٿيس، تنهن هوندي به سپاف جي جنرل سيڪريٽري جي اميدوار سردار مشتاق ڊومڪي کان اليڪشن وڏي اڪثريت سان کٽي. اهڙي ماحول ۾ عنايت شاگرد سياست جي شروعات سائين جي.ايم سيد جي فڪر سان واڳيل تنظيم جساف ۾ شامل ٿي ڪئي. عنايت شروع کان وٺي سلڇڻو، سمجهدار، بردبار، حساس، درگذر ۽ برداشت ڪرڻ وارو همدرد، بي لوث، فهميدو، هردل عزيز، خوش مزاج ۽ خوبصورت دل ۽ دماغ جو مالڪ رهيو آهي. سنڌ ۽ سيد سان سندس جهڙوڪ ازلي ناتو هجي جنهن جو مثال هي ڪتاب آهي جنهن ۾ سنڌ جي تاريخي ماڳن جو نئين انداز سان تحقيقي جائزو وڏي محنت ۽ محبت سان ورتو ويو آهي.

اميد ٿي ڪجي ته عنايت پنهنجو هي علمي پورهيو هميشه جاري رکندو.

**سيد غلام شاهہ**
15 اپريل 2017ع
ڪراچي

www.sindhsalamat.com